استوا جي سج وانگر عين ڪمال فروغ حاصل هو ان وقت وري شيخ جي تشريف آوريءَ جي خبر ملي. استقبال ڪري ڪمال تعظيم سان آندا ويا ۽ جشن- شادي ڪري پنهنجو نياڻو بنايائين ۽ عبادت جي سهولت لاءِ آرام ۽ آسائش جو بهشت نما گهر تيار ڪرائي دنياوي اسبابن سان جيترو ٿي سگهيو جهيز جي صورت ۾ پيش ڪيائين. پاڻ پيش ٿيل هديو ساڻين کي جيڪي صاحب احتياج هئا ۽ بين شهر جي باشندن کي عام طور تي تقسيم ڪري ڇڏيو ۽ باقي عمر ظاهري باطن جو درس ڏيندا رهيا. گهٽا طالب ڪامياب ٿيا. هڪ ڏينهن سلطان عرض ڪيو ته جهڙي طرح زندگيءَ ۾ هميشه خدمت ميسر آئي آهي جيڪڏهن رحلت کان پوءِ به هڪ ئي جاءِ تي قبر ناهي وجي ته بنهين جهانن جو ڪم نهي پوي. جڏهن پاڻ ڪوچ فرمايائون ته قرارداد موجب کين سلطاني مقبري ۾ دفن ڪيو ويو. ۽ ڏينهن کان پوءِ سلطان کي به واپسيءَ جو سفر درپيش آيو. ملڪ جي سردارن اتفاق سان شيخ جي قبر کان مٿاهين جاءِ تي سلطان جي قبر جو تعويذ ناهيو. سلطان مرحوم پنهنجي پٽ سلطان غياث الدين کي خواب ۾ هدايت ڪئي ته محمود جو جسم زمين مان ڪڍي شيخ جي تربت کان هينائين جاءِ تي دفن ڪرڻ گهرجي. عاقلن غور ۽ فڪر ڪري چيو ته بهتر اهو آهي ته شيخ جي قبر سلطان جي قبر جي برابر ۾ بنائي وجي. ان وقت شيخ الاسلام جو فرزند شيخ بدها جيڪو سجاده نشين هو. بيان ڪيو ته اڄ رات جي مهلت ڏني وجي سياڻي جيئن مصلحت معلوم ٿي عمل ڪجي. چنانچ انهيءَ ڏينهن ڪم بند رهيو. رات جو شيخ جي قبر مٿاهينءَ تي هلي وئي. اڌ رات جي وقت قبر جي سرڪڻ جو آواز مقبري جي مجاورن ۽ بين ماڻهن ٻڌو. صبح جو جڏهن هيءَ ڪرامت ڏني وئي ته سلطان غياث الدين کي ۽ شهر جي سڀني ننڍن وڏن کي سخت حيرت ٿي ۽ عقيدت به وڌي.

شيخ محمد پور عيسيٰ رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

کين محمدي ولايت جا ڪمالات حاصل هئا. زياده عمر جي ڪري نوح عـ جا شريڪ هئا ۽ جن وانس جي بيعت ۽ تلقين ۾ پير هئڻ جو مرتبو حاصل هئن. ظاهري علم ۽ اندروني بصيرت جو سرمايو کين شيخ فتح الله اوڏيءَ جي تعليم ۽

www.maktabah.org

رهنمائي مان مليو هو جن کي ماڻهو بدايوني ۾ چوندا آهن. هميشہ گوڏن تي مٿو رکي مراقبي ڪرڻ سبب ڪمان وانگر سندن چيلهه جهڪي پئي هئي. سڄي زندگيءَ جو زمانو اڪيلائي ۽ تجريد ۾ گذاريائون. انهيءَ خوف کان تہ نظر عورت تي نہ پئي آسمان ۽ زمين ڏي ڪڏهن ۽ گهوري نہ ڏنائون. هجري سنہ اٺ سؤ ستر تاريخ چوويهين ربيع الاول امڪان جي طلسمي ڪارخاني (دنيا مان) وجوب جي حقيقي فضا (عالم ارواح) ڏي ڪوچ فرمايائون. سندن مريدن ۽ خليفن ۾ اٽويهہ شخص وڏا بزرگ آهن. انهن مان هڪ شيخ بدها حقاني هو. جن جي رهنمائيءَ جي شهرت سلطان حسين شرقيءَ جي زماني ۾ عام هئي ۽ پيو بهاءُالدين نٿو- ٿيون شيخ سونڌو بنارسي ۽ چوٿون شيخ احمد عيسيٰ ۽ هو. جيڪو ظاهر وانگر معنيٰ ۾ ۽ ساڻن نسبت برداري رکندڙ هو.

مولانا نظام الدين نهر والا قدس سرہُ ؒ جي ياد ۾

پاڻ رسمي علم جا عالم ۽ مستجاب الدعوات هئا. گهٽو ڪري سندن دعائن جو تير نشاني تي لڳندو هو. چون ٿا تہ پاڻ هميشہ شاهہ احمد آباد کان ايتريقدر معاش جي ذريعي جي درخواست ڪندا هئا جيڪا زندگيءَ جي ضرورت لاءِ ڪافي هجي. ليڪن قبوليت جو جواب ٻڌڻ ۾ نہ ايندو هو ان ڪري شڪستہ دل رهندا هئا. هڪ ڏينهن شاهہ احمد آباد ايترو تہ سخت پيٽ جي سور ۾ مبتلا ٿيو جو ڪنهن ۽ درويش جي دعا ۽ ڪنهن ۽ طبيب جي دوا ڪارگر نہ ٿي. شاهہ جا خير طلب ماڻهو شيخ احمد کهٽو قدس سرہُ جي خدمت ۾ ويا ۽ احتياج پيش ڪيائون. فرمايائون تہ هن بيماريءَ جو سبب برادرم نظام الدين جي ناخوشي آهي. ان جي دعا کان علاوہ ڪوبہ علاج ڪونهي. لاچار مولانا جي نزديڪ حاضر ٿي گذريل حقيقت نيازمنديءَ سان عرض ڪيائون. فرمايائون تہ مان انهيءَ شرط سان دعا ڪندس تہ بيمار سڀني عالمن ۽ محتاجن جا حقوق شريعت جي فرمان جي مطابق هر سال بيت المال مان ڏيندو رهي. جواب ۾ عرض ڪيو ويو تہ مستحقن کي انهن جي حقن کان زياده پهچائيندا سين: فرمايائون تہ اسان جي عادت توهان جي عادت وانگر نہ آهي. اسين حق واجب کان وڌيڪ نہ چونداسين. مطلب تہ شرط قبول ڪري حڪم جي تعميل عمل ۾ آئي هيڏانهن فوراً شاهہ جو

www.maktabah.org

درد دور ٿي صحت حاصل ٿيس. چون تا ته ان کان پوءِ بيت المال مان جيکي کجهه کين پهچندو هو ان مان جنهن سال ۾ خرچ کان وڌيڪ جيکو بچي پوندو هو اهو خزاني جي داروغي کي پاڻ واپس ڏئي ايندا هئا. خدا کري ته هيءَ نصيحت پريل ذکر واليان ملک جي لاءِ جيکي مستحق درويشن جا حقوق پهچائڻ ۾ کوتاهي کندا آهن. عبرت جو باعث بنجي.

ملک شرف الدين شاهه شهباز رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

پاڻ احمد آباد گجرات جا آهن. جڏهن سندن عمر پنج سال هئي ته سندن والد بزرگوار ملک عبدالقدوس ناراض ٿي سپهه داريءَ جو عهدو چڏي سڪونت ترڪ کري خانديس هليا ويا هن صوبي جي حاڪم به احمد آباد جي واليءَ وانگر سندن والد جو اعزاز کيو پاڻ ان وقت مڪتب ۾ پڙهندا هئا. ليڪن جيتري عمر ۽ عقل وڌندا ٿي ويا اوتري رسمي علمن سان دلچسپي به زياده ٿيندي ٻئي وئي. جڏهن والد بزرگوار هن جهان مان رخصت ٿيا ته حاڪم کين والد جي منصب تي سڏايو مگر پاڻ قبول نه کيائون ۽ عقلي علمن حاصل ڪرڻ ۾ کوشش شروع کيائون. هڪ دفعي خدا طلبي ۽ خدا شناسيءَ جو درد ۽ شوق دل ۾ پيدا ٿيو. هاڻي همٽ جي پيرن سان پير طريقت جي تلاش شروع کيائون. انهن ڏينهن ۾ مخدوم شيخ احمد کهٽو ۽ قطب زمان شاه علي خطيب قدس سرهما احمد آباد ۾ هئا. ۽ درست اعتقاد وارن طالبن جي رهنمائيءَ ۾ ڪامل طور مشهور هئا. پاڻ گهريائون ته سندن درد جي دوا انهن بنهين صاحبن مان کنهن جي خدمت ۾ حاضر ٿي طلب ڪن. انهيءَ ڪشمڪش ۾ هئا ته هڪ رات خواب ۾ ڏٺائون ته شاهه علي خطيب پنهنجو مريد تلقين جي چاشنيءَ سان شيرين ڪم ڪيو آهي ۽ خلافت جو خرقو پارائي فرمايائون ته جيکو خرقو بغير صحبت جي هوندو آهي اهو بغير ميوي جو وڻ هوندو آهي. صبح ٿيندي جيکي کجهه نقد ۽ جنس هئن سي محتاجن ۾ تقسيم کري چڏيائون ۽ هٿين خالي احمد آباد جو رستو ورتائون. جڏهن پير کين پري کان ڏٺو ته مسکرايو. عالم مثال جو ملاقاتي اچي ويو. چند سالن کان پوءِ جڏهن خدمت جي ڪري معرفت جا عالي مرتبا حاصل ٿين ته رخصت

www.maktabah.org

ملي مگر ٽن شرطن تي پهريون وطن ڏي وڃجانءِ ٻيو خدا جو ٿي رهجانءِ ٽيون ماڻهن جي رهنمائي ڪجانءِ. مجبوراً پاڻ خانديس آيا ليڪن هڪ جبل جي دامن ۾ رهائش اختيار ڪيائون. ۽ مڪار نفس جي جنگ ۾ هر طرح جون رياضتون ڪري خدا پرستيءَ جو معرڪو ڪٽي ورتائون. انهيءَ عرصي ۾ پير جي باطن کان خواب ۾ اشارو ملين ته حضور حقيقت کان ماڻهن جي رهنمائيءَ واسطي شهر ۾ سڪونت اختيار ڪرڻ جو حڪم تنهنجي نالي صادر هو. تون انجي برخلاف صحرا نشين ٿي ويو آهين. پاڻ هن کي خيالي خواب سمجهي وري پير جي خدمت ۾ روانو ٿيا. خدمت ۾ پهتا ته اتي به عالم مثال جو اشارو ملين ۽ پهرين ئي رات خواب ۾ ڏنائون ته قيامت جو شور برپا آهي ۽ ماڻهو هر طرف پريشان ڊوڙندا ٿا وتن. سندن پير حضور خاتم النبين عليه السلام جن جي چيلهه مبارڪ ۾ هٿ وجهيو بينا آهن ۽ پاڻ پنهنجي پير جي چيلهه ۾ مضبوط هٿ وجهيو بينا آهن ۽ اهڙيءَ ئي شڪل سان هڪ جبل تي چڙهي رهيا آهن ۽ اهڙي ئي طريقي سان سندن پٺيان بي شمار جماعت هڪ ٻئي جي چيلهه ۾ هٿ وجهيو سندن ويجهو اچي رهيا آهن. پير هي خواب ٻڌي فرمايو ته اها جماعت سڀ تنهنجي پيروي ۽ رهنمائيءَ سان ڪرامت ۽ ولايت جي درجي تي پهچندي. لهذا آئنده ماڻهن سان ملڻ کان ڪناري ڪشي نه ڪندا ڪيو. وڌيڪ پير ٻن پٽن جي به خوشخبري ٻڌائي ۽ فرمايو ته اهي ٻئي پٽ عالم دنيا ۽ عالم غيب ۾ مشهور ٿيندا ۽ نفس ۽ شيطان رجيم تي فتح حاصل ڪندا. هڪ جو نالو عبدالرحيم ۽ ٻئي جو نالو عبدالڪريم هوندو. لاچار پاڻ برهانپور ۾ اچي شادي ڪيائون ۽ پوءِ ٿوري عرصي کان پوءِ پير جي فرمان مطابق زندگانيءَ ۾ ميوو آيو. چاهٺ سال هدايت جي مسند تي ويهي رهنمائي ڪندا رهيا. ۽ انهن ٻنهين پٽن به عالم غيب کان اچي دنيا ۾ سلف الصالحين جي رفتار رکي. انهن پٽن کان علاوه ٻيا گهڻا ماڻهو سندن خدمت سان انهيءَ درجي تي پهتا جو پاڻ به خليفا ٿيا ۽ ٻين کي به پنهنجو خليفو بنايائون. انهن مان ڪن جا احوال جدا لکيا ويندا جن جي خدمت راقم کي به حاصل ٿي آهي يا جن جا حالات ماڻهن جي زباني ٻڌڻ ۾ آيا آهن.

مسند نشينيءَ ڪانپوءِ سندن طريقو بيان ٿو ڪجي (1) دنيادارن جي دروازي تي ڪڏهن به نه ويا ۽ ڪنهن جي ڪاڏي مان لقمو نه کنيائون. (2)

www.maktabah.org

جڏهن بہ کو مشکل پيش ايندو هو تہ جنگل ڏي هليا ويندا هئا ۽ بہ رکعتون نفل پڙهي مراقبي ۾ ويهي رهندا هئا ان وقت حضرت غوث الثقلين سيد محي الدين جيلاني قدس سرهٗ مشکي گهوڙي تي سوار کين نظر ايندا هئا ۽ نهايت آسان شڪل سان مشڪل کي حل فرمائيندا هئا. (3) هڪ ڏينهن ظهر نماز جو وقت هو پاڻي ڳوليائون تہ نہ مليو. انهيءَ خوف کان تہ نماز نہ نڪري وڃي. هڪ ديڳ باهہ تي رکيل هئي جنهن ۾ پاڻي ٿهڪي رهيو هو ان ما پاڻي ڪڍي وضو ڪيائون ۽ ماڻهن کي ابراهيمي معجزو ڏيکاريائون. (4) شب قدر کي ڏنو هئائون. (5) خواجہ خضر جي ملاقات ڪئي هئائون. (6) پنهنجي آخرين سفر جو اطلاع ماڻهن کي نَوَ ڏينهن اڳواٽ ڏئي ڇڏيو هئائون ۽ انهيءَ عرصي ۾ سيني کي رخصت ڪري ڇڏيو هئائون فرمايو هئائون تہ مون وٽان گهڻا ماڻهو پنهنجا مقصد حاصل ڪندا هئا هاڻي بہ جيڪو شخص يڪسو ٿي منهنجي قبر جي طرف متوجہ ٿيندو تہ جيڪو مشڪل ان جو هوندو اُهو الله تعاليٰ پنهنجي ڪرم سان پورو ڪندو. اڄ تائين سندن فرمان بااثر آهي جڏهن نائين ڏينهن شام ۽ شام کان پوءِ رات ٿي تہ پاڻ اڌ رات جي وقت هڪ خادم کان پڇائون تہ ڪيتري رات گذري وئي آهي. غلطيءَ سان هن جي زبان مان نڪتو تہ اشراق جو وقت آهي. پاڻ مسڪرائيندي فرمايائون تہ ها درست آهي ۽ انهيءَ ئي وقت سندن روح حق سان واصل ٿيو. انهيءَ وقت شيخ پيرو نالي هڪ شخص باهر نماز پڙهي رهيو هو انهيءَ نور جي هڪ مشعل کي ڏٺو تہ حجري جي ڇت ٽوڙي باهر نڪري وئي اهڙي تہ چمڪ ڏمڪ هئي جو هن کي سج ايرڻ جو شڪ ٿيو ۽ بي اختيار سبحان ربي الاعليٰ چئي زمين تي سر رکيائين.

شيخ حسن محمد اساولي رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

سندن اصلي نالو اڏن آهي ۽ اساول احمد آباد ۾ هڪ شاهراه آهي. پاڻ عالم ارواح ۽ عالم اجسام ٻنهين جي رمزن کان آگاه ۽ عقلي نقلي ڪتابن جا عالم هئا. تجريد ۽ تفريد سان کين دلبستگي هئي. هجري سنہ اٺ سؤ ڇوڏهن ۾ سندن مثالي صورت عنصري لباس پائي عالم اجسام ۾ جلوه گر ٿي. هجري سنہ اٺ سؤ سترهن تاريخ تيرهين شوال تي اصل وطن جي طرف جيڪو الاهي

www.maktabah.org

آهي، خاڪي مڪان کي ڇڏي ويا. گهٽن مشائخن سان ملاقات ڪيائون ۽ فائدو حاصل ڪيائون ليڪن خلافت ۾ن جاين کان مليل اٽن. پهريون خرقو رهنمائي سيد برهان الدين قطب عالم بخاري گجراتيءَ کان مليون ان کان پوءِ اجازت جي دستار شيخ نصير جمال نوساريءَ مٿي تي رکين. خوابگاه اساول.

شيخ نجم الدين منڊويؒ جي ياد ۾

پاڻ هميشه خوش دل ۽ بلند همٽ رکندڙ هئا. سيد نظا الدين ابن سيد مبارڪ غزنوي جا پٽ آهن. جواني جي شروعات ۾ ئي خداشناسيءَ جي هوا مٿي ۾ پرين. لهذا پهريائين نظام العرفاءَ جي خدمت ۾ مريد ٿيا ۽ ڪافي عمر تائين اميدوار رهيا ته معنوي ڪشف ۽ معرفت حاصل ٿئي ليڪن انهيءَ آرزو جو قفل نظام العرفا جي ڪنجيءَ سان نه ڪليو. لاچار پير جي احازت سان روم جو سفر اختيار ڪيائون. ان ملڪ جي دارالسلطنت ۾ پهتا ۽ اتي شيخ خضر روميءَ جي خدمت حاصل ڪيائون، جيڪو قطب الاولياء ڪاڪي رحه جي خرقي پوشن مان آهي. فرمائن تا ته الاهي معرفت جي باري ۾ نجم الدين جو ادراڪ بلڪل افسرده هو. مگر ايزدي مشيئت ۽ پيربزرگوار جي بشارت جي بدولت شيخ خضر روميءَ جي عيسوي ديدار پهرين نوبت ۾ ئي نجم الدين جي آرزوءَ ۾ طراوت حيات پيدا ڪئي. آخرڪار پاڻ قلندرن جي حلقي ۾ شامل ٿيا ۽ هڪ عرصي تائين ان ملڪ جو سير ۽ سياحت ڪندا رهيا. پوءِ الاهي تقدير کين ملڪ هندستان ۾ ڇڪي آندو. جڏهن پاڻ منڊو (مانڊو) ۾ آيا ته هتان جي آب و هوا پيرن جي زنجير بنجي سفر کان مانع ٿي. هر هڪ گروه جا بزرگ ساڻن محبت ڪرڻ لڳا جنهن جي ڪري مسافرت جو خيال دل مان نڪري وين. منصف بادشاهه جي درويش پرستي ۽ نيازمندي به سندن دلچسپيءَ جو باعث ٿي. ۽ جيڪي صاحب مڪمل اڪيلائيءَ ۾ گوشي نشين هئا انهن جي صحبت ڪجهه اهڙي ته پسند آين جنهن جي چاشنيءَ جي مقابلي ۾ سياحت جي حلاوت کين ڪوڙي محسوس ٿيڻ لڳي. مطلب ته جن نمونن ۽ قسمن جي رعنائي ۽ دل ربائي هن اسلامي شهر ۾ سيني طرفن کان انهيءَ زماني ۾ هئي،اها سندن طبيعت ۽ لقب لاءِ اطمينان بخش بڻي. ۽ اهڙي طرح پاڻ قلعي جي دامن ۾

www.maktabah.org

ڳوٺ نعلجہ جي ڪناري چندلاو تلاءَ جي ڪناري جي لڳ **جَنّٰتٌ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ** (اهڙا باغ آهن جن جي هيٺان نهرون وهي رهيون آهن) گوشي نشين ٿي ويا. تقريباً ٻہ سؤ سالن جي عمر هئن هجري سنہ اٺ سؤ ٻاونجاهہ ۾ روحاني عالم ڏانهن عزم فرمايائون. هي اُهي ڏينهن هئا جو سلطان هوشنگ غوري ابن دلاور خان جي عروجي زماني جي لاءِ مالوه ۾ ٻنيهرن جو وقت ٿي ويو هو.

سندن وڏيون وڏيون ڪرامتون ماڻهن جي زبانن تي آهن چون ٿا تہ هڪ رات چراغ (ڏئي) ۾ تيل ڪونہ هو. خادم تيل جي جاءِ تي ٽورو پاڻي وجهي جلايو. تيل وانگر ٻرندو رهيو. بعد ۾ هڪ عرصي تائين تيل جي جاءِ تي پاڻي ٻرندو رهيو. جيئن تہ خادم جو حوصلو هن راز جي حفاظت نہ ڪري سگهيو ۽ اهو راز هن جي وات مان نڪري ڪنن تائين پهتو تہ پاڻيءَ تيل جو ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏنو. هي بلڪل سچ آهي تہ اوليا ۽ اتقيا جا اڪثر تصرفات ظاهر ۽ ثابت ٿيڻ لاءِ لازمي شرط هي آهي تہ تصرفات جو بيان نہ ڪيو وجي ۽ اُهي ڪنن تائين نہ پهچن. پوءِ جڏهن اهل ڪرامت شرطن جي ادا ڪرڻ ۾ ڪوتاهي ڪندا آهن تہ الله پاڪ ٻہ ڪرامت جو شرف انهن کان واپس ٿو وٺي. **اِنَّ اللّٰهَ لَا يُغَيِّرُ مَا بِقَوْمٍ حَتّٰى يُغَيِّرُوْا مَا بِاَنْفُسِهِمْ** (جيستائين ڪا قوم پنهنجي ذاتي صلاحيت کي نہ بدلائي خدا ان ۾ ڪنهن ٻہ قسم جي تبديلي نہ ٿو ڪري) انهيءَ ڳالهہ جي دليل آهي.

واضح هجي تہ جيڪا جزا تڪليف ۽ عذاب کي- ۽ جيڪا پاداش محنت ۽ مشقت سان شامل هوندي آهي اهو ٻانهن (بندن) جي ناهموار افعالن جو عڪس آهي. جيڪو آفريدگار عالم جي عدالت ۽ حڪمت جي آئيني سان منعڪس هوندو آهي. **فَلَا وُجُوْدَ لِلْعَكْسِ دُوْنَ الْاَصْلِ** ـ

شاهہ قطب الدين بصير جونپوري جن کي طريقت ۾ اعليٰ مرتبو ۽ حقيقت ۾ قطبي درجو حاصل هو. نجم السادات منڈويءَ کان بصيرت جو فيض حاصل ڪيو ۽ سندن بدولت شاهہ قطب الدين جو سلوڪ ڪمال جي حد تي پهتو هو. شاهہ قطب الدين جن جي خوابگاه جونپور ۾ آهي.

ٻيو شاهہ نصيرالدين جونپوري هئا. جيڪي جونپور جي پسگردائيءَ ۾ نالي وارن مشائخن ۾ شمار ٿيندا هئا. شاهہ قطب الدين بصير جا مريد آهن.

www.maktabah.org

سلوڪ جي آغاز ۾ پنهنجي پيرن جي پيروي ڪري قلندراڻي لباس ۾ رهندا هئا. مگر آخر ۾ اهو لباس موقوف ڪري ڇڏيائون. ۽ صوفين جو خرقو پاتائون. تقويٰ جي حد کان ڪڏهن به ذرو به نه هٽيا. ليڪن شاهه نصير الدين جا مريد اڪثر قلندري لباس ۾ رهندا آهن. مريدن ۾ هڪ سيد عالم جونپوري آهي. جيڪو ڪجهه عرصي تائين عالم ڪون و فساد ۾ قطب هو. هميشه پنهنجي گدائيءَ ۾ مليل ٻين حاجتمندن تي خرچ ڪندا هئا. چون ٿا ته شيخ امان پاڻي پٽ وارو شروعات طلب ۾ سيد عالم جونپوريءَ سان ئي بيعت هئا. جيئن ته سيد عالم جي هدايت سان شيخ امان جو ڪمال نوشته تقدير نه هو. ان ڪري کو مقصد حاصل نه ٿيو لاچار هي جاءِ تي ويا ۽ شيخ مودود لاريءَ جي خدمت سان ڪامياب ٿيا هيءَ سرگشت تفصيل سان ذڪر امانيءَ ۾ لکي ويندي. **بعونِ اللهِ وَتوفيقه.**

جڏهن پاڻ رحلت فرمايائون ته چند سالن کان پوءِ سلطان غياث الدين احمد خلجيءَ سندن قبر تي انهيءَ ئي تلاءَ جي ڪناري تي هڪ گنبذ تعمير ڪرايو هو. اڄ ڏينهن تائين هجري سنه هڪ هزار ايڪيهه آهي عمارت ۾ رونق ۽ تازگي موجود آهي. زمين ۽ آسمان جو خالق ان کي آفتن کان محفوظ رکي.

سيد احمد حامدؒ جي ياد ۾

پاڻ محمود جا پٽ ۽ پنهنجي چاچي بزرگوار سيد حسين نهروالہ جا مريد ۽ خليفا آهن. تحرير ۽ تفريد ۽ تحقيق و توحيد جو رستو هلڻ وارن جا پيشوا- عشق ۽ شيفتگيءَ جي درياه ۾ غرق- ۽ شوق و آرام جي باهه ۾ ٻريل هئا. نهروالہ جي صحيح بيان ڪندڙ راوين جي مڪتوبات مان نقل آهي ته جڏهن سندن دل کي ڪمالات سان تونگري جو سرمايو حاصل ٿيو ته سندن ڏاڏي بزرگوار جسماني عالم ڪان دارالقرب روحانيءَ ڏي انتقال ڪرڻ وقت کين جانشين ڪيو. خلافت جو خرقو ۽ اجازت جي سند سندن سپرد ڪري. رهنمائيءَ جي دستار سندن مٿي تي رکي فرمايو ته احمد درويش جي واسطي بهتر هي آهي ته پنهنجي حجري کان هر هڪ ضرورت لاءِ باهر نه نڪري ۽ پنهنجو پير ڪنهن شخص جي گهر جي آمدورفت ۾ رستي کان آشنا نه ڪري. مگر ڪڏهن

www.maktabah.org

کڈھن کنهن خاص ضرورت سان بیابان ڈي پنهنجو وڃڻ جائز سمجهي مرشد جي نصيحت جي برڪت سان گهمڻ ڦرڻ جي خواهش کڈھن بہ سندن خاطر ۾ نہ آئي. ۽ صرف حجري جي چوديواري- يار دوست جي صفائيءَ سان سندن تماشا گاھ بني رهي.

اتفاق سان انهن ڈينهن ۾ المتوڪل علي الله شيخ عزيز الله متوڪل منڊوي- شهر نهروالہ ۾ رهيل هو ۽ پنهنجي پير خواجہ رڪن الدين ڪان شڪر جي خدمت ۾ الاهي معرفت جي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪري رهيو هو. هڪ ڈينهن خواجہ رڪن الدين پير جي اجازت سان شيخ عزيزالله حضرت فريد الحق گنجشڪر رح جي عرس جو ارادو ڪيو ۽ انهيءَ لاءِ شهر جي بزرگن جي خدمت ۾ دعوت نامہ موڪليا. سڀني اڪابرن قبول ڪيا مگر پاڻ قبول نہ ڪيائون. قبول نہ ڪرڻ جو سبب پنهنجي چاچي جي وصيت جو عذر ڪيائون. ڪان شڪر فرمايو تہ: "عزيزالله مجلس ڪنهن فرحت بخش بيابان ۾ ڪرڻ گهرجي تہ جيئن توهان کي عذر جي گنجائش باقي نہ رهي. ۽ وصيت جي خلاف ورزي بہ نہ ٿيڻ گهرجي." پاڻ هن قرارداد تي دعوت قبول ڪيائون. ۽ جڈھن عرس جي مجلس ۾ وڃڻ جو ارادو ڪيائون تہ سجادگي پنهنجي ننڍي پاءُ سيد يعقوب جي حوالي فرمايائون. جيڪو ظاهري ۽ باطني ڪمالات وارو هو. هن سلسلي ۾ قرب وارن بہ فرمايو تہ اسان جي واپس سفر جو وقت قريب اچي ويو آهي. جڈھن پاڻ عرس جي مقام تي پهتا ۽ هر طرح جي معرفت جون ڳالهيون دل کي الجهائڻ لڳن تہ پاڻ حاضرين کي فرمايائون تہ عشق ۽ محبت جي ڪا ڳالهہ اگر ياد هجي تہ بيان ڪيو. ڇو تہ درويش جا ڪن دوستيءَ جو قصو ڇڏڻ جا مشتاق آهن. ادب جي لحاظ کان هر ڪنهن عذر ڪيو. پاڻ فرمايائون. "نوع ادب ۾ فرد ڪامل حڪم جي تعميل آهي." مجبوراً هڪ شخص قصو شروع ڪيو:

"هڪ ڪنيز کي پنهنجي محبوبہ سان ڪمال درجي جي محبت ۽ عشق هو. جيئن تہ هوءَ بي اولاد هئي. ان ڪري هڪ ڈينهن پنهنجي مڙس کي چيائين تہ جيڪڈھن تون ڪنهن بي عورت سان نڪاح ڪرين تہ ناموزون ناهي. ڇو تہ تنهنجو ڪو جانشين نہ آهي. شايد بي عورت مان توکي ڪو پٽ پيدا ٿي پوي ۽ منهنجي ڪري تنهنجو نسل ضايع نہ ٿي پوي. مڙس چيو تہ محبت جي غيرت مونکي اجازت نہ ٿي ڏئي تہ تنهنجي موجود هوندي ڪنهن بيءَ سان نڪاح

www.maktabah.org

ڪيان. عورت جواب ڏنو ته جڏهن محبت ڪمال جي حد تائين ويندي آهي ته ان ۾ رشڪ ۽ نقصان جو ڪوبہ خوف باقي نہ رهندو آهي. خدا جو شڪر ۽ احسان آهي ته منهنجي ۽ تنهنجي محبت ڪمال درجي کي پهتل آهي ۽ هن عمدي ڪر جي اجازت مان پنهنجي خوشيءَ سان ڏيان ٿي. يقين ڪر ته محبت جي بنياد مان هڪ سرَ جو بہ نقصان نہ ٿيندو. جڏهن عورت جو اصرار حد کان وڌي ويو ته مرد مجبور ٿي هڪ بي عورت سان شادي ڪئي. جيڪا حسن ۽ جواني ۾ خوب هئي. مطلب ته هن دلربائيءَ جي ڪري هن نئينءَ جي ربط ۽ رسم هُنَ پراٽيءَ جي ياد آهستي آهستي دل کان وسارائي ڇڏي. ۽ هن جي ملڻ کان پوءِ هن جي خيال جو نقش ئي مرد جي ذهن مان ڏوپي ويو. ايتريقدر جو ڪيترائي ڏينهن گذرڻ کان پوءِ بہ هن پراٽيءَ جو نالو مڙس جي زبان تي نہ ايندو هو ۽ هوءَ ويچاري مجبوريءَ سان صبر اختيار ڪري جنهن جاءِ تي سواري جو جانور ٻڌندا هئا اُتي گوشي نشين ٿي وئي ۽ فراق جو زمانو دوست جي ياد ۾ گذارينديِ هئي. هڪ رات اهڙو اتفاق ٿيو جو انهيءَ گهر ۾ باهہ لڳي. مرد کي بہ خبر پئي ته گهر ۾ باهہ لڳي آهي. نوڪرن کي سڏ ڪري چيائين ته جلدي ڊوڙو ۽ جيڪو بہ سامان هن گهر ۾ هجي ڪيو. ۽ انهيءَ عورت جو نالو وٺي چيائين ته هُن کي بہ انهيءَ اوچتي آفت کان بچايو. جڏهن هن ناميد هيءَ خوشخبري ٻڌي ته هن تقريب جي ڪري منهنجو نالو مڙس جي زبان تي آيو آهي ته پنهنجي دل ۾ خيال ڪيائين ته منهنجو نالو سالن کان پوءِ باهہ لڳڻ ڪري دوست جي زبان تي آيو آهي. ان ڪري مناسب ناهي جو مان هن باهہ کان جدائي اختيار ڪيان. بلڪل بهتر هي آهي ته مان پاڻ کي پرواني وانگر جلائي ڇڏيان. هر طرح ڇٽي طرفن کان ڪوشش ڪئي وئي پر هوءَ فراق جي باهہ جي سڙيل هئي ۽ هن ٻڙندڙ باهہ کان ٻاهر قدم نہ ڪڍيو ۽ پاڻ کي خدا جي سپرد ڪري ڇڏيائين.

جڏهن هيءَ حڪايت ختم ٿي ته جوش و خروش شروع ٿيو پاڻ قوالن کي فرمايائون ته اُهو غزل ڳايو جنهن کي ٻڌي قطب الاوليا خواجہ قطب الدين بختيار اوشي رحہ هن عالم آب و گل کان جان ۽ دل جي معراج ڈي ڪوچ فرمائي ويا هئا. چنانچہ اُهو غزل ڳايو ويو. سيد جي اشتياق جو شعلو ٻڙڪيو ۽ طلب باهہ گهٽو مشتعل ٿي. انهيءَ حالت ۾ مؤذن تڪبير چئي پاڻ پوري توجہ سان نماز ۾ متوجہ ٿي ويا ۽ آخري سجدي ۾ جان سپرد جانان ڪري ابدي وصال حاصل ڪيائون.

www.maktabah.org

مولانا فتح الله رحمة الله عليه جي ياد ۾

پاڻ حقائق پناهي مولانا عبدالرحمن جامي رح جا همعصر هئا. طريقت ۽ حقيقت ۾ سندن قدم استحڪام سان ڇميل هو. مولاناغياث الدين احمد جي خدمت ۾ هميشہ دوستي ۽ رازداريءَ جي رستي سان اچڻ وڃڻ رهندو هو. هڪ ڏينهن اظهار خيال جي سلسلي ۾ پاڻ بيان فرمايائون تہ ظاهري علمن جي حاصل ڪرڻ تي دل کي قناعت ناهي. جيڪڏهن اجازت هجي تہ هي ڪتابي سلسلو ترڪ ڪري پنهنجي عمر ياد الاهيءَ ۾ گذاريان ۽ درويشياڻي چند ڦوڪ سان دل جو ويران گهر پاڪ ۽ صاف ڪري عرفاني شمع ان ۾ روشن ڪيان. فرمايائون هي مبارڪ خيال مولانا جاميءَ جي حضور ۾عرض ڪرڻ گهرجي. چنانچہ تعميل ڪئي وئي. جواب مليو تہ جيڪو ڪتاب تون پڙهي رهيو آهين، جيئن بہ ٿي سگهي پورو ڪري فقہ ۾ ضرورت مطابق ياد ڪر. ان کان پوءِ خدا جو ٿي وڃ ۽ خودیءَ جي پاڙ ڪڍي اڇلائي ڇڏ. چنانچہ ائين ئي ٿيو.ٿورو وقت بہ نہ گذريو تہ پاڻ پنهنجي وقت جي صاحبان طريقت جا گروه جا پيشوا ٿيا.

شيخ عزيزالله رحمة الله عليه جي ياد ۾

پاڻ شيخ يحيٰ ابن شيخ لطيف الدين جا پٽ ۽ فاروقي نسل آهن. فرخ شاهہ ڪابليءَ سان سلسلو وجي ٿو ملين. خواجہ رڪن الدين چشتيءَ جا مريد ۽ خليفا آهن. جن جي قبر نهروالہ ۾ آهي. چون ٿا تہ پاڻ ۽ سندن پاءُ شيخ احمد ٻئي ننڍا هئا تہ پيءُ جو سايو هٿي ويو. ماءُ جي همٿ ۽ اجازت سان نهروالہ ۾ خواجہ رڪن الدين چشتيءَ وٽ آيا. ماءُ پنهنجي مٽي جي چادر پٽن کي ڏئي چڏي هئي تہ منهنجي نشاني ساڻ ڪٽي وجو. جڏهن ٻئي پائر خواجہ جي آستاني تي پهتا تہ خواجہ جي ضمير ۾ عڪس پيو تہ شيخ يحيٰ دهلويءَ جا بہ پٽ دروازي تي بينا آهن. خواجہ خادم کي فرمايو تہ اجازت ڏين تہ اندر اچن. هو ٻئي نوجوان هٿ تي چادر رکي اندر آيا. خواجہ بي انتها نوازش ۽ مهرباني فرمائي. ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ شيخ احمد کي رستي جو انتظام ڪري واپس دهلي موڪليو ۽ فرمايو تہ شيخ احمد جون ظاهري ۽ باطني فتوحات ماءُ جي خدمت ۽ فرمانبرداريءَ ۾ آهن ۽ شيخ عزيزالله جي ڪشودڪار نهروالہ :رويش

www.maktabah.org

جي نالي سان لکيل آهي. چنانچہ عزيزالله کي پاڻ وٽ رکي پان جي خدمت سپرد ڪئي. کين بہ انهيءَ خدمت ۾ دلچسپي ٿي وئي. هڪ رات پان ختم ٿي ويا ۽ رات اڌ کان بہ وڌي وئي هئي. قلعي جو دروازو بہ بند ٿي ويو هو. انهيءَ خوف کان تہ خواجہ پان گهرندا ۽ نہ ملندن تہ خدمت جي خلاف ٿيندو موريءَ جي رستي کان باهر ويا ۽ پان واري جي گهر پهچي پان ونيي آيا. جڏهن ضرورت وقت پان ملي ويو ۽ خواجہ کي اها بہ خبر هئي تہ پان ڪونہ آهن ۽ هن طريقي سان آندا ويا آهن تہ ڪمال عنايت سان فرمايائون تہ الاهي فيض مان جيڪي ڪجهہ اڄ رات رڪن الدين کي ملندو. اُهو تنهنجي حوالي ڪيو ويندو. سندن ئي حوالي سان ماڻهو بيان ڪا ڪن تہ انهيءَ رات ۾ صفاتي ۽ افعالي توحيد جو وجدان ٿيو ۽ دل ۾ ايترو تہ فروغ حاصل ٿيو جو خود بينيءَ کان نجات ملي وئي. ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ پاڻ پير جي اجازت سان احمد آباد ۾ آيا. هتي شيخ احمد کهوٽہ سان ملاقات ٿين. هڪ ڏينهن پاڻ شيخ احمد کان پڇائون تہ هن صوبي جو پير ڪير آهي. شيخ احمد چيو تہ جيڪو جسم جي باري ۾ جلد سبڪدوش ٿي وڃي. انهن ئي ڏينهن ۾ شيخ احمد بيمار ٿيو انهن هڪ درويش کي بہ ڪپڙي جا ٽڪرا ۽ هڪ گلاب جو شيشو ڏئي هنن ڏي موڪليو. پاڻ قبول نہ فرمايائون. ۽ چيائون تہ درويشن کي دعا ئي ڪافي آهي. درويش جيڪي ڪٿي آيو هو وري واپس ڪٿي ويو. شيخ فرمايو تہ توهان هن پردي ۾ ائين ئي ٽا چئو تہ احمد جو ڪفن هن ڪپڙي مان ظاهر ٿيندو. چگو هن کي حفاظت سان رک. ايتري تائين جو نتيجو ظاهر ٿئي. حاصل ڪلام تہ جڏهن خيال جي مطابق ظهور ٿيو تہ پاڻ شيخ احمد کي قبر ۾ دفن ڪري دولت آباد دکن جو رستو ورتو. جيئن تہ اتي بت پرستيءَ جو رواج هو ۽ ماڻهن جو ڪاروبار برهمڻن جي هٿن ۾ نظر آيو لهذا پاڻ وري مالوه جو ارادو ڪيائون. جڏهن پاڻ نربدا درياهہ وٽ پهتا تہ اتان سلطان محمود ابن خان جهان وٽ اهو پيغام موڪليائون تہ مان انهيءَ شرط سان شهر ۾ ايندس تہ سلطان استقبال نہ ڪري ۽ مون سان ملڻ لاءِ نہ اچي ۽ نہ ڪجهہ هديو موڪلي. سلطان اهو حڪم ٻڌي اڪين تي رکيو ۽ سندن قدمن سان شهر ۾ رونق ٿي. چند ڏينهن کان پوءِ محمود پنهنجي بيتابي ۽ محروميءَ جي گلا- شيخ جي محرمن سان ڪرڻ شروع ڪئي. پاڻ فرمايائون تہ جيڪڏهن صرف هڪ دفعي جي ڏسڻ تي سلطان راضي هجي تہ حرج ناهي ۽

www.maktabah.org

قسر جو ڪفارو آسان آهي. ان ڪان پوءِ پٽن ڪي گجرات موڪلي ڇڏيائون ۽ پاڻ منبو (ماندوءَ) گوشي نشين ٿي ويا. شيخ صالح ابن رفيع الملڪ پنهنجي پيءُ ۽ ڏاڏن ڪان بيان ڪيو آهي تہ هڪ رات شيخ عزيزالله جي طبيعت ۾ انقباض پيدا ٿيو. حجري ڪان گهر ۾ آيا ۽ اندر وارن ڪان پڇيائون تہ ڇا توهان وٽ دنيا جي شين مان ڪجهہ آهي. دائيءَ جواب ڏنو تہ اڇڪلهہ بيبي دُرملڪ جو ڪير ڇڏايو ويو آهي ان ڪري ان لاءِ مانيءَ جو ٽڪرو پوري ڪيرِ ۾ پڇائي رکيو اٿئون. فرمايائون تہ باهر ڪٽي وڃ. جيڪڏهن ڪو درويش نہ ملي تہ ڪنهن جانورڪي ڏئي ڇڏ. اهو ڇئي پوءِ پاڻ حجري ۾ هليا آيا. جڏهن ڪير پياڪ ٻارڙي بک ڪان رئڻ شروع ڪيو تہ ان ڪي سندن وٽ وڃي آئي ۽ مصلي جي پيرن وٽ ليٽائي ڇڏيائين. پاڻ پنهنجي پير جو آڱوٽو ننڍڙيءَ جي وات جي طرف وڌايو. ٻارڙي آڱوٽو چوسڻ لڳي ۽ رئڻ ڪان چپ ڪيائين. انهيءَ رات خدا جي حڪم سان ستره دفعا عزيز الله المتوڪل علي الله جو غيبي آواز ٻڌڻ ۾ آيو. ان وقت ڪان ماڻهن بہ ڪين انهيءَ خطاب سان سڏڻ شروع ڪيو.

شاهہ عالم گجراتي رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

سندن نالو سيد محمد آهي ۽ پاڻ قطب عالم جا پٽ آهن. جيئن تہ وڃان پٽ آهن، ان ڪري ڪين "منجهلو" ڪري بہ سڏيندا هئا. جنهن جي معنيٰ آهي "وچون". پاڻ تصوف جي سيني مقامات ۽ طريقت جي منزل تي پهتل هئا. سندن استاد شيخ سراج الدين چشتي احمد آبادي ڪان ماڻهو روايت تا ڪن تہ فرمائيندا هئا تہ عنصري جسم ۾ نفس ناطقہ جو نزول تاريخ نائين ذي القعد هجري سنہ اٺ سؤ سترهن جي رات ۾ ٿيو ۽ هوش سنياليڻ واري دور ڪان اميرن ۽ سردارن جي ميل جول ڪان پري ۽ دانش و بينش جي حاصل ڪرڻ ۾ مصروف هئا. عهد ڪري ڇڏيو هئائون تہ نوڪري نہ ڪندس چاهي بادشاهہ پنهنجي بادشاهيءَ جي وڃ معاش ۾ مقرر ڪري. جيئن تہ پاڻ هن ميدان ۾ قدم استحڪام سان ڄمايو هئائون لهندا چند ڏينهن ڪان پوءِ انهيءَ زمين جي سيني اميرن ۽ سلطانن سندن آستاني ڪي چمڻ پشت پناهيءَ جو سبب سمجهڻ لڳا ۽ پنهنجي گهرن ۾ سندن اچڻ ڪي فخر جو باعث سمجهندا هئا. لکيل آهي تہ جڏهن سچن ۽ بااعتقاد مريدن جي نظر سندن نوراني چهري تي پوندي

www.maktabah.org

هئي تہ اُهي بلڪل بي قابو ٿي سجدي ۾ ڪري پوندا هئا. جڏهن اها ڳالهہ گهٽن ماڻهن کان ٻڌڻ ۾ آئي تہ مولانا سراج الدين ملتاني عالم نهروالہ جن جو عمل سنڌن علم جي مطابق هو. شاهہ جي خدمت ۾ آيا تہ جيئن سجدو ڪرائڻ کان روڪين. ڇو تہ شريعت ۾ اهو عمل بلڪل ناجائز آهي. ۽ وڏي تعجب جي ڳالهہ اها آهي تہ جڏهن مولانا سراج الدين جي نظر شاهہ جمال تي پئي تہ بي اختيار مٿو زمين تي رکي سجدو ڪيائون. شاهہ فرمايو تہ مخلوق جي سامهون سجدو ڪرڻ درست ناهي. مولانا جواب ڏنو تہ بيشڪ ائين ئي آهي ليڪن مان ڇا ڪيان مون ۾ ضبط جي طاقت نہ رهي. ان کان پوءِ حقائق بياني جو سلسلو شروع ٿيو ۽ گهڻا اسرار جا معما حل ڪيا ويا. ٽيهہ سال جي عمر هئن ۽ ويهين جمادي الثاني هجري سنہ اٺ سؤ اسيءَ تي روحاني عالم جي طرف ڪوچ فرمائي ويا سنڌن قبر رسول آباد ۾ آهي جيڪو احمد آباد گجرات جو هڪ محلو آهي.

قاضي عطاءُ الله چشتي قدس سرہُ جي ياد ۾

ڪن روايتن ۾ آهي تہ سنڌن ولادت دهليءَ ۾ ٿي. بيعت ۽ طريقت جو پير ڪير هئن اهو حال ڪٿي بہ لکيل نہ ڏٺو ويو. پاڻ پنهنجي زماني جي عالمن ۽ ڪامياب صاحبان سعادت جا مرجع هئا. چون ٿا تہ جڏهن پاڻ حجاز جي سفر کان هندوستان واپس آيا تہ جيڪا مومن زال سنڌن نڪاح ۾ هئي اُها نياڻيءَ کي ڇڏي هن جهان ما ڪوچ ڪري وئي. جڏهن اُها ڇوڪري پيءُ جي پرورش سان وڏي ٿي ۽ هن جي عمر ڏهن سالن کان مٿي ٿي تہ حضور خاتم النبيين عليہ السلام جن خواب ۾ ارشاد فرمايو تہ عطاءُ الله تنهنجي نياڻي شيخ بهاءُالدين صديقيءَ جي نالي روز اول کان نالي ٿي چڪي آهي. جيڪو منڌو (مانڊو) ۾ گوشي نشين آهي. لهذا منڌوءَ وڃ ۽ تعميل ڪر. لاچار پاڻ گجرات کان منڌوءَ ۾ آيا ۽ شيخ بهاءُ الدين کي تلاش ڪيائون. جڏهن خبر پين تہ حڪم مطابق مٿيون عمل ڪيو ويو ۽ پاڻ بہ انهيءَ ئي شهر جي آخرين سرحد جي ڪنڌ تي هڪ ڪنارو اختيار ڪيائون. ۽ اتي ئي رهيا. ايتريقدر جو آخري سفر عمل ۾ آيو. سنڌن قبر تي خليج سلطانن هڪ گنبذ تعمير ڪرايو آهي. شيخ نجم الدين ابن بهاءُالدين جيڪو شاهہ ميانجي چشتي منڌوي جو پيءُ آهي. سنڌن ئي نياڻيءَ مان هو.

www.maktabah.org

مولانا سعدالدين ڪاشغري رحمة الله عليه جي ياد ۾

پاڻ فنا في الله جي جنگل جون گهاٽيون طئ ڪري چڪا هئا. ۽ بقابالله جي درياه ۾ تري رهيا هئا. حقائق جي آگاه مولانا عبدالرحمٰن جاميءَ لکيو آهي ته سندن جذبات ۽ حالات جو ايترو ته جوش هو جو جن ڏينهن ۾ سندن توجه عالم اسرار جي طرف ٿي هئي. انهن ڏينهن ۾ بي خودي ۽ بي هوشيءَ کين غنودگيءَ جي طور تي ٿيندي هئي. هڪ ڏينهن مون نا واقفيت سان عرض ڪيو ته جيڪڏهن توهان ڪجهه دير لاءِ وهاڻي تي مٿو رکي آرام ڪيو ته بي وقتو نه ٿيندو فرمايائون ته جامي اهو گمان نه ڪجان ته هن گروه کي خواب شيرين کانسواءِ ٻيو نشو به سرور پيدا ڪري تو سگهي. اهو ارشاد ٻڌي مان پاڻي پاڻي ٿي ويس.

غوٽي- انهيءَ شڪ ۾ ناهي ته سڀ ماڻهو صورت ۽ شڪل ۾ هڪجهڙا آهن مگر انهيءَ اشتراڪ مان اهو نتيجو نه ڪڍڻ گهرجي ته معنيٰ ۾ به پاڻ ۾ مثل آهن. بلڪ اهڙو حال آهي ته هڪ شخص ته اکيون بند ڪري الاهي باغ جو سير ٿو ڪري ۽ انهيءَ جهڙو ٻيو ماڻهو انهن غافلن مان هوندو آهي جيڪو بيهوشيءَ جي بساط تي وينل ڏکر کائيندو آهي.

شاهه عبدالله شطاري رحمة الله عليه جي ياد ۾

حضرت اعليٰ سندن لقب هو. پاڻ حسام الدين جا پٽ هئا. جن جو سلسلو هن طرح آهي. حسام الدين ابن رشيدالدين ابن ضياءُ الدين ابن نجم الدين ابن جمال الدين ابن شيخ الشيوخ شهاب الدين عمر سهروردي ۽ شيخ محمد عارف جا خليفا آهن جن کي شيخ محمد عاشق کان خلافت هئي. ان کي پنهنجي پيءُ شيخ خداقلي ماوراءُالنهيءَ کان ۽ ان کي شيخ ابوالحسن عشقيءَ کان- ان کي مولانا ابولامظفر ترڪ کان- ان کي شيخ ابو يزيد اعرابيءَ کان- ان کي شيخ محمد مغربيءَ کان ۽ ان کي سلطان العرفاءشيخ ابو يزيد بسطاميءَ کان هئي قدس الله اسرارهم. انهيءَ کري هن سلسلي کي ايران ۽ توران ۾ عشقيه ۽ دارالملڪ روم ۾ بسطاميه چوندا آهن. لکيو اٿن ته دعوت جو علم- ذکرن جو طريقو ۽ شغلن جي روش انهيءَ ئي مشهور سلسلن ۾ سلوڪ ۽ هدايت جو دارومدار آهي. هي سڀ ڪجهه پاڻ عمل ۾ آندائون ۽ طريقت جي بزرگن کان

www.maktabah.org

حاصل كيائون.

هڪ رسالو لطائف غيبيہ سندن تصنيف آهي. سلطان غياث الدين خلجي شاهہ مالوه جي نالي ترتيب ڏنو هئائون. هن رسالي ۾ پاڻ لکن ٿا- توحيد جا اسرار- وجد جا اطوار- الاهي حقائق ۽ طريقت و حقيقت جا دقيقا جيڪي خيالات جي لوح تي محفوظ هئا. هي يا ته **وَ عَلَّمْنَاه مِن لَّدُنَّا عِلْمًا** (۽ اسان پنهنجي طرف کان هن کي هڪ خاص علم سيکاريو هو) جي رهنمائيءَ جي بدولت مبدء فياض کان بغير واسطي جي پهتا هئا **يا فسئلوا اهل الذكر ان كنتم لاتعلمون** (جيڪڏهن توهان کي معلوم نہ آهي تہ اهل ذکر کان پڇندا ڪيو) جي حڪم موجب طريقت جي مشائخ کان بالواسطہ معلوم ٿيا هئا. هنن سيني ڀگالهين کي قلم جي ذريعي ورقن ۾ لکيو ويو آهي تہ جيئن اهل ظاهر ۽ اهل باطن پنهين کي فيض پهچي. ۽ رحمتہ للعالمين هڻڻ جو اطلاق خلافتہ منهنجي مثان بہ صحيح اچي.

وڌيڪ لکيو اٿن تہ ذکر نفي اثبات جي تلقين گهٽن هادين ۽ مقبول بانهن کان مونکي پهتي آهي. مان جنهن وقت بخارا ۾ هئس ان وقت مون ٻڌو هو تہ شيخ مظفر ڪتابي خلوتي. جيڪو نيشاپور ۾ آهي. صوفيءَ کي ٽن ڏينهن جي خلوت ۾ خدا تائين پهچائي ٿو ڇڏي. فوراً مان شيخ مظفر جي خدمت ۾ دوڙندو ويس. جيڪي ڪجهہ ڪنن سان ٻڌو هئم ان کان هڪ هزار دفعا وڌيڪ اکين سان ڏٺم. هڪ عرصي تائين شيخ مظفر جي خدمت ۾ رهي نفي اثبات جو ذکر ۽ ان جو تصور ياد ڪيم. هي طريقو شيخ ابراهيم عشق آباديءَ کان انهن کي سيد نظام الدين حسين کان انهن کي شيخ محمد خلوتيءَ کان ۽ انهن کي شيخ نجم الدين ڪبريٰ کان حاصل ٿيو هو. انهيءَ سلسلي ۾ خراسان ۽ عراق کان سياحي ڪندو آزربائيجان جي ملڪ ۾ پهتس هتي سيد علي موحد جي خدمت حاصل ٿي. سيد علي موحد کي شريعت- طريقت ۽ حقيقت ۾ ڪمالات جي زيور سان آراستہ ڏٺم. ۽ انهن جي صحبت سان مون کي گهڻو ڪجهہ فائدو پهتو سيد علي موحد کي شيخ زين الدين خوافيءَ کان اجازت مليل هئي جيڪي ڇهن واسطن سان شيخ الشيوخ عمر بن محمد شهاب الدين سهروردي‌ءَ کي پهچن ٿا.

پاڻ هجري سنہ اٺ سؤ نوي ۾ ترڪ تعين ڪري خلوتخاني الاتعين جي

www.maktabah.org

طرف کوچ فرمائي ويا. سندن خوابگاه منڊو (مانڊو) ۾ آهي سلاطين خلجيءَ جي مقبري جي ڏکڻ طرف آهي.

شاهه جي جسم تي سلطاني لباس ۽ همراه صوفين جي جسم تي فوجي وردي هوندي هئي. انهيءَ شان سان جهنڊو کڻندا هئا. ۽ نغارو وڄائيندا هئا. اهڙي طمطراق سان سياحي کندا هئا ۽ اهل جهان کي فيض پهچائيندا هئا. ۽ فائدو حاصل کندا هئا. رستي ۾ جنهن زمين يا جاءِ تي پهچندا هئا انهيءَ سر زمين جي مشائخن کي پيغام موکليندا هئا ته هڪ درويش انهيءَ خيال سان سياحي اختيار ڪئي آهي ته جيڪڏهن توحيد جي ڪلمي جي معنيٰ کو شخص ان کان بهتر ڄاڻندو هجي ته اهو مسافر کي تعليم ڏئي ۽ جيڪڏهن ائين نه هجي ته پوءِ مقيم ماڻهن جو بغير مشقت جي فائدو انهيءَ ۾ آهي ته هو گنج توحيد مسافر کان حاصل ڪن. پو ته اهڙي فرصت جنهن ۾ سعادت جا اسباب پهچن دشواريءَ سان هٿ ايندي آهي. مطلب ته جڏهن پاڻ بنگالہ ۾ پهتا ته معمول مطابق اهوئي پيغام شيخ محمد عُلا ڏي به موکليائون. جيڪو اڄ شيخ قاضن شطاريءَ جي نالي سان مشهور آهي. شيخ محمد عُلا جواب ڏنو ته اهڙيون فضول ڳالهيون ڪندڙ شخص خراسان ۽ پارس کان گهٽا ايندا آهن. پيغام ڏيڻ واري جو شاهه صاحب جواب ٻڌي فرمايو ته شيخ محمد عُلا جي ڪمالات جو ظهور مون فضول گو جي تلقين تي منحصر آهي. انهن ڏينهن ۾ سلطان غياث الدين خلجيءَ چتور جي قلعي جو محاصرو ڪيو هو. پاڻ بنگالہ ڏي رُخ ڪيائون ته انهيءَ راه تي اچي قلعي مذڪور جي هيٺان ترسيا. سلطان حاضر ٿي آستانہ بوسي ڪئي. انهيءَ مورچي مان جيڪو سندن خيمي گاه جي برابر هو. سندن توجہ سان ايترن ٿورن ڏينهن ۾ قلعو فتح ٿي ويو جو گمان ۾ به نہ ٿو اچي سگهي. سلطان نهايت تعظيم ۽ اعزاز سان کين پنهنجي روانگيءَ کان اڳ دارالاسلام منڊو (مانڊو) ۾ روانو ڪيو. چون ٿا ته ان جي قريب قريب شيخ محمد عُلا چلو ڪيو هو. هڪ ڏينهن شيخ محمد عُلا جي والد بزرگوار خواب ۾ فرمايس ته- عُلا- تنهنجي گرهہ ڪشائي هن قسم جي رياضت سان تعلق نہ ٿي رکي بلڪ انهيءَ خراساني فضول گو جي حوالي آهي، جنهن کان توکي انڪار آهي. مجبوراً دشواريءَ سان ۽ تن تنها وطن کان سفر ڪرڻو پيس ۽ منڊوءَ ۾ حاضر ٿيا. شاهه جي دروازي تي ٽن ڏينهن تائين بينا رهيا ۽ انتظار

www.maktabah.org

ڪيائون. چوٽين ڏينهن صبح جو شاهه صاحب باهر آيا. امتحان ورتائون ۽ گهٽي سرزش ڪيائون. ۽ اثرائتيون نصيحتون ڪري معلومات پهچايائونس چند ڏينهن کان پوءِ خلافت جي خلعت سان سرفراز ڪري وطن ڏي روانو ڪيائونس.

هن سلسلي جي پيرن کي شطاري ان ڪري چوندا آهن جو شطاري مشائخ شاهراه طريقت جي سلوڪ ۾ بين خانوادن جي مشائخن کان زياده تيز ۽ تيز رفتار هوندا آهن. چون ٿا ته جيڪو هنن جو اول قدم هوندو آهي اُهو بين درويشن جو آخر قدم هوندو آهي. هڪ مدت تائين هن معمي کي حل ڪرڻ ۾ کوشش ڪندو رهيس ۽ پريشان رهيس. جڏهن هن سلسلي جي اشغال ۽ اذڪار جي خبر پئي ۽ بين ڪيترن گروهن جي صوفين جو سلوڪ هنن جي مقابلي ۾ ڏٺم ته سواءِ هن جي ڪو تفاوت نظر نه آيو ته شطاري مشرب ۾ صوفي عين ذات کان ڏاڪي به ڏاڪي عالم تعينات ۾ خاڪ جي مرڪز تائين نزول ٿو ڪري ۽ ان کان پوءِ جيئن نزول ڪيو هئائين تيئن عروج ۽ هر منزل جي آئين کي ڇڏيندو وري عالم الله کي پهچي ٿو وڃي ۽ جمهور مشائخ جي طريقي ۾ هيءَ ڳالهه آهي ته طالب پهريائين درجي بدرجي عالم ناسوت کان صعودي سير ٿو ڪري. وحدت الوجود جي مرتبي تائين ترقي ڪندو آهي ۽ پوءِ انهيءَ مقام کان تعينات کي قبول ڪندو آهي. ۽ هر هڪ تعين ۾ ان جو رنگ ونندو آهي. عالم شهادت جي طرف هليو ايندو آهي. هنن بن طريقن جي مقابلي سان اها ڳالهه سمجهه ۾ آئي ته اول قدم کان عبارت اهوئي سلوڪ جو آغاز آهي انهيءَ مرتبي احديت ڏي- ۽ ان کان سواءِ بي معنيٰ جنهن ۾ شڪل خوبي پيدا ٿيندي هجي. غالباً هرگز مراد نه هوندي.

جواهرن جو گوشوارو

جيڪي اصحاب تحقيق جي اسرار خاني جا پرده دار آهن ۽ جيڪي توحيد جي پردي جا محرم آهن انهن جو دستور آهي ته آواز ۽ لفظن جي ذريعي سان پنهنجي واردات جو اظهار اصطلاحات ۾ ڪندا آهن. انهن جا اصول ۽ وضع ٿي نظر ۽ قياس ڪري احرار جي لقب جي وجه تسميه هن طرح بيان ٿي سگهي ٿي ته سلوڪ ۾ هڪ مقام هوندو آهي. حفظ العهد جو جنهن مان مطلب صوفين جي اصطلاح ۾ هي آهي ته **هُوَ الْوُقُوْفُ عِنْدَ مَاحَدَّهُ اللهُ تَعَالىٰ لِعِبَادِهٖ** (انهيءَ

www.maktabah.org

مقام تي بيهڻ جنهن کي الله جل شانهُ پنهنجي بندن لاءِ محدود ڪيو آهي) ۽ حفظ جا ٻ قسم آهن (1) حفظُ عَهد الرُبُوبيَه (2) حفظ عَهد العَبُودية - حفظ عهد الربوبيت هي آهي تہ سيني ڪمالات جي نسبت رب جي طرف وجي ۽ حفظ عهد العبوديہ هي آهي تہ سيني نقصانات کي پانهي جي طرف منسوب ڪيو وجي. **عَليٰ مَانطَقَ بِهِ القُرآنُ مَا اَصَابَکَ مِن حَسَنَةٍ فَمِنَ اللهِ وَمَا اَصَابَکَ مِن سَيِّئَةٍ فَمِن نَفسِکَ** (جيئن قرآن پاڪ تعليم ڏو فرمائي تہ اي پانها جيڪڏهن توکي ڪو فائدو پهچي تہ الله جي طرفان سمجهہ ۽ جيڪڏهن ڪو نقصان پهچي تہ تنهنجي نفس جي طرفان آهي) پوءِ جڏهن موحد ۽ باصفا صوفيءَ کي اذڪار ۽ اشغال جي بدولت رعايت حفظ العهد جو حوصلو پيدا ٿي وجي ۽ انهيءَ حفظ جا آثار صوفي مذڪور جي سيني وقتن ۽ حالتن کي پکڙي ونن تہ انوقت حڪمت اجماليءَ جو جمال هن جي بصيرت جي اک کي نظر اچڻ لڳندو آهي ۽ اجمالي حڪمت مان مراد هي آهي. هي **العلم بحقائق الاشيآ واوصافها و احكامها علىٰ ماهي عليہ وارتباط الاسباب بالمسبب واسرار انضباط نظام الموجودات والعمل بمقتضاه.** (اجمالي حڪمت جي مفهوم ۾ هينيان امور داخل آهن (1) شين جي حقيقت ۽ ان جون وصفون ۽ حڪم جيئن ۽ جيڪي آهن. انهن جو علم هئڻ (2) اسبابن جو ربط مسبب سان جيڪي ڪجهہ آهي ان جو علم حاصل هجڻ (3) موجودات جو نظام ڪهڙي طرح منضبط آهي هن جي اسرار جو علم حاصل ڪرڻ (4) علم جي موجب عمل ڪرڻ) ۽ بحڪم **مَنْ يُؤتَى الحِكمَةَ فَقَدْ اُوتِيَ خَيْرًا كَثِيرًا** (جنهن شخص کي ڳالهہ جي سمجهہ ڏني وئي انهيءَ بيشڪ وڏي دولت حاصل ڪئي). ذڪر ڪيل حڪمت جو تفصيل چئن قسمن سان صوفيءَ کي معلوم ڪرايو ويندو آهي. هي چارئي قسم ترتيب وار خير ڪثير ۾ داخل آهن.

(1) جنهن جي حڪمت جي متعلق ڪلام ڪري ٿو سگهجي اُهي شريعت ۽ طريقت جا علم آهن.

(2) جنهن حڪمت جي نسبت ڪلام کان خاموشي بهتر آهي اُهي اسرار حقيقت آهن.

(3) جيئن روايت ڪئي وئي آهي تہ رسول الله صلي الله عليہ وسلم جن مديني منوره جي هڪ رستي کان وڃي رهيا هئا ۽ ساٿن گڏ سندن کي اصحاب

www.maktabah.org

سڳورا رضوان الله تعالیٰ اجمعین بہ ساڻ هئا. کین هک عورت قسم ڏنو تہ منهنجي گهر ۾ توهان سيئي هلو. چنانچہ هو ويا. اُتي وڃي ڏٺائون تہ هک باهہ ٻري رهي آهي ۽ ان عورت جو اولاد انهيءَ باهہ جي چوگرد وينا آهن. عورت عرض ڪيو تہ يا رسول الله صلي الله عليہ وسلم الله جل شانہُ پنهنجي بندن تي وڌيڪ رحم ڪرڻ وارو يا مان پنهنجي اولاد تي. پاڻ سڳورن فرمايو تہ الله ئي وڌيڪ رحم ڪرڻ وارو آهي چو تہ هو ارحم الراحمين آهي. پوءِ هن عورت عرض ڪيو تہ يا رسول الله صلي الله عليہ وسلم ڇا توهان اهو ڇئي سگهندا تہ مان پنهنجي ڪنهن ٻار کي باهہ ۾ وجهڻ گوارا ڪندس (جيڪڏهن مان گوارا نہ ڪنديس) تہ پوءِ الله تبارک و تعالیٰ پنهنجي بندن کي ڪيئن باهہ ۾ وجهندو جيئن تہ هو ارحم الراحمين آهي. راوي ڇئي ٿو تہ اهو ٻڌي رسول الله صلي الله عليہ وسلم جن رُنَا ۽ فرمايائون تہ مون وٽ بہ انهيءَ قسم جو وحي آيو آهي.

حڪمت مجهولہ اُها حڪمت آهي جنهن جو سبب اسان ماڻهن کان لڪل آهي. جيئن ڪن ماڻهن جون تڪليفون- ٻارن جو موت- ۽ دوزخ ۾ هميشہ رهڻ- انهيءَ حڪمت تي ايمان آڻڻ هن جي ٿيڻ تي راضي ۽ انهيءَ کي عدل ۽ حق ڪري مڃڻ ۽ عقيدو رکڻ واجب آهي.

(4) حڪمت جامعہ ۾ هي ڳالهيون داخل آهن. (1) حق جي معرفت ۽ ان تي عمل ڪرڻ (2) باطل جي سڃاڻپ ۽ ان کان پاسو ڪرڻ جيئن رسول الله صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو آهي تہ "اي منهنجا الله مون کي حق ڏيکار ۽ اُن جو اتباع ڪرڻ نصيب فرماءِ ۽ مونکي باطل جو علم ڏي ۽ ان کان اجتناب ڪرڻ جي توفيق ڏي. بيشڪ تون دعائن کي قبول فرمائڻ وارو آهين".

هاڻي ٻڌو تہ اصل مطلب هن تمهيد جو اِهو آهي هر ہن مرتبن جو مَلکو ۽ چارئي حڪمتون حاصل ٿيڻ جي بدولت ذڪر ڪيل صوفي حجتہ الحق علي الخلق (خلقت تي حق جي محبت) ٿي ويندو آهي. جيڪا ڪامل انسان جي عبارت آهي ۽ خلافت جي مرتبي تي پهچي حريت جو جبو پائيندو آهي. حريت صوفين جي اصطلاح ۾ آهي تہ هيَ الاطلاق عن رق الاغيار (غيرن جي غلاميءَ کان آزاد ٿيڻ آهي) ۽ اها ٽي قسم جي آهي (1) عام حريت- هي آزادي حاصل ڪرڻ آهي شهوت جي قيد کان (2) خاص حريت- هي ارادن جي قيد کان آزاد ٿيڻ آهي بفناءِ ارادة العبد في ارادة الحق (ٻانهي جو ارادو حق جي ارادي ۾ فنا

www.maktabah.org

ٽيڻ سان (3) خاص الخاص حريت- سالڪ کي نورالانوار جي تجليءَ پنهنجو پاڻ کي هلاڪ ڪرڻ جي آرزو- ۽ آرزن کي رسمن ۽ آثارن سان دلبستگي رهندي آهي، انهيءَ دلبستگيءَ کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ- اهو حريت جو ٽيون قسم آهي ان کان پوءِ جنهن شخص کي هي مرتبا حاصل آهن انهيءَ شخص کي جڏهن انهن حالتن ۾ هميشگي ۽ قيام نصيب ٿئي تہ ان کي "احرار" چوندا آهن.

هاڻي صوفين جي اصطلاح ۾ اها ڳالهہ آهي تہ جيڪا شيءِ محض الله تعاليٰ جي بغير عمل ۽ ڪوشش جي قلب تي وارد ٿئي ٿي جيئن غلامي- آزادي- غم- خوشي- بسط ۽ قبض ۽ اُها شيءِ نفساني صفتن جي ظاهر ٽيڻ سان زائل ٿي وڃي ٿي چاهي ان جي عقب ۾ ميلان هجي يا نہ، اها شيءِ جيڪا دوام سان قائم رهي تہ ان کي "مقام" چوندا آهن. هتان معلوم ٿي ٿو سگهي تہ صاحبانِ ولايت جا لَقَبَ انهن جي مقامات جي اعتبار سان ٽيندا آهن. ڇو تہ تعين لقبن جي سببن مان آهي. گذريل بيان بہ هڪ سبب آهي.

برهان المحققين خواجہ ناصرالدين عبيدالله رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

پاڻ لفظ "خواجہ احرار" سان مشهور آهن. خواجہ شهاب الدين شاشيءَ جا فرزند آهن ۽ خواجہ شهاب الدين خواجہ محمد ناميءَ جا پوٽا آهن جيڪو عالم متبحر ابوبڪر محمد ابن اسماعيل قفال شافعيءَ جي بزرگ دوستن مان هئا. شيخ ابوبڪر ڪشفي ۽ ڪسبي علم ۾ پنهنجو مثل نہ رکندا هئا. احرار الاولياء جن جي والده ماجده خواجہ داؤد ابن خواجہ خاوند ظهور ابن شيخ عمر باغتانيءَ جي ڏيءُ آهي. جن جو سلسلو سورهن واسطن سان امام عبدالله ابن حضرت عمر بن خطاب تائين پهچي ٿو سندن پير ارادت مخدوم العرفا حضرت يعقوب چرخي رحہ سرزي هئا. جيڪي حضرت خواجہ بزرگ خواجہ بهاءُ الحق والدين نقشبند جا وڏا خليفا هئا.

اي بڌڻ واروءُ! سندن حالات جي بيان مان گهڻا باب آهن. ڪتاب رشحات ۾ سندن ڪجهہ حالات لکيا ويا هئا تہ هن ڪتاب جا سيءِ صفحا سندن ئي

www.maktabah.org

حالات سان پرجي ويا. پوءِ انهيءَ صورت ۾ هي ڪتاب جيڪو محض نموني جي طور تي اختصار تي ٻڌل آهي سواءِ مختصر ۽ يا ٿي حرف ۽ عنوان جا ڪجھ لفظن کان وڌيڪ ڪاڪي ٿو گنجائش رکي سگھي. لھذا ھر ھڪ باب جو ھڪ نڪتو قلم جي حوالي ڪيان ٿو.

سندن ولادت رمضان المبارڪ جي مهيني ۾ سنہ اٺ سؤ ڇھ ۾ ٿي. ۽ پاڻ اَسي يا اٺاسي سال جا ھئا. چوٽين سال جي شروعات ۾ تعليم جو تعلق قدس الاھيءَ جي حضور ۾ ھو. پاڻ فرمائيندا ھئا تہ ٻارھن سالن جي عمر پنھنجي حالت تي قياس ڪري مان اھو عقيدو رکندو ھئس تہ الله جل شانہٗ ڪنھن بہ انسان کي ھن طرح پيدا نہ ڪيو آھي جو ھو پنھنجي پيدا ڪرڻ واري کان غافل ٿي سگھي. آخرڪار معلوم ٿيو تہ منھنجو اھو عقيدو ازلي عنايت ھئي. وڏيڪ پاڻ فرمائيندا ھئا تہ جڏھن مان مرزا شاه رخ جي زماني ۾ ھري ۾ ھئس تہ مونکي ھڪ ڪوڏيءَ جي بہ خرچ ڪرڻ جي استطاعت نہ ھئي. ھڪ ڏينھن بزار ۾ ھڪ گداگر گدائيءَ جي طريقي تي سوال ڪيو ان وقت مون وٽ ھڪ پراٽو پٽڪو ھو اُھو مون ھڪ ٽانون واري کي ڏنو ۽ چيم تہ ھي پاڪ آھي ۽ ديگ ڏئڻ واسطي مناسب آھي. ٽانون واري (طباخ) گداگر کي پيٽ ۾ري ڪاڏو ڪارايو ۽ پٽڪو مون کي واپس ڪيو ليڪن مون واپس نہ ورتو ۽ رستو ونڊي ھليو ويس.

چون ٿا تہ سندن طبيعت حمام ۽ غسل ڪرڻ کان بيزار ھئي. سبب پڇو ويو تہ جواب ڏنائون تہ سلوڪ جي آغاز ۾ عوام جي خدمت ڪندو ھئس. حمام ۾ ھر روز پندرھن يا سورھن ماڻھن کي مالش ڪندو ھئس. ھڪ ڏينھن حمام جي حرارت سان طبيعت بيمار ٿي پئي ھئي. انهيءَ ڪري دل حمام کان پاسو ڪندي آھي. ھڪ دفعي پاڻ فرمايائون تہ خواجگان قدس الله سرھم جي طريقي ۾ ھمٽ ۽ خاطر وقت جي تقاضا تابع ۽ ان ۾ ئي مصروف ھوندي آھي. پوءِ جيڪڏھن ڪنھن خدمت جي ذريعي ڪنھن مسلمان ياءُ کي راحت پھچائڻي ممڪن ھجي تہ ان وقت ذڪر ۽ مراقبي کي ڪنھن ٻئي وقت ڪجي ڇو تہ خدمت جو ڏل دلين ۾ مقبوليت پيدا ٿيڻ آھي. ۽ اھا مقبوليت ذڪر ۽ مراقبي جي نتيجي کان مٿاھين آھي. ۽ اھو جيڪو ڪن صاحبن نفل عبادتن کي اخوانن جي خدمت کان بھتر سمجھو آھي اھو محض گمان ئي گمان آھي. مٿي ذڪر ڪيل تفاوت جي نسبت

www.maktabah.org

پاڻ فرمائيندا هئا ته مون هن طريقي کي تلقين يا تحرير مان حاصل نه ڪيو آهي بلڪ خدمت جي آثارن مان تعليم حاصل ڪئي اٿر ته خدمت جي خاصيت ڇا آهي. هر هڪ شخص جو قرب جي بارگاه ۾ الڳ الڳ دروازو آهي جنهن مان داخل ٿو ٿئي ۽ مونکي هن بارگاه ۾ پهچڻ نصيب ٿيو آهي ته خدمت جي دروازي کان ٿيو آهي. ان ڪري محبوب جي خدمت مونکي محبوب آهي.

رشحات جي مصنف لکيو آهي ته سندن مال- متاع- ڳوٺ- زرعي زمين- مال مويشي ۽ گهوڙا ۽ بي ملڪيت شمار ڪرڻ جي اندازي کان باهر هئا. چنانچ هڪ ڏينهن پاڻ خود پنهنجي سڃائي بيان ڪندڙ زبان سان فرمايائون ته سمرقند جي خاص هارين جي پيداوار مان سمرقندي سير جي حساب سان اسي هزار من ڪڻڪ منهنجي حصي جو عُشر (ڏهون حصو) سلطان احمد مرزا جي ڪچهريءَ ۾ منهنجا ڪمدار ۽ ڪاراوا جمع ڪرائيندا آهن. وڌيڪ فرمائيندا هئا ته الله تعالىٰ جلشانه پنهنجي ازلي عنايت سان منهنجي نقد ۽ جنس ۾ سڀني برڪت ۽ فراواني (ڪشائش) عطا فرمائي آهي. ڪڏهن ائين به ٿيندو آهي جو خرچ ڪڻڪ جي ڪيل تور کان وڌيڪ هوندو آهي. ۽ ڪڻڪ جي گدامن ۾ گهٽي ڪڻڪ اهڙي به آهي جو تارازوءَ جو پُڙُ ان تائين پهتو ئي ڪونهي.

وڌيڪ فرمائيندا هئا ته مان هڪ زماني ۾ هريٰ شهر ۾ هئس. هڪ ڏينهن شيخ بهاءُ الدين عمر جي گهر ويس. پاڻ معمول جي مطابق پڇائون ته شهر جي ڪهڙي خبر آهي؟ مون چيو ته به خبرون آهن. شيخ زين الدين ۽ ان جا دوست چون ٿا ته همه ازاوست (وحدت الشهود جو نظريو) ۽ سيد قاسم ۽ ان جا پيروڪار چون ٿا ته همه اوست (وحدت الوجود جو نظريو). فرمايائون ته پهرين ڳالهه سڃائيءَ جي ڪسوٽيءَ تي چڙهيل آهي. ٿوري دير کان پوءِ ڪجهه دليل انهيءَ سڃائيءَ جي تائيد ۾ هن طرح بيان فرمايائون جو جيڪڏهن سندن مقدمات ۾ غور و فڪر کان ڪم ورتو وڃي ته هر هڪ قول مان ٻئي نظرئي (يعني وحدت الوجود) جي مدعا جو ثبوت پيدا ٿئي. پاڻ مضمونن جي دليلن جي حقيقت به ظاهر فرمائي ته هن طرح آهي. وري ٻيا ڪجهه دليل بيان ڪيائون انهن جو به اهوئي حال هو. هي سڀ ڳالهيون ٻڌي فوراً اها ڳالهه ذهن ۾ آئي ته پهرئين قول (وحدت الشهود) جو اقرار ۽ ٻئي قول (وحدت الوجود) جو حقيقتاً اعتقاد بهتر آهي.

www.maktabah.org

وڌيڪ فرمائيندا هئا تہ جڏهن مولانا يعقوب رحہ جي ديدار سان منهنجون اکيون ٺڏيون ۽ نوراني ٿيون تہ مولانا جي سلوڪ سان مونکي پنهنجي نسبت اهڙو ڪو خاص توجہ معلوم نہ ٿيو جنهن جي ڪري دل ۾ ڪشائش ۽ راحت پيدا ٿئي. بلڪ مولانا بي رُخيءَ سان پيش آيا. ۽ پنهنجو هٿ نہ وڌايائون. فرمايائون تہ مون سان بيعت نہ ڪر. ايتري ۾ مولانا جي پيشانيءَ تي منهنجي نظر پئجي وئي تہ هڪ سفيد داغ نظر آيو جنهن سان طبيعت کي فطرتاً ڪوفت يا نفرت وانڌر ٿيندي آهي. اهو ڏسي مان بيعت ڪرڻ ۾ ٿورو پوئتي ٿيس ۽ مولانا کي جڏهن منهنجي ارادي جي خبر پئي تہ مان بيعت ڪرڻ کان ٿورو پوئتي ٿيو آهيان تہ فوراً هڪ خوبصورت صورت ۾ اچي ويا يا پاڻ کي ظاهر ڪيائون جنهن کي ڏسڻ سان بي قابو ٿي ويس ۽ پنهنجو هٿ آستين کان ٻاهر ڪڍي فوراً بيعت ڪيم.

قرآن پاڪ جو هڪ تفسير آهي (رشحات) ان جي هڪ رشحي ۾ لکيل آهي تہ هڪ ڏينهن آيت ڪريمہ **قُلِ اللّٰهُ ثُمَّ ذَرْهُمْ** (اي پيغمبر صہ چئي ڇڏيو تہ (اهو ڪتاب الله (ئي نازل فرمايو آهي) پوءِ انهن کي جهڳ مارڻ ڏيو.) جي تاويل ۾ پاڻ (خواجہ ڪان) فرمايائون تہ مطلب هي آهي تہ صوفي هميشہ مطلق ذات کي واحد تصور ڪندو رهي ۽ صفتن ۽ صورتن جي جيڪا ڪثرت ڏسجي ٿي. انهن کان گذري وڃي.

حاصل ڪلام تہ لفظ ثُمَّ هن آيت ۾ ڏسي هن ڪتاب جي لکندڙ جي ذهن ۾ اها ڳالهہ آئي تہ صوفي تخلق ۽ تبديليءَ کان پوءِ هڪ مدت بعد هن توحيد جي مرتبي کي پهچندو آهي اهڙي ئي طريقي سان توحيد جي مرتبي کي پهچندو آهي. اهو محقق سالڪن جو طريقو آهي ۽ بغير دير جي فوراً توحيد جي مرتبي تي پهچڻ جذب جي نشاني آهي ۽ مجذوبن جي عادت آهي. **لَايَعْلَمُ تَاوِيْلَهٗ اِلَّا اللّٰهُ** (الله کانسواءِ ان جو اصل مطلب ڪنهن کي بہ معلوم ڪونهي).

احرار الاولياءجي بيماريءَ جي شروعات پهرين محرم هجري سنہ اَٺ سؤ پنجانوي تي ٿي. ۽ سندن رحلت انهيءَ سال جي پهرين ربيع الاول تي ٿي. هي عجيب لطيفو ۽ لطيف نڪتو آهي تہ جيترا سندن زندگيءَ جا سال هئا يعني اَسي ۽ اُٺاسي. ڳڻڻ ۾ اوترائي ڏينهن سندن بيماريءَ ۾ آيا. جيڪا حديث آهي **حُمّٰى يَوْمِ كَفَّارَةُ سَنَتٍ** (هڪ ڏينهن جو بخار هڪ سال جو ڪفارو ٿيندو

www.maktabah.org

آهي) انهيءَ سعادت جو کين شرف حاصل ٿيو. پاڻ ۾ خليفا پنهنجي جاءِ تي ڇڏيائون. جيڪي سلف صالحين جي آثارن سان آراسته- خلافت ۽ هدايت لاءِ شائسته- اجازت ۽ خدائي قرب جي لائق هئا. سڀ کان وڏو خواجہ محمد عبدالله هو. جيڪو خواجہ ڪلان ۽ خواجگانِ خواجہ جي نالي سان مشهور هو. ٻيو خواجہ محمد يحييٰ آهي. پاڻ پنهنجي والد بزرگوار جا جانشين هئا. حضرت حقائق پناهي مولويءَ کان نقل ٿيل آهي تہ جيڪو وڏو هو اُهو علم ۽ فضيلت ۾ گهٽو وڏو هو ۽ جيڪو جانشين هو اُهو جذبہ ٔ حال ۽ ولايت جي جلال ۾ سيني کان اڳتي آهي.

رشحات جو مصنف لکي ٿو تہ جنهن زماني ۾ خواجہ محمد يحييٰ هريٰ ۾ تشريف فرما ٿيا هئا. ان زماني جو ذڪر آهي تہ هڪ ڏينهن خواجہ اتفاق سان حضرت حقائق پناهي مولانا محمد روحيءَ جي ملاقات لاءِ ويا هئا. مان بہ گڏ هئس. گهر جي مالڪ (مولانا محمد روحي) مهمان سان نهايت ادب جو برتاءُ ڪيو ۽ تواضع و تعظيم ۾ گهٽي گرما گرمي ظاهر فرمائي ليڪن همنشينيءَ جو سڃو وقت طرفين جي خاموشيءَ ۾ گذريو مان ٻئي ڏينهن اڪيلو مولانا جي خدمت ۾ ويس تہ ظاهر ۽ باطن جي آراستگيءَ جي متعلق حضرت خواجہ جي خدمت ۾ آيس تہ ٻڌل ڳالهيون سڀ مون گڏيل طريقي سان ظاهر ڪيون. خواجہ فرمايو تہ ڪالهوڪي ڏينهن مان سندن صحبت ۾ پنهنجي فنا ۽ مولانا جي اثبات ۾ مشغول هئس. منهنجي جيڪا بہ تعريف مولانا ڪئي آهي اُها هنن پنهنجي ئي تعريف ڪئي آهي. ڇو تہ ان وقت مون ۾ مولانا جي ئي حقيقت جلوه گر هئي.

سجاده نشين احراريہ جا سڀ واقعات ۽ حالات ڪتاب "رشحات" ۾ مصنف کي جيئن جيئن موقعو ۽ وقت مليو آهي تفصيل سان لکيا اٿس. هتي مان صرف سندن شهادت جي متعلق مختصراً لکان ٿو. احرار الاوليا گهٽو ڪري اڪيلائيءَ جي محفلن ۽ خواجہ محمد يحييٰ سان امير المؤمنين ابي عبدالله الحسين رضي الله عنہ جي واقعن جو ذڪر ڪندا هئا ۽ فرمائيندا هئا تہ تنهنجي روح کي شهيد ڪربلا جي ولايت ۽ شهادت سان ڪامل نسبت آهي. چون ٿا تہ جڏهن سندن والد بزرگوار حقيقي محبوب جي باغ ڏي هليا ويا تہ ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ شاهہ بيگ خان سمر قند جو پرڳٽو ضبط ڪري ورتو ۽

www.maktabah.org

هجري سنہ نَوَ سؤ ڇهہ جي محرم جي پهرئين ڏهاڪي ۾ جمعي جي ڏينهن حضرت خواجہ محمد يحييٰ کان مواخذو ۽ مطالبو ڪري جيڪي ڪجهہ نقد يا جنس مڪانات وغيره هئا سڀ سرڪار ضبط ڪيا ۽ ڳوٺ- زمين ۽ سڀ هاري سرڪاري ملازمن جي سپرد ڪيا ويا ۽ انهن جو قبضو ٿي ويو. خواجہ ڪي انتظار هو تہ شايد عاشوري جي ڏينهن شهادت جو واقعو واقع ٿئي ۽ دائمي آرام ملي وڃي. مگر ائين نہ ٿيو. انهيءَ وچ ۾ خان حڪم ڏنو تہ توهان بمع پٽن مريدن ۽ تعلق رکڻ وارن سميت خراسان هليا وڃو. مطلب تہ پاڻ جڏهن خراسان ڏي روانہ ٿيا ۽ تاشقند کان نڪري ويا ۽ محرم جي تاريخ بہ ڏهينءَ کان اڳتي وڌي وئي تہ خواجہ ڪي حيرت ٿي ۽ انقباض طبيعت ۾ پيدا ٿيو تہ حضرت والد ماجد جو سچو ڪلام تہ يحييٰ جي شهادت تي دلالت ڪندو هو. ليڪن خبر نہ آهي تہ انهيءَ ۾ ڪهڙي حڪمت آهي الله جلشانہ ئي بهتر ڄاڻندڙ آهي. اهو خيال ڪندي تاشقند کان ٻہ يا ٽي منزلون ئي اڳتي ويا تہ اوچتو بيابان برپٽ ۾ ازبڪ جي هڪ فوج اچي ظلم ۽ زيادتي شروع ڪئي چئني طرفن کان تلوارن جا وسڪارا شروع ٿي ويا. آخرڪار فوج خواجہ محمد يحييٰ ڪي ۽ سندن ٻن پٽن خواجہ محمد ذڪريا ۽ خواجہ عبدالباقيءَ ڪي انهيءَ برپٽ ۾ شهادت ۽ مظلوميءَ جي درجي تي پهچايو. ٽنهين نسبتي ۽ حسبي بزرگن جا لاش خواجہ ڪفشير جي محلي ۾ آٿي ملايون جي احاطہ جي اندر احرار الاوليا جي قريب دفن ڪيا ويا ۽ قبرون ناهيون ويون. خواجہ شهيد جو صرف هڪ پٽ رهجي ويو. خواجہ محمد امين نالو اٿن. خدا ڪري بزرگ جو اولاد جهان ۾ گهٽو ٿئي.

انجمن خلفاءِ ڪامگار احراريہ قدست اسرارهم

مولانا سيد حسن- پاڻ احراريہ خليفن ۾ سيني کان وڌيڪ نيڪ سيني کان وڌيڪ عالم ۽ سيني کان وڌيڪ اڳتي وڌندڙ آهن. چون ٿا تہ ننڍائپ ۾ هڪ ڏينهن سندن والد بزرگوار کين قدم بوسيءَ لاءِ خواجہ احرار الاولياءَ جي خدمت ۾ وٺي ويو هو. اتفاق سان مجلس ۾ ماکيءَ جو پيالو رکيو هو ۽ مولانا دلچسپيءَ سان ماکيءَ ڏسندا رهيا. انهيءَ دوران ۾ حضرت خواجہ پچيو تہ صاحبزادا! تنهنجو نالو ڇا آهي. جواب ڏنائون تہ ماکي- خواجہ جن

www.maktabah.org

مسڪرائيندي فرمايو تہ نندڙي ۾ ڪامل قابليت ۽ صحيح قبوليت عطا ڪئي وئي آهي. صرف ايتري ڳالهہ تي جو هن جي ذهن ماڪيءَ جو مزو حاصل ڪيو آهي ايترو تہ ماڪيءَ جي خيال ۾ مشغول آهي جو پنهنجو نالو ماڪيءَ ۾ گهر ڪري ماڪيءَ ڪانسواءِ ٻيو ڪو نالو زبان تي نہ ٿو آڻي. پر جيڪڏهن هن جي جان ۾ ماڪيءَ کان وڌيڪ مٺي شيءِ پهچي وجي تہ ضرور هن جو توجهہ ۽ استغراقي ڪيفيت ان ۾ گهٽي هوندي. ان ۾ ڪو شڪ ڪونهي. خواجہ احرار الاولياءانهيءَ ئي وقت کين سندن والد بزرگوار کان وٺي پنهنجي تربيت ۽ همٽ سان فيض پهچايو ۽ درسي علوم معنوي نور جي حاصل ڪرڻ جو سبب ٿيا. رشحات جو مصنف لکي ٿو تہ خواجہ احرار الاولياءزماني جي سلطانن سان ميل ميلاپ رکندا هئا انهيءَ ڪري درويش سندن صحبت جي فيض کان محروم رهندا هئا. هڪ ڏينهن انهيءَ سلسلي ۾ هڪ درويش جي دل تي بار ٿيو ۽ انهن ئي ڏينهن ۾ مولانا جي خدمت ۾ بہ وڃڻ جو اتفاق ٿيس. پاڻ چند بزرگن سان گڏ وينا هئا. احياءُ العلوم جي تصحيح ڪري رهيا هئا ان ڪي چڏي درويش ڏي متوجہ ٿيا ۽ قرب پيدا ڪري فرمايائون تہ "هڪ ڏينهن هڪ عالم خواجہ احرار الاولياءجي حضور ۾ حاضر هو ۽ خواجہ ان جو اندروني خدشو معلوم ڪري پڇو تہ بادشاهن ۽ حاڪمن سان جنهن شخص جي ملڻ ڪري گهٽن بيڪس غريبن جون ضرورتون پوريون ٿين ۽ گهٽائي گرفتار مظلوم آزادي حاصل ڪن، ان شخص جو ڪنهن جبل جي ڪنڊ ۾ گوشي نشين ٿي ويهڻ ۽ عبادت ۾ ۽ طالبن جي تربيت ۾ مشغول ٿيڻ کيئن آهي ۽ ان جي حقيقت ۽ حالات جي اعتبار سان متين ٻنهين طريقن مان ڪهڙو اختيار ڪرڻ مٿاهون ۽ اهم آهي. جواب ڏنائين تہ سلطانن سان ملڻ ۽ عاجزن ۽ غريبن جي مدد ڪرڻ- ان تي خواجہ مسڪرائيندي فرمايو تہ جيڪڏهن ظاهر ۾ اهڙي فتوي ٿو ڏين تہ پوءِ باطن ۾ ان تي اعتراض ڪرڻ ڪهڙي".

مولانا رح جن بہ انهيءَ درويش جي خيال کان آگاه ٿي متيون قصو بيان فرمايو ۽ دل تي پيدا ٿيل بار هٽايو.

مولانا قاسم: کين احرار الاولياءَ جو پاڇو ڪري سڏيندا هئا. جيئن تہ پير جي پيرويءَ ۾ ۽ فنا في الشيخ هئڻ ۾ پاڻ گهٽي ڪوشش ڪئي هئائون. ان ڪري سندن ذات ۾ خودداريءَ جي پاڇي جو مثال ئي نہ هو. سلوڪ جي

www.maktabah.org

مقابلي ۾ سندن توحيدي استغراق غالب هو. جناب حقائق پناهي، خواجہ احرار الاوليا جي سيني ساڻين مان مولانا قاسم جي برابر ڪنهن جا بہ معتقد نہ هئا ۽ سندن تعريف بہ حد ڪان وڌيڪ ڪندا هئا. تاريخ ڇهين ذي الحج هجري سنہ اٺ سؤ ايڪانوي تي سج لهڻ مهل سندن عنصري برج جو سج وصال جي افق ۾ لهي ويو لفظ "فياض" رحلت جي تاريخ آهي.

مير عبدالاول: پاڻ نيشاپور ڪان اچي ماورالنهر ۾ خواجہ احرار الاولياء جي خدمت سان مشرف ٿيا هئا. ۽ خواجہ جي خدمت ۾ رهي رابطو ۽ طريقت انهن ٻنهين ڪان سکيا هئائون. مولانا حسين واعظ ڪاشفي جن ڏينهن ۾ درسي فنون نيشاپور ۾ حاصل ڪري رهيا هئا. ان وقت مير رحہ جن سان هم سبق ۽ هم حجره هئا. مولانا حسين جو پٽ مولانا فخرالدين علي صفي لکي ٿو تہ پاڻ گذريل وقت جي والد جي دوستيءَ جو خيال ڪندي ڪمال توجہ سان پيش ايندا هئا. ۽ مولانا فخرالدين مير رحہ جن ڪان نقل ٿا ڪن تہ فرمائيندا هئا تہ جڏهن مان حضرت خواجہ جي خدمت سان سرفراز ٿيس تہ مون ست سال ڪامل رياضت ۾ صرف ڪيا. انهيءَ عرصي ۾ خواجہ ظاهري طور تي مطلق منهنجي حال تي متوجہ نہ ٿيا. بلڪ ڏاڪ سور جيڪي سڃن درد وارن جو حصو آهن مان برداشت ڪندو هئس. ۽ صبر تحمل ۽ توڪل اختيار ڪري عقيدت سان پنهنجو اعتقاد درست رکندو هئس. جڏهن برداشت جي طاقت نہ رهي تہ هڪڙي ڏينهن پير ڊگها ڪري وڃي حجري ۾ رسمهي پيس. مٿو ۽ منهن چادر ۾ لڪائي ڇڏيم ۽ پنهنجو پاڻ تي لعنت ملامت ڪندو رهيس ۽ نصيحت طور پاڻ کي تسلي ڏئي چيم تہ عبدالاول هن دنيا ۾ گهٽا ماٺهو اهڙا آهن جيڪي ولايت جي قرب جي دولت کان واقف ئي ناهن ۽ تون بہ انهن ۾ئي شامل ٿي وڃ. محنت ۽ ڪوشش جي برداشت ڪرڻ ۾ جيتري انساني طاقت هئي اُها تون ڪم آڻي چڪين مگر ڪنهن ڪم جي ڪانہ ٿي. انهيءَ قسم جي پشيمانيءَ جون ڳالهيون ڪندي حجري ۾ پيرن جي هلڻ جو آواز معلوم ٿيو جيئن تہ مان غم جي درياهہ ۾ ٻڏل هئس انهيءَ آواز ڏي ڪوبہ توجہ نہ ڏئي دستور مطابق ليٽيو رهيس تہ ايتري ۾ پير بزرگوار جو آواز آيو تہ عبدالاول آرام سان ستو پيو رهہ تنهنجا سڀ ڪم ڪامل طريقي سان درست ٿي ويا آهن. اهو ٻڌي مان بي چينيءَ سان اُٿي بينس ۽ چا ٿو ڏسان تہ حضرت خواجہ حجري ڪان ٻاهر تشريف وٺي هليا ويا ۽ هي

www.maktabah.org

محروم عاشقن وانگر بيتاب ٿيڻ لڳو ان کان پوءِ مونکي طلب جي راهه ۾ ٻيهر استقامت ۽ حد کان وڌيڪ رسوخ نصيب ٿيو. ايتري قدر جو ذي الحج جو مهينو هجري سنه نو سؤ پنج اچي ويو. انهيءَ ئي مهيني ۾ پاڻ عالم شهادت مان ڪوچ فرمايو اٿن. عالم شهادت کان ڪوچ ڪرڻ (لڏڻ) وجود جي سفر جي آخرين منزل ۽ وحدت جي لامڪان جو پهريون مقام آهي ۽ اهوئي اصل وطن آهي. انهيءَ طرف ئي وڃڻو پوندو آهي.

مولانا جعفر: پاڻ عالم- عامل- عارف- عاشق ۽ ڪامل هئا. بيخودي ۽ محويت- افاقي ۽ هوش تي ۽ خاموشي ڀالهائڻ تي غالب هئن. هڪ ڏينهن پاڻ چون پيا ته شروع شروع ۾ رسمي علمن جي حاصل ڪرڻ کان طبيعت پري رهندي هئي ۽ فقيرن جي طريقي ڏي طبيعت جي ڪشش هئي. هڪ رات خواب ۾ خواجه احرار الاوليا جي خدمت حاصل ٿي مون دريافت ڪيو ته بندو ڪڏهن خدا کي پهچندو آهي. فرمايائون ته جڏهن پاڻ کي فنا ڪري ڇڏي. جڏهن خواب مان سجاڳ ٿيس ته دل تي گهرو اثر هو. صبح ئي سان حجري مان نڪري سندن خدمت جي ارادي سان روانو ٿيس. جڏهن قدم بوسي حاصل ڪيم ته فرمايائون ته مولانا جعفر بندو خدا کي ڪڏهن پهچندو آهي. جڏهن هو بندگيءَ ۾ پاڻ کي فنا ڪري ڇڏي ۽ پاڻ مولوي معنوي (مولانا رومي رح) جو اهو بيت پڙهيائون جنهن جو مطلب آهي ته جيستائين پاڻ کي ڏسندو رهندين خدا کان پري رهندين پر جڏهن پاڻ کي ڏسڻ ڇڏي صرف خدا ڏي متوجه رهندين ته واصل ٿي ويندين[1]

مطلب ته- سندن آخري سفر سنه اٺ سؤ ٽيانوي جي ڪنهن مهيني ۾ ٿيو آهي. ان وقت تائين طريقت جي سلوڪ ۾ پاڻ کو مشڪل حل ڪرڻ کانسواءِ نه ڇڏيائون. آخرڪار فقر ۽ فنا جي عنصري خرقي کي خلد ۽ بقا جي خلعت سان تبديل ڪري عالم علويءَ ڏي رحلت فرمائي ويا.

مولانا برهان الدين ختلاني: پاڻ علم جا بحر هئا. جوانيءَ جي شروعات ۾ مختلف علمن ۾ ڪمال حاصل ڪيائون. ماڻهو سمرقند ۾ بن ماڻهن کي مادرزاد عالم چوندا هئا هڪڙو مولانا زاده مولانا عثمان ۽ ٻيو

---

[1] (حديث پاڪ ۾ به آهي ته مَن كان الله كان الله لَهُ يعني جيڪو خدا جو ٿي وڃي ته خدا به ان جو ٿي ويندو).

www.maktabah.org

برهان الفضل ختلائي چوندا آهن. پاڻ مسلسل چاليهن سالن تائين خواجہ احرار الاولياءجي خدمت سان خدا شناسي حاصل ڪندا رهيا ۽ڪين هڪ منٽ لاءِ به جدائيءَ جي طاقت نہ هئي. هجري سنہ اٺ سؤ ٽيانوي ۾ مولانا جعفر جي رحلت کان اٺ ڏينهن اڳ سندن آخري سفر جو سامان ٿي ويو هو.

مولانا لطف الله ختلاني: پاڻ مولانا برهان الملتہ ختلائيءَ جا پاڻج آهن. عام شريعت ۽ طريقت جا ڄڻ تہ پاڻ ماهر هئا ۽ بسط و ڪشائش وبشاشت جون اعليٰ درجي جون صفتون سندن ذات ۾ موجود هيون. سندن ڪلام لازمي طور تي مسڪراهٽ ڏيارينڊڙ نڪرندو هو پاڻ فرمائيندا هئا تہ خواجہ احرار الاولياءجي خدمت ۾ منهنجي بيعت ٿيڻ جو قوي ترين سبب هي آهي تہ مون پنهنجي وطن ۾هڪ رات رسالت پناه ﷺ جن کي هڪ دلربا صورت ۾ عالم مثال ۾ مشاهدو ڪيو هو. فوراً دل و جان سان انهيءَ نوراني شڪل جي جمال تي فدا ٿيس. ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ جڏهن ايزدي مشيئت جي موجب حضرت خواجہ جي خدمت ۾ حاضر ٿيس تہ هڪ ڏينهن پاڻ فرمايائون تہ جيڪي سعادتمند ماڻهو آهن اُهي حضرت سيد المرسلين عليہ السلام جن کي خواب ۾ مختلف لطيف لطيف صورتن سان ڏسندا آهن ۽ ڪلام جي دوران نگاه ڪٽي مون ڏي ڏٺائون تہ جناب سرور عالم عليہ السلام جن جو اُهو ئي مثالي جلوه مبارڪ منهنجي نظر ۾ اچي ويو جيڪو مون خواب ۾ ڏٺو هو ۽ اهو واقعو منهنجي گرفتار ٿيڻ جي زنجير بنيو ۽ حضرت خواجہ جن جي هميشہ حضوريءَ جي بدولت علمي صورتن جي ڪمال کي پهتس.

مولانا شيخ: تزڪيو- تهذيب- تصفيو ۽ ترتيب هي سڀ صفتون سندن ذات ۾ موجود هيون. پير بزرگ جي سرڪار ۾ ملڪي ۽ مالي ڪمن جي انتظام جو گهٽو تعلق سندن راءِ تي منحصر هو. هڪ ڏينهن احرارين سلسلي جا گهٽا مريد خواجہ ڪفشير جي محلي ۾ جمع هئا ۽ پاڻ ۾ راز ۽ نياز جون ڳالهيون ڪري رهيا هئا. هلندي هلندي ڪلام جو سلسلو خواجہ احرار الاولياء جي عجيب ۽ غريب تصرفات ۽ ڪرامتن جي بيان تي وڃي پهتو ۽ هر هڪ مريد انهيءَ باري ۾ ڪو نقل يا روايت پيش ڪري رهيو هو. مولانا شيخ انوقت خاموش سيني جون ڳالهيون ٻڌي رهيو هو جڏهن حاضرين جي دل ۾ مولانا جي ڪلام ٻڌڻ جي بي انتها آرزو پيدا ٿي تہ پاڻ فرمايائون تہ توهان ماڻهو! خواجہ

www.maktabah.org

جا عالم اجسام جا تصرفات بيان ڪيو ٿا ليڪن عالم ارواح جي تصرفات مان هڪ لفظ بہ زبان تي نہ آندو اٿو. سيني حاضرين چيو تہ اسين اهڙي قسم جو ڪلام مولانا جي فصيح البيان زبان سان ئي ٻڌڻ ٿا چاهيون مولانا فرمايو تہ جڏهن شروع شروع ۾ گهٽي ڪوشش ڪان پوءِ مون تي ڪجهہ ڪوشش جا اثرات ظاهر ٿيڻ لڳا ۽ خواجہ جي پرورش سان روز بروز خير ۽ خوبي پنهنجو رنگ ڄمائڻ لڳي تہ خواجہ مونکي زراعت جي ڪمن جي نگراني واسطي مقرر فرمايو ۽ هي ظاهري ڪمن جي مصروفيت باطني عمل ۾ فتور جو سبب ٿي. ان ڪري مون موقعو تلاش ڪري. اڪيلائيءَ ۾ حضوريءَ جو شرف حاصل ڪيو ۽ اڃا خيال ڪيم تہ پنهنجي وقت جي پريشانيءَ جو حال ڪجهہ عرض ڪيان تہ حضور جن منهنجي باطن کان واقف ٿي ارشاد فرمايائون تہ هن سلسلي جو بنياد ۽ اصل "خلوت در انجمن" آهي ۽ غيرن کان طريقي کي مخفي رکڻو آهي ڇو تہ غيرت وارو محب پنهنجي محبوب جو حجاب پسندو ڪندو آهي ۽ ظاهر ڪمن ۾ مشغول ٿيڻ کان سواءِ طريقي کي لڪائڻ لاءِ ٻيو ڪو برقعو ڪونهي. وري مون سوچيو تہ عرض ڪيان تہ هنن ٻنهين عظيم الشان ڳالهين کي جمع ڪرڻ جو مون ۾ حوصلو ڪونهي. تہ فرمايائون مردن وانگر قدم رک الله تعالىٰ اميدن کي پوري ڪرڻ وارو آهي. ان وقت حضور جن منهنجي ڪمزوري ۽ نايابيءَ تي عنايت جي نظر فرمائي ۽ اهڙو تہ توجہ ڪيو جو جيڪا شيءِ عمل ۽ تڪلف سان ڪنهن ڪنهن وقت ميسر ٿيندي هئي اُها باطن تي حملو ڪري آئي ۽ هميشہ لاءِ رهي ۽ ان کان پوءِ اُها شيءِ ڪنهن امڪاني ضروري حالت ۾ بہ دل مان زائل نہ ٿي.

مولانا ابو سعيد اوپي رحمہ اللہ: پاڻ اولياءالله وانگر علم جي ڪنوار سان عمل جي گهوٽ جو نڪاح ڪيو هئائون. ۽ انهيءَ سبب جي ڪري پاڻ گهٽن ٿوابن جا اميدوار هئا. پنجٽيهن سالن جي عمر ۾ خواجہ احرار الاولیا جي حضور ۾ اچڻ شروع ڪيو هئائون. چوندا هئا تہ حضور جن جي عظمت واري خدمت ۾ تعلق پيدا ٿيڻ جو سبب اهو هو جو مان مرزا الخ بيگ مدرسي ۾ درسي علمن کي ڪمال ڪوشش سان حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هئس. اوچتو بغير سبب جي ظاهري رسمي علمن جي طرف کان منهنجي دل ۾ ڪدورت پيدا ٿي ۽ مون بي اختيار ٿي مدرسو ڇڏڻ جو پڪو ارادو ڪيو. ايتري ۾ هڪ

www.maktabah.org

سجاڻو ملیو مون پچومانس ته ڪٽان اچي رهيو آهين. جواب ڏنائين ته شيخ الياس عشقيءَ جي خدمت مان اچي رهيو آهيان جيڪو ڪوه نور ۾ رهندو آهي مان انهيءَ ئي وقت سڏو ڪوه نور جي طرف هلڻ لڳس. رستي ۾ خواجہ احرار الاولیا جي مدرسي وٽان گذر ٿيو. هي اُهو وقت هو جو حضور جن سواريءَ تان لهي پنهنجي مدرسي جي دروازي تي بينا هئا. منهنجي دل ۾ آيو ته هن بزرگ سان ملي پوءِ ڪوه نور هلڻ گهرجي. جڏهن مان خدمت ۾ حاضر ٿيس ته پاڻ هڪ بيت پڙهيائون. بيت جو مضمون ٻڌي مون کي بيحد حيرت ٿي. دل ۾ چيم ته جيڪڏهن هن بيت ۾ خواجہ منهنجو حال بيان فرمايو آهي ته پوءِ ضرور خواجہ بيهر بہ اهوئي شعر پڙهندا. اجا اها ڳالهہ خيال ۾ آئي ته خواجہ جي زبان مبارڪ تي پنهنجو نالو آيو. حالانڪ خواجہ کي اڳ معلوم نہ هو. ۽ فرمايائون ته هي شعر تو جيڪو ٻڌو شيخ ڪمال جي شعرن مان آهي ۽ وري بيهر پڙهيائون پوءِ اها ڪرامت منهنجي گرفتاريءَ جو سبب بني.

مولانا سلطان: پاڻ خواجہ احرار الاولياءجا خاص خليفا آهن ۽ وڏا عالم هئا. اهل ظاهر جي علمن ۽ اهل باطن جي بصيرت تي کين ڪمال جو عبور حاصل هو. خواجہ احرار الاولياءجي اجازت سان حجاز جو سفر اختيار ڪيائون ۽ حرمين الشريفين زادهما الله تكريماً جي طواف سان مشرف ٿي پوءِ پنهنجي مرشد جي خدمت ۾ موٽي آيا ۽ فيض حاصل ڪيائون. پاڻ چوندا هئا ته هڪ ڏينهن پير جي خدمت ۾ حاضر ٿيڻ جو ارادو ڪري رهيو هئس انڪري مون سوچيو ته توجہ يا مراقبي جي ذريعي خيالات ۾ جمعيت حاصل ڪري پير جي خدمت ۾ حاضر ٿيان مگر جميعت حاصل نہ ٿي. آخرڪار ذڪر نفي اثبات جي ذريعي ڪجهہ حضوري حاصل ٿي ان کي محفوظ ڪري خدمت ۾ حاضر ٿيس. ٿوري دير کان پوءِ حضرت جن فرمايو ته سلطان ڪڏهن نفي اثبات جو طريقو بہ عمل ۾ آڻيندو آهين مون عرض ڪيو ته جي ها. فرمايائون ته اگرچ حضور مع الله هڪ ئي شيءِ آهي ليڪن جيڪي نسبتون توجہ يا مراقبي يا نفي اثبات جي ذريعي پيدا ٿيون ٿين انهن جو هرهڪ جدا جدا رنگ هوندو آهي البتہ انهيءَ فرق کي سمجهڻ انهن بزرگن جو ڪم آهي جيڪي لدني علم جا عالم هوندا آهن.

مولانا محمد قاضي قدس روحہ: پاڻ شرعي علمن جا عالم ۽ سلوڪ طريقت جا واقف هئا. جيئن ته سندن طبيعت بلند- فهم متہ اهون- عقيدت دل

www.maktabah.org

پسند هئن ان کري معرفت ۽ حقيقت بيان ڪرڻ جي وقت خواجہ احرار الاولياء جا مخاطب پاڻ ئي هوندا هئا. حالانڪ وڏن عالمن جون جماعتون انهيءَ محفل ۾ حاضر ٿيندیون هيون. پاڻ هڪ ڪتاب سلسلہ العارفين نالي سان تاليف فرمايو اٿن. جنهن ۾ خواجہ احرار جا اوصاف حميده- عادات پسنديده- فضيلتون ۽ خصوصيتون جمع ڪيون اٿن ۽ خواجہ احرار الاوليا جي ڇار (عقيدت ۽ محبت جي ڇار) ۾ پاڻ ڪيئن ڦاتا اهو احوال بہ تفصيل سان انهيءَ ڪتاب ۾ لکيو اٿن ۽ رشحات جي مصنف بہ هتان ئي پنهنجي ڪتاب ۾ نقل ڪيو آهي. هاڻي انهيءَ بيان جي ٻيهر لکڻ جي ضرورت معلوم نہ ٿي ٿئي. احراريہ سلسلي جي ڪن حقيقتن جي صاحبن کان نقل ٿيل آهي تہ ڪمان گرون جي ڳوٺ ۾ جنهن ڏينهن خواجہ احرار الاولياءجن آخري سفر فرمايو آهي انهيءَ ڏينهن ۽ خاص ڪري فرزندن جي ٻين ماڻهن جون جماعتون مٿن کان موجود هيون. ان وقت خواجہ ارشاد فرمايو تہ حاضرين مان جنهن شخص کي مزاج جي مناسبت سان فقر يا غنا جيڪي گهرجي اڄ مون کان گهري ونو. سيني حاضرين ۾ سيني کان اڳ قاضي محمد کان پڇائون تہ توکي ڇا پسند آهي. عرض ڪيائين تہ جيڪي ڪجهہ حضور جن کي پسند آهي. جواب مليو تہ منهنجي پسند تہ فقر آهي. مولانا چيو **بشري لنا**- ان کان پوءِ خواجہ هڪ ڪر واري کي حڪم ڏنو تہ چار هزار سڪا زرشا هرخيءَ جا مولانا محمد قاضيءَ کي ڏي. جنهن فقر اختيار ڪيو آهي تہ جيئن مولانا انهيءَ رقم مان انهن درويشن جي معاش جو انتظام ڪري جيڪي هنن وٽ رهندا آهن. مولانا حڪم جي تعميل ڪندي انهيءَ نقد کي ونڊي پنهنجي ساڻين جي معاش جو انتظا ڪيو.

مولانا خواجہ علي تاشقندي: پاڻ درگاه احراريہ جي پراڻن خادمن ۽ ڪر وارن مان آهن. جڏهن سلوڪ جو آغاز ٿيو تہ قبول ۽ اقبال جو جبو تاشقند ۾ ملين. پاڻ فرمائن ٿا تہ جڏهن پير بزرگوار جن خراسان کان اچي پنهنجي وطن ۾ زراعت جو ڪر شروع ڪيو هو ان وقت منهنجي عمر ويهن سالن جي هئي جو مان خدمت ۾ حاضر ٿيس. خواجہ احرار الاولياءمنهنجي حال تي گهڻي ڪجهہ عنايت ۽ التفات فرمائيندا هئا. انهيءَ زماني ۾ علم جي طالبن جيڪي هوس ۾ ٻڌل هئا اهو ڇئي مونکي فريفتہ ڪيو هو تہ علم حاصل ڪرڻ جا سڀ سبب مهيا آهن لهذا علم حاصل ڪرڻ گهرجي ۽ انهن جي ترغيب سان مان

www.maktabah.org

سمرقند روانو ٿي ويس. مگر جيئن ته پير جي آستاني تان مڪمل اجازت ونڻي روانو ٿيو هئس. پهرين ئي منزل تي اهڙو ته مرض پيش آيو جو سفر نه ڪري سگهيس. هڪ قدم به اڳتي هلڻ جي طاقت مون ۾ نه رهي آخرڪار واپس ٿيڻ جي نيت ڪيم ۽ واپسيءَ نيت سان گڏ عافيت به واپس اچڻ لڳي. مان تاشقند کي جيترو ويجهو ٿيندو ٿي ويس اوترو ڪمزوري مون کان پري پوندي پئي وڃي ۽ جڏهن حجري ۾ پهتس ته صحت بلڪل مڪمل ٿي وئي. نهايت ادب سان قدم بوسي ڪيم ته پير پهريائين ته ڪاوڙ جي هليو وڃڻ ۽ واپس اچڻ جا سڀ واقعات منهنجي سامهون بيان فرمايا ۽ عتاب ڪيائون مگر آخرڪار رحمت ۽ عاطفت جي ڇانوَ ۾ ٻنهين جهانن جي رنج ۽ غم کان مونکي نجات بخشائون.

شيخ حبيب تاجر تاشقندي: معرفت ۽ حقيقت سندن شعار هئي. پاڻ سراسر مهذب خدمت ۽ پسنديده ڪم ڪندڙ هئا. **رجال تلهيهم تجارة ولا بيع عن ذكر الله** (اهي ماڻهو جن کي سوداگري ۽ خريد و فروخت خدا جي ذڪر کان غافل نه ٿي ٿيڻ ڏئي) جي گروه سان کين نسبت هئي. تاشقند شهر جي لنگر جو کاڌو ۽ هتان جي مخلصن ۽ متعلقن جي دسترخوان جي ترتيب ۽ انهن خدمتن جو ڪم سندن سپرد هو. سندن ڪوشش ۽ تجربي سان هي سڀ ڪم ٿيندا هئا. آخرين ساهه تائين خواجه احرار الاولياءجي فيض مان معرفت ۽ قرب جو وظيفو جاري رهيو.

مولانا نورالدين تاشقندي: پاڻ نديڪ کان ئي خواجه احرار الاولياءجي محبت جو تصور پنهنجي دل ۾ رکندا هئا. وبا جي پهرئين سال ۾ هجري سنه اٺ سؤ چاليهه هو نيري رنگ جو داڻو جيڪو طاعون جي نشاني هو. خواجه احرار الاوليا جي ڪهي پاسي نڪري آيو. مولانا نورالدين انهيءَ داڻي کي پنهنجي لاءِ قبول ڪيو ۽ پاڻ کي خواجه تان قربان ڪيائين انهيءَ وقت اهو داڻو مولانا جي پاسي ۾ منتقل ٿي ويو ۽ خواجه جي صحت درست ٿي وئي ۽ ٽن ڏينهن کانپوءِ مولانا کوچ فرمايو.

مولانا زادو اتراري نامي: سندن نالو محمد عبدالله آهي. پاڻ بيان ڪندا هئا ته گهٽو وقت خدمت ڪرڻ کان پوءِ منهنجي دل ۾ اهو خيال آيو ته خواجه ٻين ماڻهن وانگر مون کي تلقين نه ڪا فرمائن. منهنجي انهيءَ نيت جو

www.maktabah.org

علم مولانا کي ٿي ويو ته فرمايائون ته ذکر جو سبق ٻين لاءِ مناسب آهي ۽ تنهنجو استعداد ته لطافت جي ڪمال درجي تي نهايت بلند آهي. تون ذکر جي تعليم جو محتاج نه آهين. مطلب ته پاڻ خواجه جي خدمت ۾ ظاهري ۽ باطني ڪمالات حاصل ڪري حجاز جي سفر جي اجازت گهري ۽ حرمين شريفين زادهما الله شرفاً جي زيارت ڪري ٻنهين جهانن جي سعادت حاصل ڪيائون. اتان پاڻ شام جي صوبي آيا ۽ انهن طرفن جو سير ڪري دمشق شهر ۾ اقامت فرمايائون. هن ملڪ ۾ طريقت ۽ سلوڪ جا سالڪ رجوع ٿيندا هئا ۽ پاڻ انهيءَ ئي شهر ۾ علوي عالم ڏي رخصت ٿيا.

مولانا ناصرالدين اتراري: پاڻ مولانا زادي جا نندا ياءُ هئا. احرارِيه ولايت جو ستارو طلوع ٿيو ئي هو ۽ اجان هن ستاري جا عالمگير شعاع سمرقند وارن جي اکين ۾ پهتا نه هئا ته خواجه جون عجيب و غريب خبرون ۽ ڪرامتون ٻڌي دل جي ڪمال اشتياق سان سندن ڏي متوجه ٿيا. ان جي باوجود جو وطن ۾ هڪ حسين مظهر سان اکيون مليل هيون. دل ۾ عشق جو تعلق به هو مگر تاشقند روانه ٿي ويا. انهن ڏينهن ۾ خواجه احرار الاولياءباغستان ۾ هئا جيڪو تاشقند جو جبل آهي. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ بهار جي موسم آئي جيڪا عشق ۽ محبت جي سلسلي جي ڪڙي هوندي آهي. هڪ پاسي جوانيءَ جي محبت جي شورش ۽ ٻئي پاسي جبل جي شادابي- انهن ڳالهين دل کي پريشان ڪري ڇڏيو. مون سوچيو ته اجازت گهران. مگر موقعو نه مليو. ڏاڍو تنگ دل ٿي پيس هڪ ڏينهن خواجه سان گڏ ان جي باوجود جو دل مطمئن نه هئي هڪ صحرا جي سير لاءِ هليو ويس اُتي هڪ ٻنيءَ ۾ پهتاسين جتي گل قل ٽڙيل هئا. حضرت جن هڪ شاخ مان گل ٽوڙي منهنجي هٿ ۾ ڏنو ۽ جيڪي ڳالهيون منهنجي دل ۾ لکل هيون سڀ جون سڀ منهنجي سامهون ظاهر ڪيون. مان هي سڀ راز جون ڳالهيون ٻڌي شرم کان غرق ٿي ويس. انهيءَ وقت حضرت جن رحم جي نظر سان مون تي نوازش فرمائي ۽ ايتري ۾ مجازي عشق جي پير محبت ۾ تبديل ٿي ويو ۽ اطمينان سان خواجه جي خدمت ۾ حاضر رهي دنيوي ۽ اخروي سعادت حاصل ڪيم.

غوثي! جڏهن خواجگان نقشبنديه خاص ڪري احرارِيه جي وجد- معرفت- مقامات ۽ ڪرامتن جا حالات قدس الله اسرارهم رشحات جو مصنف تفصيل

www.maktabah.org

سان لکي ڇکو آهي تہ پوءِ مختصر قلم سان تنهنجو ٻيهر لکڻ بلڪل بيڪار آهي. جيئن تہ هن اعتراض جو رد ڪرڻ مون مختصر لکڻ واري جي طاقت کان ٻاهر آهي. لهذا عذر ۽ معذرت جي طور تي پنهنجي حقيقت حال جي ٻہ ٽي حرف سامعين جي خدمت ۾ عرض ٿو ڪيان، هن لکڻ سان مقصد انهن صاحبن جي ماجرا بيان ڪرڻ نہ آهي. بلڪ انهن جي ذڪر شريف کي پنهنجي ڪتاب جي مقبوليت جو ذريعو سمجهي جرات ڪئي آهي. انهيءَ بنياد تي مون هنن حضرات جا نالا مبارڪ لکي هن ڪتاب جو عنوان ۽ پنهنجي تذڪري جو نشان ۽ ڪتاب کي فهرست قرار ڏنو آهي تہ جيئن شوقين هن جماعت جا مبارڪ حالات رشحات ڪتاب مان جيڪو تفصيل آهي ڏسي سيراب ٿين.

لله الحمد دائماً۔

مولانا نورالدين عبدالرحمن جامي رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

پاڻ امام الوقت محمد ابن حسن جا فرزند آهن. جيڪي هرمز شيبانيءَ جي نسل مان آهن. هرمز شيباني زماني جاهليت ۾ وقت جو بادشاهہ هو ۽ اميرالمومنين عمر بن الخطاب رضی اللہ عنہ جي هٿ تي اسلام ۽ اعتقاد قبول ڪيو هئائون. بني شيبان عرب جي گهڻن قبيلن ۾ شرافت ۾ مشهور آهن. خاص ڪري مولانا جو ڏاڏو ۽ پڙ ڏاڏو جيڪي متقي ۽ عالم ٻہ هئا. ازلي تقدير سندن ذاتي حقيقت کي هجري سنہ اٺ سؤ ارڙهن ۾ علم جي پردي تان ڪيي عنصري ترڪيب ۾ ظاهر فرمايو ۽ حاضرين بزم ولادت کي خوشي ۽ شادماني سان سرمست ڪيو.

سندن حالات لکڻ وارا هن طرح بيان ڪن تہ هڪ ڏينهن سندن خدمت ۾ سندس استادن جي تحقيق جو ذڪر هو تہ پاڻ فرمايائون "جيستائين مون کي عقل ۽ هوش نہ آيو هو تيستائين پنهنجي والد بزرگوار جي شاگرديءَ ۾ زباندانيءَ جو قاعدو ۽ قانون سکندو رهيس. پوءِ چند ڏينهن بعد اتان جي ٻين استادن کان علم سکيم. جڏهن مون وطن ۾ ڪو اهڙو عالم نہ ڏٺو جنهن جي سامهون تعليم جي لاءِ ڪتاب کولي سگهان تڏهن هرات ۾ اچي نظاميہ مدرسي ۾ انهيءَ حجري ۾ رهيس جنهن ۾ مولانا زين الدين تائبادي ۽ مولانا

www.maktabah.org

سعدالدين انصاري رهندا هئا. انهيءَ جي باوجود جو سڀ عقلي ۽ نقلي علوم ۽ يقيني ڪشفي معرفتون وَعَلَّمْنٰهُ مِنْ لَّدُنَّا عِلْماً (۽ اسان پنهنجي طرفان هن کي هڪ خاص علم سيکاريو هو) جي چشمي مان دل تي فائز ٿيندیون هيون. تڏهن به عربي فنون جا ڪتاب ٿوري عرصي ۾ مولانا جنيد جي درس مان سکي ورتر جيڪو معنيٰ جي فن ۾ وقت جو استاد هو ۽ جامع العلوم مولانا خواجه سمرقنديءَ جي درس مان چاليهن ڏينهن ۾ فارغ ٿي ان جا سڀ علمي جواهر حاصل ڪيم. ۽ مولانا محمد جاجرميءَ جي خدمت ۾ رهي مناظري جو علم آداب ۽ طريقو ياد ڪيم. ۽ سمر قند ۾ قاضي زادي روميءَ جي صحبت ۾ پهچي علم معقول حاصل ڪيم". مطلب ته ٿورڙي مدت ۾ انهيءَ ملڪ جي سيني عالمن ۽ سالڪن تي ڪين ۽ سندن علم کي وڏو درجو ۽ وڏو پايو حاصل ٿي ويو هو.

چون ٿا ته انهيءَ زماني ۾ انهيءَ وقت شيخ بهاءُ الدين عمر- مولانا بايزيد پوراني- مولانا محمد اسد ۽ ٻين بزرگن جي جمع ٿيڻ سان ۽ انهن جي صحبت مان فقر - درويشي ۽ تلقين ۽ارشاد جي خوشبو طالبن جي دماغ ۾ پهچندي هئي. انهن بزرگن جي صحبت سان به ڪين فيض ۽ فائدو پهتو هو. ليڪن زبان دانيءَ جي شروع ڪان زندگيءَ جي انجام تائين نظم ۽ غزل گوئيءَ جو ذوق سندن فقر ۽ درويشيءَ جي منهن تي بدستور نقاب بنيو رهيو. جيئن عمر ۾ تفاوت ٿيندو ويو ۽ دلربا مظاهر جو جمال ڏسڻ سان نگاه جي گرميءَ ۾ فرق آيو ۽ حسينن جي صورت جي آئيني مان اسمائي ڪمالات نظر اچڻ ۾ به تفاوت ٿيندو ويو. تيئن نظر ۽ غزل گوئيءَ جي ذوق ۾ به تفاوت ضرور نمايان ٿيندو رهندو هو. يعني پاڻ شعر- علم- خوش باشي ۽ مردم آميزيءَ جي لباس ۾ حق شناسيءَ جي اسرارن کي پوشيده رکندا هئا. هڪ اهو ته وهبيه بهائيه سلسلي ۾ تلقين بسم الله- لکل طريقو آهي. ٻيو اهو ته فيض جي مرڪز ڪان انوار قدسيءَ جو فيضان سلوڪ جي ابتدا ۾ سندن مٿان مجازي عشق جي صورت ۾ ٿيندو هو ته جيئن هي ظاهري عشق سندن حقيقت جي مُنهن تي نقاب بنيو رهي ۽ غيرن جي اک سان سندن تصوف جي منهن کي نظر نه لڳي. شايد علوي عالم ڪان سندن ڪاميابي انهيءَ شڪل ۾ مقرر ڪئي وئي هئي.

هن بيان سان انهيءَ مدعا جي تائيد ٿئي ٿي ته هڪ ڏينهن مولانا فرمايو

www.maktabah.org

ته مان هڪ انساني مظهر جي جمال تي عاشق هئس. هڪ دفعي وضو ڪندي مون پنهنجي هٿ کي بنا ڪنهن تفاوت جي بلڪل محبوب جو هٿ سمجهيو. فوراً انهيءَ وقت اصلي حقيقت ڏي رجوع ڪيم ۽ دل ۾ خيال آيو ته هيءَ حالت بلڪل حضرت خاتم النبوة عليہ السلام جهڙي آهي جوهڪ وقت پاڻ فرمايو هئائون ته هذه يدالله (هي الله جو هٿ آهي) ۽ اشارو سندن هٿ مبارڪ ڏي هو. هيءَ حالت هن پردي ۾ درويش تي ظاهر ٿي ٿئي. ۽ جيئن ته ڪنهن باڪمال زنده دل سان بيعت جي رسم ادا ڪرڻ خدا شناسن جي عادت آهي. لهذا باوجود مٿي ذڪر ڪيل ڪمالات جي بيعت جي مراسم ادا ڪرڻ ضروري سمجهي قطب طريقت ۽ غوث حقيقت مولانا سعد الدين ڪاشغريءَ جي خدمت ۾ دل جي خواهش سان حاضر ٿيو جيڪي نقشبندي سلسلي ۾ ان وقت هدايت جي مسند تي صدر نشين هئا انهن سان علي الاعلان بيعت جي رسم ادا ڪئي.

تڪملہ جو مصنف مولانا عبدالغفور سندن مريد ٿيڻ جو بنياد هن طرح لکن ٿا ته هڪ رات مجازي معشوق جي جدائيءَ ۾ سندن مٿان رنج ۽ غم وڌي ويو. ايتري قدر جو هوش- خرد- صبر- آرام- معرفت- ادراڪ ۽ تميز بلڪ انساني سرڪار جا سڀ نفيس نفيس مڪانات تاراج ٿي ويا. غنودگيءَ جي صورت ۾ بيهوشي پيدا ٿي ۽ بيهوشيءَ دل ۽ دماغ تي قبضو ڪيو. عالم مثال ۾ ڇا ٿا ڏسن ته مولانا سعد الملته و الدين جي جمال ۽ ڪمال سان اکيون روشن آهن ۽ مولانا پنهنجي حقائق بيان زبان سان نصيحت فرمائي ته جامي پنهنجو رخ اهڙي يار ڏي ڪر جنهن جي توکي لازمي ضرورت هجي. اهو بلڪل سچ آهي ته جڏهن باري تعاليٰ جي پاڪ ذات چاهيندي آهي ته ڪنهن مظهر کي ان جي مبدر جي طرف ڇڪي ته صرف هڪڙي بهاني سان علائق ۽ موانع جا سڀ حجابات ان شخص تان کڻي ونندي آهي ۽ جيڪو ڪمال هن جي حصي جو هوندو آهي. ان ڪمال تائين پهچائي ڇڏيندي آهي. جڏهن پاڻ سلوڪ اختيار ڪيائون ۽ ظاهري روش ڇڏيائون ۽ هڪ عرصو گوشي نشينيءَ ۾ بسر ڪيائون ته ايتري درجي تي سندن حال پهچي ويو جو ڇا گفتار ڇا رفتار ۽ ڇا ڪردار اهي سڀ معاملا جيڪي طبيعت کي مانوس هئا هڪدم سندن عقل ۽ شعور مان پريشان ٿي نڪري ويا ۽ بيگانہ معلوم پئي ٿيا.

فرمائن ٿا ته جڏهن سلوڪ جي شروعات ۾ انوار جو ظهور ٿيندو هو جنهن

www.maktabah.org

سان هستيءَ جو ستارو لکي ويندو هو. ان وقت بار بار پير فرمائيندو هو ته کشف ۽ کرامات تي کوبه اعتماد نه کرڻ گهرجي. انهيءَ کان بهتر کا کرامت کانهي ته کنهن تاثير جي صاحب جي صحبت ۾ کنهن سعادتمند کي کو اثر حاصل ٿئي ۽ هو خودیءَ کان ٿوري دير لاءِ آزاد ٿي وڃي.

رباعي

ياري که بديدار وے از دست شوي-ان به که بزير پائي اولعهت شوي
گرمے نه خوري ز جام و صلش يارے- از شيوه چشم مست او مست شوي

بيت

زياده هيڇت اگر نيست اين نه بس که ترا- ومے زوسوسه عقل بي خبردارد

مرزا سلطان حسين وزير هو. مولانا جامي عشقيه مثنوي يوسف زليخا سندس نالي ئي منسوب کئي. ان ۾ لکي ٿو:

"جهان چکسرچه ارواح و چه اجسام- بود شخص معين عالمش نام
بود انسان دران شخص معين- چو عين باصره بشناس روشن
دران عين آن که چون انسان عين ست- جهان مرد مي سلطان حسين ست."

هن بينظير تعريف جي باري ۾ راقم جو خيال آهي ته اڄ تاريخ سترهن رجب هجري سنه هک هزار ايکيهه آهي. ۽ اکثر علم وارن پنهنجي پنهنجي فرمان روا جي مدح ۾ بهتر سخن چيا آهن. ليکن اڄ تائين هن قسم جي رعنائي طرف کنهن شاعر طبع فاضل ۽ کنهن بافضيلت شاعر جو گذر نه ٿيو آهي. امير علي شير نوائيءَ تخلص هک ترکي رسالي ۾ مولانا جي حالات ۾ لکيو آهي ته مولانا نفحات الانس- شواهد النبوة ۽ لمحات شيخ فخرالدين ابراهيم عراقيءَ جي شرح مخلص جي التماس تي تصنيف فرمايا آهن.

تکملہ جي مصنف لکيو آهي ته مولانا فرمائيندا هئا ته اهو جيکو کي اکابر چوندا آهن ته باطني شغل سان ڳالهائڻ جمع نه ٿو ٿئي اِها ڳالهه بلڪل بعيد معلوم ٿي ٿئي چو ته نفحات جي تصنيف جي وقت مان ڪڏهن هک صفحو ڪڏهن وڏيڪ ٻن صفحن تائين لکي ويندو هئس ۽ دل کي ان جي لکڻ جي خبر به نه پوندي هئي ۽ قلم جي عادت جي موافق بدستور جاري رهندو هو.

www.maktabah.org

سندن تصنيفات جو شمار هن طرح آهي. نثر- فارسيءَ ۾ شواهد النبوة- نفحات الانس جيڪو مشائخ طبقات وغيره جو تذڪرو آهي. لوائح جيڪو مولانا جي ئي رباعيات جي شرح آهي. بهارستان جيڪو بلبل شيراز (سعديءَ) جي گلستان جي رنگ ۾ آهي. ٻيا سورهن رسالا جن مان ڪجهه رسالا ته آيات قرآنيءَ جي تفسير ۽ حديث نبوي عليه السلام جي ترجمي ۾ آهن ۽ ڪي تصوف ۽ سلوڪ جي علم ۾ آهن ۽ ڪي معما- عروض- قافيا ۽ انشا جي علم ۾ آهن. تيرهن نسخا عربي ۽ فارسي جيڪي اڪابرن جي ڪتابن ۽ بيتن جي شرح ۾ آهن. نظم ۾ ست مثنويون آهن جن جو هفت اورنگ نالو آهي ۽ ٽي ديوان غزل ۽ قصيدا آهن ڪل ٽيتاليهه ڪتاب مشهور آهن. ان کان علاوه سندن قلم سان لکيل حاشيه- تعليقات- رقعات ۽ ٻيا مختلف بيت هر فن ۾ موجود آهن.

چون ٿا ته تاريخ پندرهين محرم الحرام هجري سنه اٺ سؤ اٺانوي تي جڏهن رات ۽ ڏينهن برابر هجڻ جي موسم هئي پاڻ وصال جي بزم ۾ پهچي ويا ۽ حقيقي محبوب جي جمال جو شربت نوش فرمايائون ۽ مٽان اناالله وانااليه راجعون جو نقل تناول ڪيائون. هي دردناڪ واقعو تجهيز و تڪفين نعش ۽ نماز جي ڪيفيت ۽ قبر جي عمارت جو حال تفصيل سان مولانا عبدالغفور جي تڪملہ ۾ ۽ امير علي شير جي رسالي تزڪيه ۾ لکيل آهي. شوقين اصحاب چاهن ته ان کي مطالعو ڪري مٿي بيان ڪيل حالات کان مطلع ٿي ٿا سگهن.

تڪملہ وارو لکي ٿو ته آخر زماني ۾ جڏهن پاڻ يوسف زليخان جي نظم جو شغل جاري ڪيو هئائون ته فرمائيندا هئا ته دل جي گهٽي ڪشش اهڙي خيالي صورت جي طرف آهي جو خارج ۾ ان جي وجود جو گمان به نه ٿو ٿئي ۽ تصنيف جي وقت باطني شورش ۽ حرارت جا آثار ڪانئن ظاهر ٿيندا هئا. چنانچه ڪيترا دفعا پاڻ سماع فرمائڻ لڳندا هئا ۽ ان کي ايترو ته طول ڏيندا هئا جو سازن وارا ٽڪجي پوندا هئا ليڪن پاڻ باز نه ايندا هئا. آخرڪار جڏهن پيرن ۾ درد محسوس ٿيڻ لڳندو هئن ته ويهي رهندا هئا. حالانڪ ان کان اڳ سماع جي باري ۾ ڪين تردد هو ۽ فرمائيندا هئا ته جيستائين ڪو شخص پاڻ کي ڇڏي نه ڏئي ۽ جيڪو حال ان کي حاصل آهي ان کان خالي نه ٿئي تيستائين ڪيئن ٿو سماع ڪري سگهي. ۽ اهو به فرمائيندا هئا ته بيشڪ پهريائين چراغ

www.maktabah.org

ٻارڻ کپي ان کان پوءِ مطالعو ڪرڻ گهرجي اهو اشارو انهيءَ طرف هو ته انساني روح بني آدم جي عنصري محل جو چراغ آهي. انهيءَ چراغ کي نفساني پريشان خيالات ۽ خواهشن جي آندي‌ءَ کان رياضت جي فانوس ۾ محفوظ رکڻ گهرجي ته جيئن اهو چراغ شمع وانگر هدايت جي نور سان روشن رهي ۽ دلين جي اندر لکل جن معنائن ۽ جن ڪمن جي منهن تي موجودات جي الفاظن جو ڪارو پردو پيل آهي اُهي معنائون ۽ معاملا اعتباري نظر ۾ ظاهر ٿي پون.

هيءَ گذارش به ان ڪري آهي جو مولانا عبدالغفور فرمائي ٿو ته جڏهن مولانا جامي رحه جي خيالات ۾ خلش پيدا ٿيندي هئي ته گهربل معنيٰ کي ادا ڪرڻ کان عبارت قاصر آهي ته لکڻ کان اڳ سندن لطيف طبيعت انهيءَ خلجان جو اثر قبول ڪندي هئي. ان جي منشا تي غور ڪندا هئا. مخاطب جي نور فراست کان به ڪجهه مفهوم معلوم ڪندا هئا ۽ توجيهات جي ذريعي پنهنجي ذهن جو تردد دور فرمائيندا هئا. گهٽو ڪري سڏي ڪردار ۽ سڏي گفتار جي ماڻهن جي زباني ٻڌل آهي ته محفل ۾ ويٺلن جي دلين جي ڳالهين جي کين خبر پئجي ويندي هئي. ۽ ڪيترائي تصوف جا ڪتاب جن جي معنيٰ ۽ مضمون علم وارن جي فهم ۽ فڪر ۾ نه ايندا هئا انهن ڪتابن جي مقصدن کي پاڻ پنهنجي فارسي رسالن ۾ اهڙي طرح لکيو اٿن جو انهن ڪتابن جا سڀ مشڪلات حل ٿي ويا آهن. هاڻي سڀ ماڻهو انهن اڳين ڪتابن مان فائدو حاصل ڪري ٿا سگهن. مرزا شاهه رخ جو وڇولو زمانو هو جو پاڻ جسام کان آيا ۽ آخر زماني تائين هريٰ شهر ۾ مقيم رهيا. جڏهن زماني وارن دولت ۽ سلطنت جو پيمانو سلطان ابو سعيد مرزا جي هٿ ۾ ڏنو ته پاڻ اتان خيابان جي زمين ڏي هليا آيا جتي سندن پير بزرگوار جي آرام گاه آهي ۽ اتي ئي قيام فرمايائون. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ اتي سندن آستاني تي چئني طرفن کان فاضل- فقير- شاعر ۽ ظريف گروهن جا گروه جمع ٿيڻ لڳا ۽ قاضي- صدر- شاه ۽ وزير سڀ سندن خدمت ۾ حاضر ٿيڻ کي پنهنجي سعادت جو عمدو ذريعو سمجهندا هئا ۽ کين پنهنجي راز ۽ نياز جو قبلو بنائي ڇڏيو هئائون. امير علي شير سندن متعلق پنهنجي رسالي ۾ جيڪي ڪجهه لکيو آهي گهٽو ڪجهه آهي. پر جيئن ته درويشن جي هن خلوت خاني (ڪتاب گلزار ابرار) ۾ ابوالهوسون جي هجوم

www.maktabah.org

جي گنجائش ڪانهي. لهذا صرف نموني طور تي ڪجهه عرض ڪري انهيءَ تي ئي اڪتفا ٿو ڪيان.

مولانا جامي رحمه الله جو حلاوت بخش احوال

حضرت جن جو روزانو رات جو سلوڪ هن طرح هو ته جڏهن عشا نماز پڙهي ويندا هئا ته هڪ ڪلاڪ تائين مجلس ٿيندي هئي جنهن ۾ حقائق جو بيان ٿيندو هو. ان کان پوءِ اٽي وجي اڪيلائيءَ ۾ هڪ ڪلاڪ مشائخن وانگر شغل ۾ مشغول رهندا هئا، ۽ فرمائيندا هئا ته آرام ڪرڻ کان اڳ هن طريقي سان شغل (ذڪر اذڪار) ڪرڻ لازم ۽ اهم آهي ته جيئن ان جو فيضان پوري رات پهچندو رهي. شروع زماني ۾ سندن آرام جو ٽائيم گهٽ هوندو هو ليڪن آخر ۾ رات جو صرف پويون ٽيون حصو بيداريءَ لاءِ خاص ڪيو هئائون ۽ اهو حصو نماز ۽ مراقبي ۾ گذرندو هو ۽ فرمائيندا هئا ته پوئين رات جي شغل جي برڪت سڄو ڏينهن رهندي آهي. پوءِ فجر نماز لاءِ تازو وضو ڪندا هئا ۽ فرض پڙهڻ کان پوءِ مراقبي ۾ ويهي رهندا هئا. ايتري قدر جو سج اشراق جي درجي تي پهچندو هو ان وقت اشراق نماز ادا ڪري پوءِ تصنيف ۽ مطالعي ۾ مصروف ٿي ويندا هئا. انهيءَ دوران ائين به ٿيندو هو ته ايندڙن لاءِ ٿوري دير متوجه ٿي ويندا هئا. وهڻ جو طريقو اهو هو ته قبلي جي برابر تشهد جي حالت ۾ وهندا هئا. خالق ۽ مخلوق جي تعظيم لاءِ ۽ جيڪو جبو پائيندا هئا ان جو ٻانهون ڪليل هوندیون هيون ۽ گهٽو ڪري زمين تي وهندا هئا. جڏهن جبو لاهي پيرن هيٺان رکندا هئا، ۽ مسڪرائيندي فرمائيندا هئا ته فقيرن جو لباس وڃائڻ جو ٽاٽ به هوندو آهي ۽ ساڳيو ئي پائڻ جو لباس به هوندو آهي. لباس جي زيب ۽ زينت کان پري رهندا هئا. جيڪو ملي ويندو هو ان کي سٿو سمجهندا هئا. ڪڏهن قميص هوندي هئن ۽ ڪڏهن جبو هوندو هو مطلب ته هن شريف ذات جو اٽڻ ويهڻ ڪمال درجي جو خوشنما ۽ پسنديده هو. ڳالهائڻ ۾ لطافت سندن فصيح البيان زبان جي خاصيت شورش انگيزي سندن سخن جو خمير ۽ شوق افزائي سندن بيان جو سرمايو هو. جيڪو به شخص شريف يا غير شريف سندن خدمت ۾ پهچندو هو پاڻ ان سان گهڻي مهرباني سان پيش ايندا هئا. اچڻ واري کي جيڪو به غم وغيره هوندو هو ختم ٿي ويندو هو. ان جي بدلي ۾

www.maktabah.org

فيض ۽ خوشي ساڻ ڪٽي ويندو هو ۽ گڏ وهڻ ۾ مروت جي لحاظ کان پاڻ تي ايترو تہ جبر گوارا ڪندا هئا جو جيستائين اڇڻ وارو اٿي نہ ويندو هو پاڻ نہ اٿندا هئا. انهيءَ ڪري کين ڪي مرض بہ پيدا ٿي پيا هئا. مجلسن ۾ ان ڳالهہ جي تلاش رهندي هئي تہ هيڻ وهڻ جو موقعو ملي، ۽ گهٽ درجي جي ماڻهن سان ڪاڏو ڪائڻ ۾ هم پيالو هجڻ جي صورت پيش اچي. ڪائڻ جي شين ۾ نهايت بي تڪلف هئا ۽ دوريشاڻي ڪاڏن ڏي طبيعت جو ميلان گهڻو هوندو هو. سندن عملن ۾ ڪوبہ عمل اهڙو داخل نہ ٿيندو هو جنهن ۾ رياءَ جو ڪو شڪ پيدا ٿئي. جيڪڏهن ڪنهن شخص جي متعلق اهو معلوم ٿي ويندو هو تہ دنياوي مال جو حاجتمند آهي تہ لکل طريقي تي ان کي پهچائيندا هئا. ماڻهن جي اعتقاد يا انڪار کان سندن طبيعت بلڪل فارغ هئي. دنياوي شيون اصل ضرورت کان پوءِ جيتريون بچي پونديون هيون. خير جي ڪمن ۽ خير جي جاءِ تي خرچ ڪندا هئا. هرات شهر ۾ مدرسو تعمير ڪرائي پورو ڪيائون. خيابان ۾ مدرسو ۽ خانقاه ٻئي شروع ڪيائون ۽ انهن کي مڪمل ڪيائون. جام شهر ۾ جامعہ مسجد جو بنياد وڌائون ۽ انکي مڪمل ڪيائون. گهڻي ملڪيت خيابان مدرسي جي نالي وقف ڪيائون جيڪو سندن درگاه جي پاسي ۾ آهي.

تڪلمہ جي مصنف سندن خط مبارڪ مان ڪجهہ سٽون ۽ سندن دلڪش ڳالهين مان ڪجهہ ڳالهيون نقل ڪيون آهن ۽ اُهي هي آهن:

"ڪوبہ شخص اهڙو نہ آهي جنهن جو خيال ڪڏهن حق سبحانہٗ ڏي متوجہ نہ ٿيندو هجي. حضور قلب حضرت باري تعاليٰ سان هجڻ، ذڪر جي حقيقت ۽ ان جو مغز آهي. جيڪڏهن ڪنهن دولت مند شخص کي اها سعادت حاصل هجي جو حضور قلب هميشہ رهي ۽ حضور قلب جو مَلڪو دل ۾ ويهي وڃي تہ ان کي صوفين جي اصطلاح ۾ "مشاهدو" چوندا آهن. ۽ ماورالنهر جا خواجگان جي اصطلاح ۾ ان کي "ياداشت" جي نالي سان تعبير ڪندا آهن. ۽ "ياد ڪيو" جيڪو اسم مبارڪ يا ڪلمہ طيب جي ورد ڪرڻ سان آهي ۽ "نگهداشت" جيڪو مراقبي مان مراد آهي. (۽ اهو ان لاءِ آهي تہ خيالات ۾ خرابي نہ وڌي) هي سڀ "ياداشت" جي حصول جي لاءِ آهي. وفقنا الله بما يحب ويرضاه (الله تعاليٰ اسان کي انهيءَ شيءِ جي توفيق ڏي جيڪا ان کي محبوب هجي ۽ جنهن سان هو راضي هجي).

www.maktabah.org

واضح هجي تہ سيني انسانن جي پيدائش اصل فطرت جي اعتبار کان ڇئن مقدمات تي ٻڌل آهي.

پهريون:- هي تہ انسان جي حقيقت عدم کان وجود ۾ آئي آهي.

ٻيو:- هي تہ بقا جو وجود انسان جي قدرت ۽ اختيار ۾ نہ آهي ڇو تہ جيڪڏهن ائين ئي هجي ها تہ انسان پاڻ کي باقي رکي سگهي ها ۽ فنا نہ ٿيڻ ڏئي ها.

ٽيون:- اهو تہ سيني ممڪن موجودات جو اهوئي حال آهي.

چوٿون:- اهو تہ جيڪي ڪجهہ عدم کان وجود ۾ ايندو آهي ان لاءِ وجود ۾ آڻيندڙ جو هجڻ ضروري آهي.

هي چارئي مقدمات اهڙي ناهيندڙ (خالق) جي وجود جو اعتقاد پيدا ڪرڻ جا بنياد آهن جيڪو بذاتِ خود موجود هجي ۽ انجي موجود هجڻ ۾ ڪنهن غير جو دخل نہ هجي.

انهن مقدمات کان علاوه انسان ڇاڻي ٿو بلڪ مشاهدو ٿو ڪري تہ الله پاڪ جي انعام سان ان کي عمديون عمديون نعمتون ملن ٿيون. جيئن خود انسان جو وجود الله جي نعمتن مان آهي ۽ عقلي قوتون ۽ ظاهري ۽ باطني حسن وغيره وغيره الله تعاليٰ جون نہ ڪٽڻ واريون نعمتون وجود جي نعمت جي تابع ۽ ان کان علاوه آهن. هن مرتبي ۾ انسان جو خيال انسان کي "الانسان عبيدالاحسان" جي حڪم تحت پنهنجي اصل جي طرف طبعاً جذب ٿو ٿئي. ۽ اها جذب جي شروعات آهي ۽ ان کان پوءِ جيڪڏهن انسان خيال ڪري تہ نفعو يا نقصان جيڪي ڪجهہ ٿئي ٿو "لَا فَاعِلَ فِي الْوُجُود اِلَّا اللّٰه" جي حڪم تحت سڀ خالق جي طرف ئي منسوب ٿو ٿئي. الله تعاليٰ جلشانہ جي تعاليٰ شانہ جي خيال ۾ رهي تہ ان جو جذب آهستي آهستي وڌندو ۽ مضبوط ٿيندو ويندو ۽ ممڪنات سان ان جو جيتري قدر تعلق هوندو ان ۾ فتور ايندو ويندو تان جو اهو ڪٽجي ويندو آهي.

هڪڙو سبب تہ خيال جي جذب ٿيڻ جو اهو ٿيو. ٻيو اهو تہ انسان جڏهن خيال ڪندو آهي تہ اهو انسانيت ۽ آدميت جي اعتبار کان بغير لذت جي نہ ٿو ٿي سگهي. ۽ لذت خيال جي تابع هوندي آهي ۽ خيال جنهن ڏي هجي اهو ڪامل ۽ باقي هئڻ گهرجي. ڇو تہ فاني ۽ ناقص جي طرف جيڪڏهن خيال هوندو تہ جيئن تہ ان ۾ نقصان يا فنا جو عيب لڳل آهي لهذا ان ڏي خيال ڪرڻ

www.maktabah.org

جو نتيجو غم هوندو. ۽ ٻئي طرف انسان اهو به خيال ڏو ڪري ته ڪامل مطلق لم يزل ۽ لايزال ذوالجلال ولاقضال جي ذات پاڪ آهي جو ته حسن ۽ جمال ۽ احسان ۽ ڪمال جيڪي ڪجهه آهي اهو سڀ حقيقت ۾ حق جي ڪري ئي ثابت آهي ۽ جيڪو به حسن ۽ جمال ۽ احسان ۽ ڪمال ممڪنات ۾ ملي ٿو اهو حقيقت ۾ حضرت ذوالجلال جي حسن ۽ جمال ۽ احسان ۽ ڪمال جو پاڇو آهي. جل و علا۔ ۽ ممڪنات وٽ اڌارو آهي. جو ته ممڪن خود پنهنجي ذات ۽ معدوم (فنا ٿيڻ وارو) آهي ۽ معدوم شيءِ جي وصف ڪمال نه ڏو ٿي سگهي. ممڪن ۾ جيڪي ڪجهه نظر ٿو اچي اهو دائمي نه آهي ان ڪري معرض فنا ۽ محل زوال ۾ آهي. جڏهن انسان جو علم انهن مقدمات تي حاوي ٿيندو ته پوءِ ڪو شڪ ناهي ته هن جو جذب هڪ خاص مرتبو ۽ طاقت پکڙيندو. جو ته محبت پيدا ٿيڻ جو سبب حسن هوندو آهي يا احسان ۽ هي ٻئي خوبيون الله جلشانه ڪي ئي حاصل آهن. ۽ جڏهن انسان حق جي ڪمال ۽ بقا جو ۽ خلق جي نقصان ۽ فنا جو خيال هميشه ڪندو رهندو ۽ ڪلمي طيب لا اله الا الله جو (ترجمو مطلوبي ۽ محبوبيءَ جي لائق ڪير ناهي مگر الله جيڪو انهن بنهين خيالن کي لازم ڏو ڪري) ورد ڪندو ته حق سبحانهُ جي طرف هن جي ڪشش ۽ غير حق سان هن جي بي تعلقي ايتري درجي تي پهچندي جو هن جو ممڪنات سان تعلق ختم ٿي ويندو بلڪ جيڪي خدا کان سواءِ آهي سيني کي وساري ڇڏيندو.

جيڪڏهن ڪنهن جو هي حال نه هجي ته پوءِ هي سمجهڻ گهرجي ته مٿين بنهين عقيدن مان ڪوبه هن کي حاصل نه آهي يا طبيعت جي خواهشات ۾ ايترو ته ڦاسي ويو آهي جو ان ۾ متاثر ٿيڻ جي قابليت ئي نه رهي آهي ۽ اهو شخص جانورن ۾ شامل ٿي ويو. **اُولائِکَ کَالْاَنْعَامِ بَلْ هُمْ اَضَلُّ** (هي ماڻهو حيوانن وانگر آهن بلڪ انهن کان به ڪريل آهن.) هي گروه انهيءَ جي باوجود جو اهل ايمان آهن. مگر انهن حيوانن جي صورتن ۾ جيڪي اخلاق جي اعتبار سان هن گروه وانگر آهن. جيئن حديث نبوي علي مصدره الصلواة والسلام انهيءَ باري ۾ ٻڌايو آهي. هڪ شخص مولانا جي مجلس ۾ عليه الرحمته والرضوان آيو. ۽ چيائين ته مان ذڪر ته ڪيان ٿو ليڪن متاثر نه ٿو ٿيان. فرمايائون ته عقيدي کي درست ڪرڻ گهرجي. فرمائيندا هئا ته ڪي مشائخ ذڪر ۾ صرف اسم مبارڪ تي اڪتفا ڪن. جيئن الله تعالي جو قول

www.maktabah.org

آهي قُلِ اللّٰهُ ثُمَّ ذَرْهُمْ (چون تہ الله پوءِ انهن کي کيڏڻ ڏي) اگرچہ اسم مبارک حق سبحانہ جي کمال تي بڏل آهي. ۽ انهيءَ ڪري هي حق سان تعلق ۽ خلق سان بي تعلقيءَ جو نتيجو پيدا ٿو ڪري. جيڪو اصل مقصود آهي ليکن ڪلمي کي اختيار ڪيو آهي. ۽ نبي عليہ الصلواة والسلام جن جي نصيحت هن ذڪر جي افضليت ۾ شاهد موجود آهي. افضل الذڪر لا الہ الا الله- بيون وڌيڪ حديثون ان جي افضل ۽ مٿاهين هجڻ جي باري ۾ واقع آهن. ۽ مرتبي جي اعتبار کان ئي ان کي تحليل چوندا آهن. ڇو تہ تحليل جي معنيٰ آواز کي بلند ڪرڻ آهي. الله جلشانہ سان حضور قلب انهيءَ صفت سان ۽ انهيءَ طرح پيدا ڪرڻ جو جنهن صفت کان ۽ جنهن طرح انسان الله جلشانہ سان ايمان رکندو هجي انهيءَ مثل آهي جيئن انسان ذڪر جي حقيقت ۽ ان جي اصليت جو وجود ۾ آڻيندڙ ۽ ظاهر ڪندڙ آهي. ذڪر جي هڪ صورت آهي. هڪ معنيٰ آهي ۽ هڪ حقيقت آهي. ذڪر جي صورت تہ اها آهي تہ ذڪر ڪندڙ خاص لفظ کي جيڪو حرفن جو مجموعو آهي ڳالهائڻ جي ذريعي آهستي يا بلند ادا ڪري، يا خيال جي ذريعي ذهن ۾ حاضر آڻي، ۽ ذڪر جي معنيٰ اها آهي تہ ذڪر ڪندڙ ذڪر ڪيل لفظ جي معنيٰ ۽ مفهوم ۾ بہ فڪر ڪري. ۽ حقيقت ذڪر اها آهي تہ ذڪر ڪندڙ صرف تصوري مفهوم کي شعور ۾ آڻي جيڪا ذڪر جي توجہ جو قبلو ۽ تير جو نشان آهي. آهستي طريقي سان تڪلم گهٽن مشائخن جو طريقو آهي. انهن ۾ شيخ ڪبير محي الدين عربي آهي قد الله سرهُ العزيز. ۽ ذڪر ڪرڻ ۾ گهٽن مشائخن جو طريقو تڪلم بالجهر (بلند آواز سان) آهي ۽ خيال سان ذڪر خفي آهي ۽ هي طريقو خواجگان جو آهي قدس الله اسرارهم.

قَالَ اللّٰهُ تَبَارَكَ وَتَعَالىٰ اُدْعُوْا رَبَّكُمْ تَضَرُّعًا وَّخُفْيَةً (الله تعالىٰ فرمايو آهي تہ پنهنجي پروردگار کي گڙ گڙائي ۽ آهستي آهستي دعا ڪندا رهو).

مولانا علاؤالدين محمد رحمۃ اللہ علیہ مڪتب دار جي ياد ۾

پاڻ انهيءَ نبيءَ جي علماءِ اُمت مان آهن جن انت منيءَ جي حڪم کي عام ڪري ڇڏيو آهي. مولانا سعد الدين ڪاشغريءَ جا مريد هئا ليکن راهہ

www.maktabah.org

سلوڪ ڪين ملي آهي شيخ عبدالڪبير يمنيءَ جي فيض خدمت مان جيڪو هڪ واسطي سان شيخ عبدالرحمٰن مصريءَ جو خليفو آهي ۽ شيخ عبدالڪبير جي فيض خدمت مان ئي سندن همٿ مٽائين مرتبي تي پهتي آهي. چون ٿا ته هڪ ڏينهن پاڻ فرمايائون ته شيخ يمنيءَ حديث قدسيءَ جي تعريف معلوم ڪئي. مون عرض ڪيو ته جيڪو ايزدي ڪلام بغير فرشتي جي وسيلي جي پيغمبر جي نفس ناطقه تي نزول فرمائي اُها حديث قدس آهي. شيخ فرمايو ته انهيءَ بنياد تي هن گروه جا دل آويز اقوال بہ حديث قدسي آهن. ان تي ٻڌندڙن مان هڪ شخص چيو ته جيڪڏهن توهان ائين ئي فرمائيندا ته پوءِ صوفين جي گروه جي نبين جي طبقي سان مساوات لازم ٿي ويندي. جواب ڏنائون ته مساوات انهيءَ سبب جي ڪري لازم نہ ايندي ته مٿين نسبت انبياءَ ۾ بالاصالته ۽ اوليا ۾ بالاتباع آهي. راقم جي خيال ۾ هيءَ ڳالهه ٿي اچي ته جنهن حالت ۾ نفس الامر هڪ جنس مان هجي ۽ اهو مختلف الڪيفته افراد ڪان ظاهر ٿئي. اهڙي حالت ۾ ان کي هڪ ئي نالي سان سڏڻ دليريءَ جي ميدان ۾ قدم رکڻ ۽ ادب جي آباد شهر کان نڪري گستاخيءَ جي ويران بيابان ۾ وڃڻ آهي ۽ نالا رکڻا آهن. درجي جو لحاظ بہ ضروري ڳالهه آهي جيئن خرق عادت جي نمود و نمائش جو. اها جنهن شخص جي ذريعي ظاهر ٿيندي آهي ان جي اعتبار سان ان جو نالو بہ جدا هوندو آهي. نبيءَ کان معجزو- وليءَ کان ڪرامت- مومن کان معرفت ۽ غير مومن کان استدراج .

مولانا عبدالله فرنحودي رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

پاڻ عالم- عارف- ڪامل- عامل ۽ اندر باهر کان هڪ جهڙا هئا. فرمائيندا هئا ته مولانا عبدالرحمٰن جامي رحہ باطني محل جي ڪنگري تي چڙهڻ مهل پرن کي کولي ويندا ۽ ايندا آهن. ليڪن مولانا علاوالدين محمد مڪتب دار تي وڃڻ ۽ اچڻ ۾ پر کولن ئي نہ ٿا. چون ٿا ته هن بيان مان مطلب اهو آهي ته مولانا عبدالرحمٰن سلوڪ طريقت ۾ اضطراب ۽ عجلت رکندا آهن ۽ مولانا علاؤالدين آرام ۽ آسائش سان هلندا آهن. راقم جي ذهن ۾ لکڻ مهل ائين ئي آيو ته پَرَ کولي پرواز ڪرڻ مان مطلب عروج کي ظاهر ڪرڻ آهي ۽

www.maktabah.org

بغير پر کلڻ جي اڏامڻ مان مطلب عروج کي مخفي رکڻ آهي. بيشڪ جاميءَ جي آثارن جو ظاهر ٿيڻ ۽ مڪتب دار رحمتہ الله جي برڪتن جو مخفي رهڻ هن مثال جي صحيح ٿيڻ تي هڪ روشن دليل آهي.

درويش منصور سبز واري رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

پاڻ اندر ۽ باهر ۾ ايترا تہ سنها هئا جو بيان ۾ نہ ٿو اچي سگهي. مولانا عبدالرحمن جامي رحہ جا هم عصر هئا. مير علي شير نوائي ساڻن ڪمال عقيدت رکندو هو ۽ ساڻن نهايت دلبستگي ۽ محبت هئن. گهڻو ڪري سندن عمر روزه وصال ۾ ئي گذري هئي.

مولانا محمد روحي رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

سندن لقب شمس الدين ۽ ڪنيت ابوالمڪارم آهي. هرات جي پرڳڻن مان ڪنهن پرڳڻي جا رهڻ وارا آهن. استقامت ۽ ڪرامت ۾ ڪين ڪمال حاصل هو. مولانا سعد الدين ڪاشغريءَ جا مريد آهن. چون ٿا تہ سندن والده ماجده نهايت پرهيزگار ۽ صالحہ هئي. اڃ جو رتبو رياضت بلند همٽيءَ ۾ گهڻو وڏو هو. اها فرمائي ٿي تہ مان اميد سان هئس (پيٽ سان هئس) تہ هڪ رات مون عالم مثال ۾ نبي مصطفيٰ عليہ السلام جي زبان مبارڪ مَايَنطِقُ عَنِ الهَوَيٰ (پنهنجي نفساني خواهش سان ڳالهيون نہ ٿا ڪاهن) کان پٽ جي خوشخبري ٻڌي ان کان پوءِ انهيءَ ئي حمل مان هي پٽ ڄائو. انهيءَ واقعي جي بنياد تي محمد نالو رکيو ويو. چون ٿا تہ شروع زماني کان آخر تائين سندن سلوڪ ۾ ڪنهن بہ قسم جي لغزش نہ آئي. پاڻ پنهنجي سڄي عمر اتباع شريعت ۾ گذاري ۽ ڪرامتن ۽ مقامات جا صاحب هئا.

شيخ ڇجو اساولي رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

پاڻ شيخ نظام عمر اڪرم جا مريد آهن. جيڪو خلافت ۾ يارهن واسطن کان پوءِ سيد احمد ڪبير رفاعي قدس سرہُ کي پهچن ٿا. مستقيم الطريق ۽

www.maktabah.org

مستوي الحال هئا. پنجويهين ذي القعد تي روحاني عالم ڏي ڪوچ فرمائي ويا. شيخ جمال نوساريءَ کي ذڪر جي سند- شغل جي تلقين- ارشاد جي اجازت ۽ خلافت جو خرقو اهي سڀ شيون سندن ئي خدمت سان مليون آهن.

شيخ فخرالدين گنج اسرار جونپوري رحمة الله عليه جي ياد ۾

پاڻ پير گنج شڪر جي نسل مان آهن قدس سرهما. ايزدي اسرار ۽ الاهي انوار جا پاڻ خزانہ هئا ۽ بزرگانِ زمانہ کي سندن مٿان فخر هو. سندن دلڪش قول آهي تہ جيڪو ڪمال مونکي حاصل ٿيو ان کي مون دور بين عقل جي بدولت سمجهو پو تہ ڪنهن شخص جي هدايت جو احسان ۽ احسان جو بار سلوڪ جي راهہ ۾ مون تي ڪونهي ۽ شيخ نظامي گنجوي قدس سرهُ جا اشعار پڙهندا هئا. جن مان معلوم ٿو ٿئي تہ شعر لکڻ ۽ پڙهڻ وارا ٻئي اويسيہ گروه مان آهن. ڪيترائي خدا شناس ماڻهو سندن سچا مريد هئا ۽ انهيءَ طرف جا اعليٰ حاڪم بہ نهايت نيازمندي ۽ اعتقاد سان سندس خدمت جي آرزو رکندا هئا. ۽ ادب ۽ اهتمام سان سندن آستاني تي حاضر ٿيندا هئا. سندن قبر جونپور ۾ زيارت گاه آهي ۽ گهڻي مشهور آهي.

شيخ بهاءُ الدين گنج روان رحمة الله عليه جي ياد ۾

پاڻ پنهنجي والد بزرگوار شيخ فخرالدين ثاني جا خليفہ آهن. چون ٿا تہ قادر شاهي عهد هو. ڪالپي زمين جي هينائين ۾ هڪ خطرناڪ جهنگ هو. ان هينائين ۾ شيخ ۽ شيخ سان گڏ چند دهليءَ جا خدا پرست مخدوم جهانيان جي اجازت سان رهڻ لڳا هئا. ۽ الله جي عبادت ۾ سڄو وقت پئي گذاريائون. خوراڪ جو طريقو اهو هئن جو ديڳن تي پاڻيءَ سان پري چلهي تي چاڙهي چڏيندا هئا. جيڪا ڪجهہ دير بعد گيهہ ۾ ٻڏل ڪچڙيءَ سان تيار ملندي هئي جيڪا ڪائڻ وارن لاءِ ڪافي هوندي هئي. ان عجيب ڳالهہ ڪري سندس نالو گنج روان پئجي ويو. هڪ دفعي حاڪم وقت شڪار ڪندي اچي اتان لنگهيو. اتي هڪ جابلو ٻڪر کي شينهن جي پنڃان ڦرندي ڏٺائين. پوءِ تہ دل ۾ پکو پهہ

www.maktabah.org

ڪيائين تہ اتي هڪ قلعو ۽ شهر آباد ٿيڻ گهرجي. پر جڏهن قلعي جي ديوار اڃان مڪمل ٿيڻ تي ايندي هئي تہ ڪالپ جن ان کي ڌاهي ڇڏيندو هو. آخر ان ڪم لاءِ حاڪر شيخ جي ملاقات لاءِ آرزومند ٿيو. پاڻ اصل ڳالهہ سمجهي ويا ۽ هڪ سر ڪٽي ديوار ۾ لڳايائون ۽ محمد آباد نالو رکيائون. پر هندن وٽ اها ڳالهہ مشهور آهي تہ جيئن تہ ڪالپ جن جي رهڻ جي جڳهہ هئي انڪري ڪالپي مشهور ٿيو. چون ٿا تہ بادشاهہ وقت يا پيا صاحب استطاعت شيخ کي جيڪو ڪجهہ بہ پيش ڪندا هئا تہ قبول نہ ٿيندو هو. جنهن سان متعلقين کي تڪليف رسندي هئي. هڪ ڏينهن کين بي صبرو ڏسي چيائين تہ توهان جي خاطر جمنا کان ڪجهہ زمين ڪٽي ونون ٿا. جيڪا ماڻهن جي احسان ڪانسواءِ خاص روزي رسان جي خزاني مان ملندي. آخر جمنا نديءَ کي هڪ دفعو وري هڪ دفعو چيائين تہ: "هن ڪناري ڪان ڪجهہ جريب زمين اسان جي فرمانبردارن لاءِ ڇڏي ڏي. ۽ پاڻيءَ جو رستو مٽان ڪان ڦيراءِ." ٻئي دفعي چوڻ باوجود حڪم جي تعميل نہ ٿي. ٽيون دفعو لڪڻ ڪٽي ڪاوڙ مان پاڻيءَ تي هنيائين. فوراً پاڻيءَ هٽي موضع پلا وٽان ڦير ڪائي وهڻ شروع ڪيو ۽ تقريبن ٽي سو جريب زمين پاڻيءَ مان نڪري آئي. چون ٿا تہ انهيءَ زمين ۾ شيخ جي، شيخ جي نسل وارن جي زمين، گهر باغ ۽ خوابگاهہ اڄ تائين آهي.

مصرع: بادا نثار دُر سلامت روي برو.

شيخ ڪمال الدين حسين رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

پاڻ خالد جا پٽ آهن. جيڪو اجميري ناگوري هو قدس سرهما. فهم ۽ فراست ۾ ڪمال حاصل هئن. پاڻ شيخ ابراهيم قدس سرهُ جي خدمت مان ظاهري ۽ باطني ڪمالات حاصل ڪري خلافت جو خرقو حاصل ڪيو هئائون. شيخ ابراهيم شيخ عبدالعزيز ناگوريءَ جا خليفا آهن ۽ شيخ عبدالعزيز شيخ فريدالدين ناگوريءَ جا خليفا آهن. ۽ شيخ فريدالدين ناگوري شيخ حميدالدين سواليءَ جا بزرگ اولاد ۽ خليفن مان آهن قدس الله اسرارهم. ڪن جو چوڻ هي آهي تہ خالد خواجہ بزرگ معين الدين جي نسل مان آهن. قدس سرهُ- تفسير نور النبي صلی اللہ علیہ وسلم جيڪو گهڻ نڪتن ۽ تفسيرن جي سبب جو جامع آهي ۽ اصول

www.maktabah.org

انوار درباب تذکره ابرار هي ٻئي ڪتاب سندن ئي تصنيف آهي. اصول انوار ۽ خوانده چشت جي مشائخن جا حالات ۽ نسبتن جو حال اصول جي طور تي لکيو ويو آهي، ليڪن پاڻ پنهنجي باري ۾ صرف ايترو لکيو اٿن ته خالد جو پٽ مريدانِ معينيہ ۾ ڪمترين مريد آهي ۽ پنهنجي نسل جي متعلق قطعي ڪا ڄاڻ نہ لکي اٿن. مولانا عالم ڪابليءَ پنهنجي تذڪري ۾ لکيو آهي ته مون اجمير ۾ شيخ عبدالقادر بن شيخ ابوالفتح جي خدمت حاصل ڪئي هئي. جيڪي خواجہ معروف بن شيخ حسين خالد جا پوٽا آهن. ۽ مون ڪائنس نسبت جي تحقيق ٻہ ڪئي هئي. فرمايائون ته اسان جو وڏو پيءُ (ڏاڏو) چئن واسطن سان شيخ حميد الدين سواليءَ کي پهچن ٿا قدس الله اسرارهم.

مصرع: ير نسب وير حسب پر دو حجاب دل ست

سيد حامد حسني چشتي رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

پاڻ سيد حسين نهروالہ جا پائٽيا آهن. محبت- معرفت- عشق ۽ آگاهيءَ جا درياه هئا. نوجوان ڇوڪرا سندن خدمت ۾ رهندا هئا. ۽ انهن مان هڪ ڇوڪري ڏي طبيعت جو ميلان ٻہ هئن. پاڻ هڪ ڪبوتر انهيءَ ڇوڪري جي حوالي ڪري ڇڏيو هئائون ته هو هميشہ ان کي هٿ ۾ رکي مطلب ته ان مان اِهو هو ته بظاهر ڪبوتر کي ڏسڻ، مطلوب جو جمال ڏسڻ لاءِ ٻهانو هجي. ۽ نظر بازيءَ کي علي الاعلان شهرت نہ ٿئي. هڪ ڏينهن ڪنهن عرس ۾ پاڻ وڃي رهيا هئا. منظور نظر کي چيائون ته جيڪڏهن مون تي بيهوشي طاري ٿئي جنهن سان نماز نڪري وڃڻ جو انديشو هجي ته آگاه ڪجانءِ. جڏهن سماع جي مجلس ۾ پهتا ته هڪ گاني واري کي فرمايائون ته ڪو عشق جو قصو بيان ڪر مجبوراً هن بيان ڪرڻ شروع ڪيو ته:

"اسان جي ڳوٺ ۾ هڪ ڪنير هو جنهن کي پنهنجي عورت سان عشق هو. ان کان سواءِ ڪنهن ٻہ وقت نہ رهي سگهندو هو. ۽ نہ ان کان سواءِ ڪاڏي ويندو هو. اتفاقاً اُها عورت اهڙي ته بيمار ٿي جو ڪيتري عرصي تائين بيمار رهي. انهيءَ عورت مهرباني ڪري هڪ ڏينهن پنهنجي مڙس کي چيو ته منهنجي خوشي ان ۾ آهي ته تون ٻيو

www.maktabah.org

نکاح کر. مرد انکار کیو. اها ڳالھ ایتري تہ وڌي جو آخرکار مرد ٻيءَ عورت سان نکاح کيو. ۽ شھوت پرستيءَ سان ان تي عاشق ٿي پيو. ۽ پوءِ ايتري تہ نوبت آئي جو پھرين عورت سان ڪڏھن بہ همبستري نہ ڪندو ھو. انھيءَ دوران گھر ۾ باھ لڳي. مرد پنھنجي نئين عورت جو ھٿ پکڙي باھر نڪري آيو ۽ اڳين عورت کي دستور مطابق بيماريءَ جي حالت ۾ زمين تي پيل ڇڏي ڏنو ۽ زور سان چيائين تہ گڏھ جيڪو گھر ۾ ٻڌل آھي ان جو رسو کولي ڇڏ ۽ باھر ھليو اچ. اُھا عورت پنھنجي مڙس جي جفا جو بھانو تلاش ڪندي ھئي. فوراً مڙس جو حڪم ٻڌي اٿي بيٺي ۽ ھيٺ آيل گڏھ وٽ وئي ۽ جيئن ان جي رسي کولياٸين تہ باھ وکوڙي ويس ۽ جلائي رکَ ڪري ڇڏيائينس".

ھي قصو ڳائڻ وارن کان ٻڌي سيد جي دل ۾ سخت شورش ۽ سوزش پيدا ٿي. فرمايائين تہ انسان کي فرمانبرداريءَ ۾ ڪنھن جي زال کان گھٽ نہ ھئڻ گھرجي. ان کان پوءِ بيت پڙھي وجد جي حالت طاري ٿي وين. ملڪ شير مشائخ جو بيان آھي تہ اندروني حرارت سان سيد جي بدن ۾ ھڏيون پاٽي ٿي ويون. عصر نماز جو وقت ٿيو تہ انھيءَ منظور نظر عرض کيو تہ نماز جو وقت وڃي پيو. پاڻ ھوش ۾ آيا ۽ جماعت سان نماز پڙھيائون ۽ سلام سان گڏ زندگيءَ جو سرمايو بہ الاھي وصال جي بارگاھ ۾ موڪلياٸون.

شيخ نورالدين احمد منڊوي رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

پاڻ حضرت گنج شڪر رحہ جي پوٽن مان آھن قدس الله سرھما. سلاطين جي دور ۾ پٽن ملتان کان مولوه جي طرف آيا ھئا. شھر منڊو (مانڊو) جي ڪوھستان ۾ رياضت ۽ مجاھدي ۾ مشغول ھئا. ۽ نفس سان لڙائي شروع ڪري فتح حاصل ڪياٸون. ايتريقدر سندن استغراق وڌي ويو ھو. جو سڪر جي حالت مان ھوش جي حالت ۾ گھٽ ايندا ھئا. وحشي جانور ۽ پکي ھميشہ سندن چوگرد جمع رھندا ھئا. ڪين انھن بياباني جانورن جي ھئڻ يا نہ ھئڻ جي قطعي خبر نہ پوندي ھئي. ڇو تہ ايزدي نگھباني سندن محافظ ھئي. ان ڪري ڪين

www.maktabah.org

جانورن کان کو آزار نہ پهچندو هو. سندن هوش جي زماني جي ڀالهين مان هي ڀالهيون بہ آهن. جنهن کي حق سان آرام ملندو آهي. سڀ وحشي جانور ان جا تعبيدار ٿي ويندا آهن. سندن خوابگاه منڊو (مانڊو) ۾ آهي.

شيخ داؤد اساولي رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

پاڻ سيد برهان الدين قطب عالم بخاريءَ جا مريد آهن. الله جل شانہ، جي هستي ۽ مخلوق جي نيستيءَ کان هميشہ باخبر هئا. چون ٿا تہ ذکر کرڻ مهل جڏهن پاڻ لا الہ چوندا هئا تہ ڏسڻ وارن کي جاسوسي نگاه کرڻ تي بہ سندن عنصري جسم مان سواءِ پهرياڻ جي ڪجهہ معلوم نہ ٿيندو هو. ۽ پوءِ جڏهن الا الله جو نعرو هڻندا هئا تہ گهر جو اندريون حصو سندن عنصري ڍانچي تي سوڙهو نظر ايندو هو. انين ذي الحج تي دنيا مان کوچ کري حقيقي ديدار جو احرام ٻڌائون ۽ پنهنجي پير بزرگوار جي مزار جي برابر آرامي ٿيا.

شاهہ ابدال رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

پاڻ عرب ملڪ کان درياه اعظم جو سير ڪندا آڇي بندر جي رستي کان ڪوربنگالہ صوبي ۾ آيا هئا. اتان جي حاڪم حسين شاهہ پنهنجي ڏيءُ سان سندن نڪاح ڪيو. ان عورت سان هڪ ٻانهي بہ هئي جنهن گهڻي خدمت جي کري سندن دل ۾ گهر ڪيو هو. راڻيءَ کي، ٻانهيءَ سان ايتري قدر قرب ٿيندي ڏسي هميشہ غيرت کندي هئي. ۽ موقعي جي ڳولا ۾ هئي. هڪ ڏينهن شاهہ ابدال تفريح جي غرض سان پنهنجي دوستن سان بيابان ڏي ويو راڻيءَ اهو موقعو غنيمت سمجهي ٻانهي کي ماري ڇڏيو ۽ ان جو لاش هڪ دلي ۾ وجهي درياهہ ۾ وهائي ڇڏيو. اتفاق سان سير کندي درياه جي کناري تي وڃي پهتا. اُتي سندن زبان تي اڇي ويو تہ درياه مان منهنجي ريحانہ جي خوشبو ٿي اچي. چئني پاسي نگاه ڊوڙايائين. هڪ دلو نظر آيو. تارو وڃي اهو دلو ڪڍي آيا تہ ان ۾ سندس منظوره جو جسم هو. هي دل ڏکائيندڙ واقعو ڏسي سندن دل ۾ گهڻو وجد ۽ شورش پيدا ٿي. لاچار مقتولا کي دفنايائون ۽ خدا جي گهر جو

www.maktabah.org

پکو ارادو ڪري بيابان جو رستو ورتائون. سرگردان ۽ پريشان رنت پنور جي زمين تي پهتا اُتي هڪ مضبوط قلعو ۽ بلند جبل آهي. دارالخلافہ آگري کان مالوه جي طرف پنجن منزلن جي مفاصلي تي واقع آهي. پاڻ جدائيءَ جو زمانو انهيءَ جاءِ تي بسر ڪيائون. جڏهن وصال جو حڪم مليو تہ اتي ئي خوابگاه اختيار ڪيائون.

شاهہ نعمان رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

سندن قبر آسير قلعي جي هيٺان آهي جيڪو خانديسي سلطانن جو تخت گاه آهي. پاڻ حافظ جو پٽ- حافظ. نورالدين جو پٽ ۽ نورالدين شرف الدين جو پٽ- ۽ شرف الدين شيخ محمد زاهد جو پٽ هو. جن جي قبر دهليءَ ۾ آهي ۽ سابق دشت قبچاق جي زماني ۾ هندوستان ۾ آيا هئا. شاهہ نعمان رحلت ربيع الاول ۾ فرمائي. لهذا پهرين تاريخ کان پنجين تاريخ تائين عرس ٿيندو آهي. ملڪ جي چئني طرفن کان ماڻهو پنهنجي ڪٽنبن ۽ قبيلن سميت عرس ۾ ايندا آهن. برهانپور هڪ وڏو شهر هتان کان پنج ڪوهہ پري آهي. برهانپور جا باشندا نندا وڏا عورت مرد نيڪ بد پوڙها جوان ۽ مومن ڪافر مطلب تہ سڀ پنهنجي گهرن جي دروازن کي تالا لڳائي ڇڏيندا آهن ۽ هتي پهچي پنج ڏينهن سير ۽ سرور ۾ گذاريندا آهن. مختلف قسمن جا نذر ۽ نياز چاڙهيا ويندا آهن ۽ هزارين عقيدتمند پنهجي مطلبن ۾ ڪامياب ٿيندا آهن. گهٽا آزاد مزاج عنبرين ڄار ۾ ڦاسندا آهن. ۽ گهٽا ماڻهو سامان جي خريد و فروخت ڪري اصل ڪان ڪيترا دفعا وڌيڪ فائدو ڪمائيندا آهن. راقم بہ دفعا هن تماشہ گاه ۾ وڃي هر قسم جي ماڻهن ۾ ملي جُلي مزو ورتو آهي. چون تہ شيخ نعمان شيخ محمد ضيا جا مريد آهن. ۽ شيخ محمد ضيا جا رهنما طريقت سيد نظام الدين آهن. جيڪي شيخ نظام الاوليا جا خليفا هئا ۽ سيد نظام الدين جي مزار مونڪي پٽن دکن ۾ آهي. هي هڪ شهر آهي بان گنگا جي ڪناري تي جتي مورتي پوڄڻ وارن جو وڏو پرستش گاه (مندر) آهي ۽ هتان جا ڪپڙا اُٽڻ وارا اڳڻ ايترا تہ عمدا ناهيندا آهن جو بين سڀن شهرن ۾ بہ هتان کان سواءِ نايابہ آهن.

www.maktabah.org

شاھ عبدالله رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

پاڻ شاھ يوسف بهائي قريشيءَ جا پٽ هئا قدس سرهما. سلطان بهلول ۽ سلطان سڪندر جي ئي دور ۾ ملتان کان اچي دهليءَ ۾ سڪونت اختيار ڪئي هئائون. سلطان بهلول کين پنهنجو نائي ڪايو. بزرگيءَ جا آثار ۽ والايت جون نشانيون گهڻو ڪري سندن افعالن ۽ پيشانيءَ مان ظاهر هيون. ٻاويهين صفر جي ڏينهن هن مجازي جهان کان رخصت ٿيا. سندن فرزند شيخ رڪن الدين سلطان جي ڏيءَ مان هو ۽ آخر ۾ دهليءَ جو شيخ الاسلام ٿي ويو هو. شيخ ابوالفتح جيڪو دهليءَ جي مقام ۾ ڏهين صديءَ جي آخر جي اڌ حصي ۾ ننڍن وڏن جي توجه جو مرڪز بنيو هو. شيخ الاسلام ابن عبدالله جو پٽ هو.

شاھ نعمت الله چشتي رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

سلطان سڪندر لوڌيءَ جي گهڻي فوج سندن معتقد هئي ۽ فوج جو سردار ۽ ساٿن مريدن جهڙو سلوڪ ڪندو هو. مطلب تہ سندن پيري ۽ بزرگيءَ جي ايتري تہ شهرت ٿي هئي جو ٻڌندي ماڻهن جا ڪن پرجي ويا هئا. سندن قبر دارالسلطنت آگري ۾ آهي.

شيخ تاج الدين محمد دهلوي رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

پاڻ حضرت گنج شڪر جي اولاد ڪبار مان آهن. باطن ۾ مخدوم- ظاهر ۾ خادم- دل کان آزاد ۽ جسم کان ٻانهو هجڻ سندن عادت هئي. شيخ نظام الدين (نظام الاوليا) جي روضي ۾ گهڻو خانقاه نشين رهندا هئا. ان جي خدمت ۽ ان جي ڪمن جي نگراني دهليءَ ۾ سندن آباءُ و اجداد جي حوالي هئي. اڃڪلهہ سندن فرزندن جي حوالي هنن خدمتن جو تعلق آهي. انهن جا نالا شيخ زڪريا ۽ شيخ علاءالدين آهن.

مير ابوالنجيب شاه طيب رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

کين ظاهري ۽ باطني روشني و عرفان جي سعادت حاصل هئي ۽ هنن

www.maktabah.org

معاملن ۾ پاڻ گهٽا ڪامياب هئا. هڪ هفتي ڪان پوءِ روزو افطار ڪندا هئا. دنيا گڏ ڪرڻ وارن جي سامهون احتياج نہ ڪٽي ويندا هئا. سندن اقوال ۽ افعالن مان عجيب عجيب شيون زماني وارا ڏسندا هئا. سندن معاشرت جي طرز مان ڪرامت جي خوشبو ماڻهن ڪي ايندي هئي. سندن فرزند سلطان موحد پنهنجي پيءُ بزرگوار جي راه روش ۾ پنهنجي پسنديده رفتار سان اجا وڌيڪ رونق ڏني هئي ۽ اهل طريقت جي شاهراه تي هلندا هئا. چون ٿا تہ هڪ ڏينهن مولانا غياث الدين احمد سلطاني جي ملاقات لاءِ آيا. جڏهن سندن صحبت ڪان ٻاهر نڪتا تہ فرمايائون تہ ڏسو تہ سهي. هن خدا شناس بظاهر دنيا ۾ معنيٰ جي لحاظ ڪان هُنَ عالم ۾ ڪهڙي نہ تماشي جي بازار گرم ڪري رکي آهي.

مولانا شمس الدين رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

پاڻ پنهنجي وقت جي بزرگن مان هئا. بلوغت واري ڏينهن ڪان قبر واري ڏينهن تائين پنهنجي همٿ سان غير ڪارآمد وقت ڪي هٿ بہ نہ لڳايائون ۽ افعال جي اعتبار سان بيهودگيءَ سان هڪ قدم بہ نہ کنيائون. هڪ ڏينهن جو ذڪر آهي پاڻ هڪ مريد ڪي نصيحت جي طور تي فرمايو هئائون تہ جيڪا دعوت ۽ جيڪا مجلس تو ڪان سواءِ ٿي سگهي ۽ شائستگيءَ سان پوري ٿي سگهي. اُتي تون نہ وڃجانءِ جو تہ اهڙي موقعي تي وڃڻ بيهودي ڀالهہ ۽ ماڻهن جي واسطي جاءِ تنگ ڪرڻ آهي.

مولانا زين الدين تائبادي رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

پاڻ سلوڪ جا سبق سنت ۽ ڪتاب جي پيرويءَ سان حاصل ڪيائون. انهيءَ ئي طريقي سان طريقت جون گهاڻيون بہ طئي فرمايون هئائون. پاڻ وقت جي بزرگن جا سرگروه ۽ سالڪانِ حقيقت جا سردار هئا. ظاهري بيعت ۽ نسبت ڪنهن بہ سلسلي جي پيرن سان نہ هئن. خواجہ بزرگ جي روحاني فيض سان اويسي شان سندن حالات مان ظاهر هو. جڏهن پاڻ حجاز جو سفر اختيار ڪيائون تہ پارسا اوليائن جو ساٿ ٿيو هئن. جڏهن تقليد پرستن کي نصيحت ڪرڻ منظور هوندي هئن تہ اهڙي طرح رازدار بنايا ويندا هئا جو زبان حال سان بيان ڪيو وڃي. پاڻ خاموشيءَ جو فائدو ۽ زبان جو نقصان ٻڌائيندا هئا.

www.maktabah.org

حاجي شيخ سليمان بني اسرائيل رحمة الله عليه جي ياد ۾

کين حقيقت شناس درويش جا مقامات حاصل هئا. ۽ طريقت شناس سالڪن جي حالات کان پوري طرح واقفيت هئي. سندن زماني ۾ انهيءَ شهر ۾ کوبہ شخص سندن مقابلي جو نہ هو. سندن ولادت جي جاءِ لاهور آهي. ڪعبت الله شريف (خدا ڪري خداشناس دلين وانگر آباد رهي) جي طواف جو عزم ڪري ست دفعا لاهور کان ڪڏهن پيادل ۽ ڪڏهن سواريءَ تي روانہ ٿيا ۽ حج جا ارڪان بجا آندائون. ڪکر گروه جنهن جا ماڻهو شمار جي لحاظ کان هڪ جهان جي برابر آهن. سندن عقيدت مند ۽ دوست هئا. ۽ پنهنجي مال مان هر سال هڪ حصو سندن نذر ڪندا هئا، ۽ اڄ تائين جو هجري سنہ هڪ هزار اٺ آهي. پنهنجي پير جي فرزندن کي اُهو حصو پهچائيندا آهن. کين خلافت جو خرقو شيخ صدرالدين حليم جي خدمت مان مليو هو. شيخ صدرالدين کي پنهنجي والد بزرگوار شيخ عمادالدين اسماعيل کان- شيخ عماد الدين اسماعيل کي پنهنجي والد ماجد شيخ رڪن الدين الشهيديہ ڪلاٿور کان- شيخ رڪن الدين کي پنهنجي ڏاڏي مڪرم شيخ صدرالدين حاجيءَ کان- شيخ صدرالدين حاجيءَ کي پنهنجي ڏاڏي شيخ رڪن الدين ابوالفتح فيض الله کان- شيخ رڪن الدين ابوالفتح کي پنهنجي والد بزرگوار شيخ صدرالدين ابوالمعالم محمد کان ۽ شيخ صدرالدين ابوالمعلم کي پنهنجي والد عزيز شيخ بهاءُ الدين زڪريا کان مليل هو- قدس الله ارواحهم. مطلب تہ جڏهن پاڻ ظاهري زندگي ڇڏي ابدي ملڪ ڏي ڪوچ ڪيائون تہ سندن لائق فرزند شيخ عبدالشڪور سندن جاءِ تي مسند نشين ٿيا. شيخ عبدالشڪور خدا شناس جي متعدد نيڪ خصلتن سان آراستہ هئا. جڏهن شيخ عبدالشڪور بہ عالم خاڪ کان عالم پاڪ ڏي روانہ ٿيا تہ سندن فرزند ارجمند شيخ عبدالمجيد درويشيءَ جو جهنڊو کنيو ۽ ولايت جي سجاده کي وڇايو. شيخ منور عالم انهن جو ئي پٽ هو. سندن باقي حال جدا لکيو ويندو.

آخرين ساغر دور نائون صداز روح مزاج- خاموشيءَ جا فائدا

ڳالهائڻ جي ڪنوار جيڪا انساني حقيقت سان گڏ آهي. مناسب ناهي تہ خاموشيءَ جي دريءَ جو تالو ٽوڙي نفس ناطقہ جي پردي کان ٻاهر اچي ۽ اجاين

www.maktabah.org

خواهشن جي پوڄارين جي صبحت جو ارادو ڪري اجاين آوازن جي پيٽ بنجي. پوءِ سين کان بهتر اهو آهي ته ڳالهائڻ جي پرده نشين جميلہ- هميشہ لاءِ آفريدگار ذوالجلال ۽ حقيقي منعم جي ياد ۽ سپاس ۾ همدم ۽ محرم بنجي وڃي. جيڪڏهن ايتري قدر ان کي پرده نشيني ۽ گوشي نشيني ميسر ٿي نہ سگهي ته پوءِ ان وقت بهتر آهي ته ولايت جي صاحبن ۽ هدايت وارن جي حالات ۽ وصفن جو لباس- عبرت جو زيور- ۽ حڪمت جا جواهرات پائي- معارف بيان ڪرڻ ۾ پنهنجي جمال باڪمال جي خوبصورتي ڏيکاري. هنن ٻن ڪمن کي ڇڏي هن جميلہ لاءِ ڪوبہ مهربان محرم ۽ حسن افزا خلعت ڪانهي.

اهو ٻانهو باڪمال ۽ سعادتمند آهي (1) جنهن جي زبان ۽ چپن کي ڪنهن مسخري جو پنجو ۽ ڪنهن بيهوده جو هٿ کو نقصان نہ پهچائي. (2) جيڪو پنهنجي قيمتي ساهن جي جواهرات جو خيال ڪندي. حق جي ذڪر ۾ ۽ اهل حق جي ياد ۾- زبان ۽ چپن کي مصروف رکي (3) جيڪو وهم ۽ خيال جي قوتن جي نگهباني عقلي ۽ نقلي دلين جي ذريعي هن طرح ڪري جو نجات حاصل ڪندڙ دين اسلام جي بزرگن تي ۽ انهن جي ڪنهن حال تي وسوسي ۽ انڪار جي لاءِ هنن ٻنهين محلن وهم ۽ خيال ۾ رستو نہ ملي (4) ۽ جيڪو اهل باطن جي معاملات جي ڪوٽ ڪوٽان ظاهر پرست عقل جي اوزارن سان نہ ڪري چو ته هي مسلک عقلن ۽ نفسن جي درجن کان پري آهي.

صحيح بي لوث ڳالهہ اها آهي ته خدا ڪري جو ظاهر بيني ۽ نڪته چيني جو دسترخوان ئي تباه ٿي وڃي جيڪو ڪوتاه نظر عقل جو آباد ڪيل آهي. جيئن آئينده هر خرق عادت جي نقد کي پنهنجي عادتن جي ڪسوٽيءَ تي نہ پرکڻ گهرجي. چو ته ڏکي ڏسڻ ۾ اچڻ واري ڪرامت جي صحت کي عقل جي تارازوءَ سان تورڻ، ائين ئي آهي جو ڪو جوانيءَ کي پهتل بالغ جي حال جو قياس ڪو نابالغ ڇوڪرو پنهنجي حال تي ڪري. **هَلْ يَسْتَوِي الَّذِيْنَ يَعْلَمُوْنَ وَالَّذِيْنَ لَايَعْلَمُوْنَ** (ڇا ڄاڻڻ وارا ۽ نہ ڄاڻڻ وارا برابر ٿي ٿا سگهن) ۽ خداوند تعاليٰ ائين ئي ڪري جو اعتقاد جو سازو و سامان ۽ تسليم جا محلات، خرابي ۽ تباهيءَ کان محفوظ رهن جيڪي ايمان باالغيب جا آباد ڪيل آهن. (1) جنهن سان حق شناسن جي عجيب و غريب ڳالهين کي تميز ڪرڻ ۾ ڪو شڪ بہ ويجهو نہ اچي ته جيئن جيڪا شيءِ عقل ۽ قياس جي تارازيءَ ۾ ڪامل وزن

www.maktabah.org

واري هجي ان کي اعتقاد ۽ تسليم- تصديق ڪري پنهنجي ڪيسي ۾ وجهي ڇڏيون (2) جنهن سان اولياءَ الله جون ڪرامتون ۽ انهن کي تشخيص ڪرڻ ۾ فڪر ويجهو بہ نہ اچي سگهي تہ جيئن جيڪا شيءِ سمجهہ جي قوت جي سانچي ۾ نہ ڍلجي سگهي ان شيءِ کان اعتقاد ۽ تسليم قطعي منڪر ٿي وڃن. **اَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنْ اَنْ اَكُوْنَ مِنَ الْجَاهِلِيْنَ** (مان انهيءَ ڳالهہ کان تنهنجي پناه گهران جو نادانن جهڙيون ڳالهيون ڪيان) بلڪ انهيءَ سعادتمند ٻانهي کي گهرجي تہ جيڪي صاحب هوشياريءَ سان توحيد جي باغ ۾ گشت ڪري رهيا آهن. جن جو قدم شريعت جي سڌي رستي تي مضبوطيءَ سان ڄميل آهي ۽ جيڪي ماڻهو هوس جي شڪنجي مان نڪري قلم جا صاحب ٿي ويا آهن. جن جي حالات جو صفحو شرعي تڪليفن جي لکڻ کان بلڪل سادو آهي. انهن ماڻهن کان جيڪا عجيب و غريب ڳالهہ ڏسي يا ٻڌي سڀ کي سچ سمجهي. قادر مطلق جي تارازوءَ ۾ وزن ڪري. **وَاللّٰهُ غَالِبٌ عَلٰى اَمْرِهٖ وَلٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ لَا يَعْلَمُوْنَ** (۽ الله پنهنجي ارادي تي قادر آهي مگر گهٽا ماڻهو نہ ٿا ڄاڻن.) کي پنهنجي عقيدت جي منبيءَ تي لڳائي ڇڏي. فالقليل الذين يعلمون ان الله علىٰ كل شيء قدير يعترفون بانہ قادر علىٰ خلق العجائب ائتي هي خلاف العادة الجارية ويسلمون مان اظهره علي ايدي عباده من الخوارق ويقولون انه الحق من ربك فلا تكونن من الممترين- (جيڪي ٿورا ماڻهو اهو ٿا ڄاڻن تہ الله هر شيءِ تي قادر آهي. اُهي اعتراف ٿا ڪن تہ الله انهن عجائبات جي پيدا ڪرڻ تي بہ قادر آهي. جيڪي جاري عادت جي خلاف آهن. ۽ اُهي ماڻهو اهو بہ تسليم ٿا ڪن تہ هن خرق عادت جي قوت پنهنجي بندن جي هٿن ۾ رکي آهي ۽ اهي ماڻهو اهو بہ ٿا چون تہ اي مخاطب هيءَ خرق عادت تنهنجي پروردگار جي طرف کان آهي. پوءِ تون شڪ ڪرڻ وارن مان نہ ٿجانءِ) .

الله جلشانہ جو شڪر ۽ احسان آهي تہ حالانڪ مان کو ڪم نہ ڪاهي سگهيس ۽ ڪنهن جاءِ تي نہ پهچي سگهيو آهيان. بلڪ وهم ايترو تہ وڏي ويو آهي جو پنهنجي پاڻ کي **اَلَّذِيْنَ ضَلَّ سَعْيُهُمْ فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا وَهُمْ يَحْسَبُوْنَ اَنَّهُمْ يُحْسِنُوْنَ صُنْعًا** . (جن ماڻهن جي دنياوي زندگيءَ جي ڪوشش اجائي ٿي ۽ اُهي انهيءَ خيال ۾ آهن تہ هو سڀ ڪم ڪري رهيا آهن.) جي گروه ۾ شمار ٿو ڪيان. ليڪن منهنجي زندگي هن طرح گذري آهي تہ

www.maktabah.org

پهريان پنج سال نادانيءَ ۾ نڪري ويا. ان کان پوءِ ست ورهه مڪتب ۾ قرآن خوانيءَ ۾ بسر ٿيا ۽ ان کان پوءِ ٽيهن سالن کان مٿي درسي علمن حاصل ڪرڻ ۾ ۽ شطاريہ مشرب جي همٿ وارن اصحابن جي خدمت مان فيض حاصل ڪرڻ ۾ صرف ٿيا قدسنا الله با سرارهم جڏهن دل ۾ مشائخ عليهم الرحمته جا اسرار- حقائق- اطوار ۽ حالات ڇڪي طرح پرجي ويا ته زبان کي حشر جو ميدان بنائي جيڪي خيالات اندروني خانن ۾ ستل هئا سيني کي بيدار ڪيم ان وقت اٽڪل ست سال اهڙي طرح گذريا جو هر هڪ ملڪ جي مشائخن جا حالات- سفر ۽ سياحت جي ذريعي فراهم ڪيم ۽ اهل اسلام ديانتدار ماڻهن سان خط وڪتابت ڪري پهچايم. ٽي سال عبارت نگاري ۾ صرف ٿيا. ۽ انهيءَ ئي هڪ سال جي اندر ۾ گوهر هيرن جهڙا عبدالاول ۽ محمد حسن جي مدد سان زادهما الله علماً وعمراً مٿيان حالات- صحت ۽ ترتيب سان مڪمل ٿي ويا. اميد آهي ته الله تعاليٰ جي حضور مشائخ جي برڪتن سان جن فقيرن جي استدعا قبول ڪري قيل ۽ قال جي دسترخوان تي ڇڻن صدين جي دائرن ۾ تشريف فرمائي آهي. انهن ٻنهين اميدوارن کي پنهنجي اسم الحفيظ جي عنايت جي سائي ۾ محفوظ رکي ٻنهين جهانن ۾ ڪامياب فرمائي. آمين- ۽ هن گمنام سرگردان جي عمر باقي مانده پنهنجي ياد ۾ گذاري.

بحرمت المذكورين في هذه النسخة المتر صدة للقبول.

www.maktabah.org

چمن چوٹون

www.maktabah.org

هن چمن ۾ ڏهين صديءَ جي هيٺين دوستن جو طريقو رفتار ۽ انهن جي حالات جي ڪيفيت ذڪر ٿيل آهي جيڪي:

(1) وجود جي مرتبن جو رستو ۽ روش سجاڻڻ وارا-

(2) الله تعاليٰ جا احڪامات پڙهڻ وارا-

(3) رسمي علمن جا عالم-

(4) توحيد جي درياه ۾ غوطا هڻڻ وارا-

www.maktabah.org

شيخ محمد علا بنگالي رحمه الله جي ياد ۾

پاڻ شيخ قاضن شطاريءَ جي نالي سان مشهور آهن. ۽ شاهه عبدالله شطاري رحه جن جا خليفا آهن. رياضت ۽ مجاهدي ۽ مراقبي ۽ مشاهدي ۾ کين ڪمال حاصل هو. انساني ڪمالات ۽ وجداني حالات سندن ذات ۾ ظاهر هئا. علماءِ باالله جا سربراه سالڪان سير في الله ۾ پاڻ سردار هئا. نائين صديءَ جي پهرين اڌ حصي ۾ جڏهن شاهه عبدالله شطاري رحه هند ستان ۾ آيا ته بنگال مان به گذر ٿين. ۽ بنگال ۾ مشائخن ڏي پاڻ چوائي موڪليائون ته ايران ۽ توران کان هڪ درويش آيو آهي. اُهو چوي ٿو ته اڪيلائيءَ ۾ يا مجلس ۾ جنهن کي به جيئن آسان معلوم ٿئي اچي ملاقات ڪري پوءِ اسين توحيد جي ڪلمي جي معلومات هڪ ٻئي جي روبرو بيان ڪيون. جنهن طرف به ڪمي هجي اُهو طرف گهٽائيءَ واري طرف کان فائدو حاصل ڪري ڪمال تي پهچي. شايد انهيءَ طريقي سان آهستي آهستي انهيءَ ڪمال جي ميدان ۾ پهچڻ نصيب ٿئي جيڪو انجي نالي سان آهي. جڏهن اِها خبر محمد علا کي پهتي ته اعتراض جو ڳو جواب ڏنائون ۽ خلوص سان پيش نه آيا. شاهه فرمايو ته آخرڪار شيخ محمد علا جي بازگشت هن فقير جي طرف ئي ٿيندي. هي بيان ڪجهه قدر شطار الاولياءَ جي ذڪر جي سلسلي ۾ به لکجي چڪو آهي.

چون ٿا ته جڏهن شيخ ماندوءَ ۾ خدمت جي ارادي سان شاهه صاحب جن وٽ آيو ته شاهه صاحب جن توجه نه ڪيس. هڪ ته غريبي حال هئو ۽ هيءَ شڪسته دل اجا به ان تي وڌيڪ اثر ورتو. عرض ڪيائون ته جڏهن ڪراڙپ- ڪمزوري- خواهش ۽ غربت ايتريون ساريون شيون هڪ ٿي زبان حال سان رحمت ۽ نوازش جي لاءِ گدائي ڪن ته پوءِ عام عنايت کي اهو مناسب نه آهي جو سزا ڏني وجي بلڪ بهتر اهو آهي ته منهنجي گناه کي درگذر جي سپرد ڪيو وجي. هي شڪسته دليءَ جي تقرير ٻڌي شاهه صاحب جي دل مان مهرباني جوش ۾ آئي ۽ فرمايائون ته جيڪڏهن پنهنجي پيءُ ڏاڏي جي رسم- نالو ۽ سلسلو ڇڏي خانقاه کي درويش جي طريقي ۽ نالي سان پنهنجي طرفان هلايو ته پوءِ تنهنجي گذارش سان گڏ تلقين به عمل ۾ ايندي. آخرڪار شيخ سندن حڪم

www.maktabah.org

قبول ڪيو ۽ تمام ٿوري عرصي ۾ خلافت جو خرقو پائي ڪمال ۽ تڪميل جي مٿاهين ڏاڪي تي پهچي ويا ۽ مرشد جي اجازت سان پنهنجي وطن ڏي واپس ٿيا.

شيخ رحمت الله رحمه الله جي ياد ۾

پاڻ شيخ عزيز الله متوڪل قدس سرهُ جا فرزند- مريد ۽ خليفا هئا. نهايت عالي مقام- پسنديده افعال- سنجيده اقوال- ضمير شناس ۽ باطن ڪان آگاه هئا. جڏهن والد بزرگوار ڪان گجرات لاءِ اجازت ملي ۽ احمد آباد ۾ وڃي اتي هڪ پاسي رهڻ شروع ڪيائون ته خدا دوست ۽ دانشمندن هر طرف ڪان پنهنجا وطن ڇڏي اچي سندن پاڙي ۾ حجرا ٺاهيا. ۽ صوفين سان خانقاه آباد ٿي ۽ انهيءَ ڪري اُهو محلو شيخ پور جي نالي سان مشهور ٿيو. چون ٿا ته جنهن زماني ۾ گجرات جي حڪومت سلطان محمد ڪي ملي ته خطبو ۽ سڪو ان جي نالي سان تازو جاري ٿيو ۽ هن پائرن جا نالا دفتر تان مٽائڻ شروع ڪيا. هڪ ڏينهن محمود ويچاري ڪي سيجوالي (شايد سيج گاڏي يا ڏولي) ۾ وهاري دربار ڪان ٻاهر ڪڍي ويا ٿي ته اهو وڃڻ جو رستو شيخ رحه جي گهٽيءَ مان هو. اوچتو شيخ جي نظر سيج گاڏيءَ تي پئي. ڪلي فرمايائون ته سج مٿيءَ سان ۽ آسمان ڪڪر سان لڪي نه ٿو سگهي. هي آواز جو هن جي ڪن تي پيو ته هو خوش ٿيو ۽ دل ۾ پڪو پَهه ڪيائين ته جيڪڏهن شهزادي ڪي شهنشاهي تاج ملي ويو ته هن بشارت ڏيڻ واري درويش جو مريد ڪندوسانس. آخرڪار سلطان محمد ڪي اجل جي سڏ سلطانيءَ جي مرتبي تان لاهي نيستيءَ جي غار ۾ اڇلايو ته ڏونڪو محمود جي نالي وڃڻ لڳو ۽ دل ۾ جيڪو ارادو ڪيو هئائين اُهو پورو ڪيائين ان ڪري شيخ جي خانقاه جي رونق ئي ٻي ٿي وئي. ايتري قدر جو انهيءَ رونق تي ياءُ ڪي رشڪ اچڻ لڳو. پاڻ فرمايائون ته غيرت ڪر مان مزدور آهيان ۽ تون مزدوري ونڻ وارو آهين. ڪجهه ڏينهن ڪان پوءِ پاڻ عنصري صورت ترڪ ڪري اصلي جهان ڪي سيرگاه بنايائون ۽ سندن ڪو فرزند نه هو ان ڪري ظاهري قبضو سندن ياءُ شيخ سعد الله ۽ ان جي اولاد ڪي مليو. ۽ انهيءَ عمل سندن سچي ڀَالهه جي شاهدي ڏني.

مصرع: روح پاڪش غريق رحمت باد-

www.maktabah.org

فرزندانِ شيخ عزيز الله المتوكل علي الله ﷺ جي ياد ۾

سندن پنج پٽ ۽ هڪ ڏيءَ هئي. شيخ سعدالله- شيخ رحمت الله- شيخ حسن سرمست- شيخ نصرالله- شيخ شهر الله- بي بي دُر ملڪ اولين- چار پٽ والد بزرگوار جي اجازت سان گجرات هليا ويا. ۽ پنجون پٽ سندن خدمت ۾ رهيو. پهرئين پٽ سعدالله جا طريقا اوليا الله جي مثل هئا. جڏهن پاڻ هن جهان مان رخصت ٿي احمد آباد جي شيخ واڙي ۾ هميشه لاءِ آرام فرمايائون تہ سندن پٽ شيخ نعمت الله خلافت جو خرقو پاتو ۽ شيخ نعمت الله کان پوءِ سندن پٽ شيخ بديع الله سجاده نشين ٿيو. جڏهن شيخ بديع الله مٿاهين عالم ڏي کوچ ڪرڻ لڳا تہ پاڻ پنهنجي پٽ شيخ فريد کي پنهنجو جانشين بنايو. شيخ فريد تقدير ۾ لکيل مقدر جي موافق حالاتڪ ظاهري دولت جي اعتبار سان رفيع الملڪ جي مرتبي تي پهتا ليکن باطني تجريد ايتري تہ مٿاهين هئي جو دل ۾ دنياوي تعلقات ۾ قطعي راه نہ ملي ۽ اهڙيءَ طرح پنهين جهانن جي سعادت حاصل ڪيائون. جڏهن شيخ فريد جن گذاري ويا تہ اهڙو ڪو فرزند نہ هئن جيڪو وڏن جي ظاهري ۽ باطني پيروي ڪري ها. جيڪي بہ هئا سڀ دنياوي روش جي تلاش ۾ لڳي ويا. پوءِ درويشي رونقِ هلي هئي. ٻئي پٽ رحمت الله جو احوال الڳ لکيل آهي ۽ ٽيون پٽ شيخ حسن سرمست وحدت جي درياهہ ۾ ٻڏل مجذوب هو. صرف پنج وقت نماز جي ٽائير تي هوش ۾ ايندو هو ۽ سلام ڦيرائڻ شرط اُهو وقتي هوش بہ دعا چئي هليو ويندو هو. سندن مزار مبارڪ بهڙوچ ۾ آهي جيڪو گجرات جو شهر درياه جي ڪناري تي واقع آهي. چوٿين پٽ شيخ نصرالله جي رهڻ جو سامان گجرات کان خانديس هليو ويو. جڏهن شيخ نصرالله کي آخري سفر درپيش آيو تہ آسير قلعي جي هيٺان سندن جسم مبارڪ کي خاڪ جي سپرد ڪيو ويو. آسير قلعو انهيءَ صوبي جي سلطانن جي دارالسلطنت آهي. شيخ نصرالله کان پوءِ سندن فرزند شيخ عزيز الله جيڪو پنهنجي ڏاڏي جو هم نالي هو خرقي جو بار پنهنجي ڪنڌ تي کنيو، ۽ وري جڏهن شيخ عزيزالله بہ رحلت فرمائي تہ سندن پٽ شيخ بديع الله ثاني دنيا جي طلسم ۾ مصروف ٿي ويو. ۽ انهيءَ ملڪ جو امير اعظم ٿيو. شيخ بديع الله ثانيءَ کان پوءِ شيخ ڪريم الله والد جي دولت کي قائم رکيو. شيخ ڪريم الله

www.maktabah.org

کي ۾ پٽ هئا شيخ رفيع ۽ شيخ خواجہ ٻئي پنهنجي جوان پيءُ جي زندگيءَ ۾ ئي کوچ ڪري ويا ۽ هجري سن نو سؤ ستانوي ۾ پيءُ ۾ عالم بقا ڏي رحلت فرمائي ۽ پنهنجي سلسلي جي لاءِ آخري حلقو اهوئي ٿيو.

مولانا محمد تابادڪاني رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

پاڻ دسترخوان اَدّبني رَبّي (منهنجي رب مون کي ادب سيکاريو) جا ڪٽندڙ هئا. ۽ وَ عَلَّمْنَاهُ مِنْ لَّدُنَّا عِلْماً (۽ اسان ان کي پنهنجي طرفان هڪ خاص علم سيکاريو) جي ميووي جا ڪائيندڙ هئا. شيخ زين الدين محمد خوانيءَ سان بيعت هئا. شيخ الاسلام زنده پير احمد ڄام جي قبر ڪان حقائق جو علم ڄاڻندڙ مولانا عبدالرحمن جامي رح جي خدمت مان ۽ ٻين سلسلن جي مشائخن ڪان نهايت ڪاميابي حاصل ڪئي هئائون. بزرگيءَ جا اسباب جيتري قدر باڪمال بزرگن سالڪن واسطي درڪار آهن. سڀ حاصل ڪيا هئائون. سندن ٿي حوالي سان ماڻهو چون ٿا تہ پاڻ فرمائيندا هئا تہ پير جي نسبت ادب. کي ملحوظ رکڻ ۾ مون کان ٻہ دفعا ڪوتاهي ٿي آهي. پهريون اهو تہ نماز پڙهڻ وقت امام جي پيرن هيٺان مصلو نہ هو ۽ منهنجي پيرن هيٺان هو. پير حڪم فرمايو تہ پنهنجي مصلي کي هٽائي ڇڏ ليڪن مون عرض ڪيو تہ منهنجي مذهب ۾ ڪو حرج نہ آهي مان شافعي مذهب وارو آهيان. ٻيو اهو تہ هڪ ڏينهن پير مونکي هڪ ڪم لاءِ حڪم فرمايو منهنجو وضو ٽورو باقي هو ان کي پورو ڪري پوءِ حڪم جي تعميل ۾ مشغول ٿيس. هاڻي انهيءَ شرمندگيءَ جو علاج مان نہ تو ڄاڻان تہ کهڙي دروازي تان تلاش ڪيان. ڪنهن کان پڇان ۽ ڪٽان ڳوليان. اهڙي قسم جون حيرت ڏيارينڊ ڳالهيون ڪري پريشاني ۽ سرگرداني‌ءَ سان زندگي گذاريائون چون ٿا تہ هڪ دفعي حقائق ڄاڻندڙ (مولانا جامي رح) سندن ملاقات لاءِ ويا. حجري جي هڪ طاق تي ٻہ جلد رکيا هئا. مولانا پڇو تہ هي کهڙا ڪتاب آهن. فرمايائون تہ هڪڙو قرآن پاڪ آهي ۽ ٻيو منهنجو ديوان آهي جيڪو زماني وارن جي دست اندازي جي خوف کان پڇي وڃي قرآن پاڪ جي پناهہ ۾ لکو آهي. مولانا جي طبيعت هيءَ خوشي ڏيارينڊ ڳالهہ ٻڌي خوش ٿي.

www.maktabah.org

شيخ داؤد ابن فيض الله قدس سرهما جي ياد ۾

سندن پيدائش شير ڳڙهه جي آهي. شير ڳڙهه ان وقت جي لاهور صوبي جو هڪ قلعو آهي. پاڻ علمي ڪمالات سيد حامد ابن شيخ عبدالرزاق ابن شيخ عبدالقادر حسني جيلاني رحہ کان حاصل ڪيائون. ڪي چون ٿا تہ ظاهري بيعت کان اڳ عمر جو وڏو حصو رياضتن ۾ گذاريائون. جڏهن طريقت جي مشائخن جي پيروي پختي ٿي وئي تہ غيبي الهام مطابق سيد حامد قادري رحہ جن جا مريد ٿيا قدس سرهُ. جڏهن فضيلتون حاصل ٿين تہ خلافت جو خرقو ملين. پاڻ قادري سلسلي جي بزرگ خليفن مان آهن. سندن دَمُ اثرائتو هو ۽ نفس ۾ بہ اخذ ڪرڻ جي قوت هئن. گهٽائي سخت قلب ۽ سياه باطن ماڻهو سندن رهنمائيءَ سبب نفسانيت جي انڌيري گهر مان نڪري روحاني ۽ نوراني آبادين ۾ پهچي ويا ۽ گهٽائي سعيد استعداد وارا سندن خدمت ۾ رهي هينائين مقامن تان مٿائين مقام تي ترقي ڪري ويا.

انهن ۾ هڪ سندن پائيٽو شيخ ابوالمعالي محمد ابن شيخ رحمتہ الله بہ هئا جن جي دل صاف طبيعت موزون ۽ فهم وفراست واري هئي. شيخ ابوالمعاليءَ جن جا ڪيترائي قصيدا ۽ غزل سيد محي الدين عبدالقادر جيلاني قدس سرهُ جن جي تعريف ۾ آهن. رسالو محمديہ قادريہ بہ سندن ئي تصنيف ڪيل آهي. شمائل قادريہ بهجتہ الاسرار- خلاصتہ المفاخر ۽ مفتاح الاخلاص گيلاني- انهن ڪتابن تان اقتباس ۽ انتخاب ڪري هي رسالو ترتيب ڏنو ويو آهي. ۽ انهيءَ ۾ پنهنجي سوز ۽ محبت جي چاشني پياري اٽن جنهن مان سلوڪ جي صحرا جا اجايل سيراب ٿيندا آهن.

ٻيو شيخ سيف الدين عبدالوهاب رحہ جن هئا سندن عادتون ۽ سڀ ڪم انتهائي صاف ۽ سلجهيل هئا. واجب ۽ ممڪن جو معاملو جيڪو وجود مطلق سان تعلق رکي ٿو. ان جي خيال کان بغير هڪ ساهہ بہ نہ ڪڍندا هئا. عدم ۽ وجود کان جنهن جو سلسلو ندي‌ءَ جي پاڻي‌ءَ وانگر ممڪنات تي متواتر پهچي رهيو آهي. هڪ لمحو بہ غفلت نہ ڪندا هئا. پاڻ **بل هم في لبس من خلق جديد** (بلڪ هي جديد پيدائش جي نئين لباس ۾ آهن) جي گروه مان نہ هئا.

شيخ ابو داؤد هجري سنہ نَوَ سؤ بياسيءَ ۾ عنصري خلعت کي پنهنجي

www.maktabah.org

جسم تان لاهي هيڪڙائيءَ واري عالم ڏي کوچ فرمائي ويا. سندن مزار مبارڪ سندن ڄمڻ واري جاءِ تي آهي.

شيخ بدهن شطاري جونپوري رحمة الله عليه جي ياد ۾

پاڻ شيخ عبدالله شطاري رحه جن جي نسل مان آهن. شيخ حافظ جونپوريءَ جي خدمت مان جيڪو شيخ عبدالله شطاريءَ جو خليفو هو ٻنهين عملن کي حاصل ڪيائون. ۽ ٻنهين جهانن جو سرمايو حاصل ڪري وڏا ڪمالات ظاهر ڪيائون. سلطان سڪندر لوڌي جي عهد جي راهنمائي- حقائق نمائي- ۽ خداشناسيءَ کي فروغ ڏنائون. گهڻن طالبن کي شطاريه طريقي سان تعليم ڏنائون. شيخ عبدالحق محدث دهلويءَ جيڪي اخبار الاخيار جا مؤلف ۽ گلزار الابرار جي لکندڙ جا دوست آهن. انهن جي ڏاڏي مڪرم شيخ رزق الله، ذڪر جي تلقين ڪائن ئي حاصل ڪئي.

مولانا عبدالرحمن ڪاردگر رحمة الله عليه جي ياد ۾

پاڻ ڪشف- معرفت ۽ ڪرامتن جا عالم هئا. تصوف جا نڪتا ۽ توحيد جي مدارج جي دقيقه شناسيءَ کي رونق صوفين جي محفلن ۾ سندن ئي شموليت سان ٽيندي هئي. نيستيءَ جي ڇُريءَ سان پاڻ سيني تعلقات کي ڪاٽي حق سان ملي ويا هئا ۽ وقت جي مشائخن ۽ درويشن جي صحبت سان معرفت جا اسباب ۽ ڪمالات جو سرمايو گهڻو گڏ ڪري ورتائون.

مولانامحمد حراني رحمة الله عليه جي ياد ۾

پاڻ هڪ لا اُبالي درويش ۽ سرمست فقير هئا. ازلي توفيق جي رهنمائيءَ سان پاڻ مولانا محمد تابادڪاني رحه جن جي خدمت ۾ پهتا ۽ مولانا ڪي پنهنجي سلوڪ جو پير بنايائون. جيئن تلقين ٽين تيئن چند چِلا ڪيي ڪاميابي حاصل ڪيائون. ۽ وطن کان حجاز تائين پيرين اُگهاڙا ۽ روزا رکندا وڃي حرمين محترمين جي طواف سان مشرف ٿيا.

www.maktabah.org

امير سيد علي قوام رحمۃ اللہ عليہ جي ياد ۾

پاڻ سوانح جي ساداتن مان آهن. خدا طلبيءَ جي شورش هن طرح ٿي جو پاڻ گهربار کان آواره ٿي ويا جڏهن شهر جونپور پهتا تہ شيخ بهاءالدين جونپوري رحہ جن سان بيعت ٿيا ۽ اهڙيءَ طرح ظاهري ۽ باطني ڪمالات حاصل ڪيائون تہ سندس رستو جذبي ۽ سلوڪ جي وچ ۾ هو. ڪي لکن تا تہ پاڻ شطاريہ سلسلي جي شيخ قاضن شطاريءَ جا مريد هئا. ۽ ڪي وري چون تا تہ کين سيني مشهور خانقاهن سان صحيح نسبت آهي. ۽ سيني دروازن تان پنهنجي استعداد جي مطابق حاصل ڪندا رهيا. پاڻ ڪنهن بہ خاص لباس جا پابند نہ هئا. ڪڏهن خرقو پائيندا هئا ۽ ڪڏهن قبا پهريندا هئا. سندن جذب سلوڪ تي غالب هو. گهڻو وقت سُڪر جي حالت ۾ گذرندو هئن. ۽ گهٽ وقت ۾ هوشيار رهندا هئا. مگر هوشياريءَ واري حالت ۾ عجيب حال هوندو هئن. جڏهن پاڻ تجليءَ جو ديدار ڪري خوش ٿيندا هئا تہ وري ان حالت جي وچ ڪان پوءِ ندامت ٿيندي هئن ۽ انهيءَ ندامت ۾ سندن حيرت آسمان تائين پهچندي هئي حتاڪ رئڻ ۽سوز و گداز کان هڪ لمحو بہ رهائي نہ ملندي هئن. هجري سنہ نو سؤ پنج ۾ سندن پاڪ روح جسماني غار مان نڪري اعليٰ ارواح ڏي ڪوچ فرمائي ويو خوابگاه جونپور ۾ اٿن.

شيخ سماءُ الدين دهلوي رحمۃ اللہ عليہ جي ياد ۾

پاڻ شيخ فخرالدين جا پٽ آهن. نهايت بلند همٽ هئا ۽ ايثار جو جذبو تہ ڏينهون ڏينهن وڌندو رهندو هئن. گهٽ ڪائڻ گهٽ ڳالهائڻ سان گڏو گڏ سمهڻ ڪي ترڪ ڪرڻ جي بہ ڪوشش ڪندا رهندا هئا. سندن والد بزرگوار ڪائن بيحد خوش هئا ۽ هر روز صبح ئي ساڻ سندن سعادتمنديءَ جي دعا بارگاهِ ايزديءَ ۾ ڪندا هئا ۽ انهن جي دعائن جي برڪت سان پاڻ سيد راجوءَ جي خدمت ۾ وڃي پهتا. ۽ سيد راجو رحہ جن جي پُر خلوص خدمت جي ڪري صاحبِ دل ٿي ويا. جڏهن ولايت جي ڪاملين جي ڪمالات کان پاڻ سرفراز ٿيا تہ خلافت جو خرقو شيخ ڪبيرالدين اسماعيل کان ملين. جڏهن حجاز جو سفر ڪيائون تہ احمد آباد ۾ شيخ احمد ڪٽو مغربيءَ رحہ جن جي خدمت مان بہ گهڻو فيض حاصل

www.maktabah.org

ڪيائون. شيخ جمال دهلوي لڪي ٿو تہ جنهن زماني ۾ شيخ رنت پنور قلعي جي هيٺان گوشي نشيني اختيار ڪئي هئي تہ مان سندن خدمت ۾ سعادت حاصل ڪرڻ لاءِ ويندو هئس. هڪ ڏينهن پاڻ عين القضاة همداني قدس سرهُ جا ڪتاب پڙهي رهيا هئا تہ انهيءَ وچ ۾ فرمائڻ لڳا تہ عين القضاة رح جن هڪ دفعي اٺن جاين تي مدعو ٿيل هئا ۽ هڪ ئي وقت ۾ پاڻ اٺن ئي جاين تي پهچي ويا. ۽ پنهنجي خلوت خاني جي ماڻهن سان بہ ساڳي ٽائيم تي حاضر هيا. هن بيان کي مون دل ۾ عقل کان بعيد سمجهو. انهيءَ ئي ڏينهن جڏهن مان پنهنجي گهر پهتس تہ شيخ کي پنهنجي اکين سان گهر جي هر هڪ ڪنڊ تي بيٺل ڏٺم. سمجهي ويس تہ هيءَ ڪرامت متئين شڪ کي دور ڪرڻ لاءِ ڏيکاري اٿن. ۽ فوراً پنهنجي خيال کان باز آيس. ۽ دل ۾ مضبوطيءَ سان يقين ڪيم تہ درويشن کي اها طاقت بہ آهي تہ هڪ ئي وقت ۾ هو مثالي جسمن سان مختلف مقامات تي نمايان ٿي ٿا سگهن. زماني جا عالم کين سيني علمن ۾ استاد تصور ڪندي ادب سان سندن سامهون وهندا هئا. ۽ وقت جا حڪمران جيئن بهلول لوڌي ۽ ٻيا امير وزير سڀ آستاني بوسيءَ لاءِ مريدن وانگر حاضر ٿيندا هئا جيڪو مال متاع نذر لاءِ ايندو هئو اُهو قبول نہ ڪندا هئا. اهڙي بي نيازيءَ سان سندن زندگي خدا پاڪ جي پرستش ۾ بسر ٿيندي هئي. هجري سنہ نو سؤ نوي ۾ ڪوچ فرمايائون. سندن مزار شريف دهليءَ ۾ آهي.

شيخ جارالله مڪي رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

شيخ قطب الدين پنواري رح (ڪالپي جو هڪ ڳوٺ) جن جو بيان آهي تہ سندن حليو مبارڪ هي هو تہ هڪ پير هو نوراني شڪل چيلهہ جهڪيل عمر اسي سالن کان بہ مٿي ۽ رياضت جي ڪري سخت ڪمزور ۽ ضعيف هئا. حنفي مذهب جا هئا ان ڪري اڪثر سندن درس ۾ حنفي فقهہ پڙهائي ويندي هئي. هڪ ڏينهن پاڻ عمري لاءِ پنڌ وڃي رهيا هئا ۽ مهينو رمضان شريف جو هو. مون کين رستي ۾ ڏٺو تہ چيم تہ اي شيخ! توهان پيادل ڇو ٿا وڃو. پاڻ جواب ڏنائون تہ ڇا توهان نہ ٻڌو آهي تہ توهان جو اجر تڪليف جي مقدار ملندو ۽ هليا ويا. سندن جاءِ پيدائش ۽ خوابگاه ٻئي مڪي معظمہ ۾ آهن.

www.maktabah.org

خواجہ مرتضيٰ تائبادي رحمۃ اللہ عليہ جي ياد ۾

پاڻ اهڙا ته بلند همت ۽ عالي فطرت جا هئا جو نيستي ۽ بَي نوائيءَ جي حالت ۾ به خوش دل رهندا هئا. مولانا زين الدين تائبادي رحه جي خدمت ۾ ويجهڙائيءَ جو تعلق هئن. چون ٿا ته هڪ سال جڏهن جو اجا سندن سلوڪ جي شروعات هئي. پاڻ عراق جي ملڪ مان چاليهه غلام ونيو مسافرت شروع ڪئي هئي. سڀ غلام، عمر ۽ خوبصورتيءَ ۾ هڪ ٻئي جو عڪس هئا. جڏهن سندن همت اجان وڌي ته سيني کي خدا جي راهه ۾ آزاد فرمائي ڇڏيائون ۽ غلامن کان علاوه ٻيو به جيڪو مال هئن درويشن جي سامهون رکي لٽائي ڇڏيائون. پوءِ هڪ عرصي کان پوءِ جڏهن تنگي ۽ سختي اچي گهيرين ته هڪ واقفڪار شخص چين ته توهان جو فلاڻو غلام وڏو مالدار آهي ته پوءِ هيءَ سختي ۽ تنگي چو آهي پاڻ جواب ڏنائون ته همت جو هٿ قناعت جي دامن کان کڏهن به اڇتي نه وڌايم ۽ لالچ جو هٿ کڏهن به ڪنهن دولت مند جي ڪيسي ۾ نه وڌم.

بابا حيدر ابدال رحمۃ اللہ عليہ جي ياد ۾

پاڻ تجريد جي ميدان ۾ تيز رفتار ۽ تفريد جي ڪنڊ ۾ وڃڻ هئا. هي چند ڪلمات سندن متقيانه ۽ ناصحانه بيانات مان آهن. هي ڪلمات مولانا محمود ڪمانگر سندن حوالي سان بيان ڪيا آهن- (1) پنهنجي ذائقي کي سڻ ڪاڏن جو پابند ڪري چڏڻ سان خواري ۽ خواهش کي وڃائي ٿو. (2) دل کي دنيا جي محبت ۾ نه ڦاسايو چو ته هيءَ دنيا هڪ ڏسڻ ۾ ڪنوار وانگر پر حقيقت ۾ ڪراڙي آهي. (3) جن ضرورتن کان سواءِ ڪو چارو ناهي صرف انهن تي اڪتفا ڪيو چو ته جيڪا شيءِ اهڙي آهي اُها دنيا نه آهي. (4) فلڪ جي سائي ۾ نه سمهو چو ته اهڙي ننڊ دل ۾ سختي پيدا ڪندي آهي. (5) بيهودگيءَ کان زبان تي تالو لڳايو ته جيئن حق جي ياد ۾ توهان ان کي گلستان بنائي سگهو. سندن گهٽو ڪري ڪلمات انهيءَ ئي قسم جا آهن. مير فروغي اشرف پنهنجي تذڪري جي مسودي ۾ اهي لکيا هئا. ليڪن جڏهن مير فروغيءَ کي هجري سنه هڪ هزار ارڙهن ۽ عالم علويءَ مان طلب جو فرمان ٿيو ته

www.maktabah.org

حڪر جي تعميل ڪندي دنيا جي وحشت آباد مان وڏي اشتياق سان عالم جاويد ڏي ڪوچ ڪري ويا ان ڪري اهو مسودو بياض ۾ نہ اچي سگهيو. ليڪن مان انهيءَ مسودي جي ڳولا ۾ ڪوتاهي نہ ڪندس ۽ اميد اٿم تہ اصلاح ۽ درستي کان پوءِ ٻڌڻ وارڻ لاءِ عبرت جو باعث ٿيندو.

مولانا روح الله رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

پاڻ اهڙا تہ عشق جا شيفتہ ۽ سوختہ هئا جو عرفان ۽ سنجيده اعتقاد سندن خمير ۾ داخل هو. سندن پير جنهن جي هٿ تي بيعت ڪيائون يا شيخ ارشاد جو نالو ڪنهن بہ بيان ڪرڻ واري جي زبان مان يا ڪنهن لکڻ واري جي قلم جي ذريعي گلزار ابرار جي لکڻ واري کي نہ معلوم ٿيو آهي. ليڪن ان ۾ شڪ نہ آهي تہ سندن دور ۾ جيڪي بزرگ هئا پاڻ انهن جي وڏن دوستن مان هئا. جيئن مولانا زين الدين محمود ڪمانگر فرمايو آهي تہ هڪ ڏينهن مون سندن خدمت ۾ پنهنجي سياه باطن جو ذڪر ڪندي شڪايت ڪئي ۽ پاڻ منهنجي دلگيري لاءِ فرمايائون تہ محمود توکي هن آزاد گروه جي صحبت ۾ هڪ ڏاڪي جي برابر بہ دلبستگي ٿئي ٿي يا نہ؟ مون عرض ڪيو تہ جيترو بہ عبارت ۾ اچي ٿو سگهي ان کان بہ گهٽو وڌيڪ آهي جواب ڏنائون تہ تنهنجي دائمي سعادتمنديءَ جو نشان بس اهوئي ڪافي آهي.

مولانا معين الدين واعظ هروي رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

پاڻ تصوف ۽ توحيد ۾ شاهہ قاسم انوار رحہ جن جي قدم تي قدم رکندا هئا. سندن پاڪ طبيعت ۾ حقيقت جون آبدار ڳالهيون مليل هيون. سندن باطن معلومات جي تجلين سان منور هو. سندن نصيحت جي مجلس شريعت جي بيمارن لاءِ شفا خانو ۽ سندن موحدانہ تقرير طريقت جي مجروح باطن وارن لاءِ صحت جو باعث هئي. پهريائين پاڻ رسمي علوم ڪامل طريقي سان حاصل ڪيائون پوءِ گهٽي کجهہ تصنيف ۽ تاليف بہ ڪيائون. انهن ۾ بين ڪان علاوهسندن سيرالنبي صلی اللہ علیہ وسلم تفسير ڪامل- ۽ حدائق الحقائق- سورة يوسف جو تفسير تاويلات جي رنگ ۾ زماني جي عالمن وٽ مشهور ۽ معتبر آهي. هر آيت جي بيان ۾ سبب ۽ تاويل جي طور تي رنگين ۽ خوبصورت لفظن جي

www.maktabah.org

ذريعي گهٽيون عجيب ۽ غريب معنائون ادا ڪيون اٿن تہ جيئن جيڪي نظر وارا انسان اهل دل آهن انهن جي سمجهہ وڌي. لکن ٿا تہ جڏهن مان تفسير سير لکي رهيو هئس تہ بسم الله جي "ب" کان والناس جي "س" تائين نبي ڪريم ﷺ جن جو منهن مبارڪ هر طرف کان ظاهري نگاه کان پري نہ ٿيو. هن سلسلي جي ڪن عالمن جو چوڻ آهي تہ اهو لکڻ مان مطلب هي آهي تہ لکڻ واري سنت نبوي عليہ السلام جي پيروي ۽ ان کي قائم رکڻ ۾ انتهائي ڪمال سان مدنظر رکيو آهي. هن باري ۾ راقم جي خيال ۾ اهو آيو آهي تہ جنهن کي بہ هيءَ ڀگالهہ (ايتري درجي جي اطاعت نبي ﷺ) حاصل ٿيندي ان جي اُها حالت ڇو نہ ٿيندي ڇو تہ ان جو ڦل اهو ٿي سگهي ٿو.

شيخ بهاءُ الدين شاهہ باجن رحمۃ اللہ جي ياد ۾

پاڻ ابن حاجي معز الدين ابن علاءُالدين ابن شهاب الدين ابن شيخ ملڪ ابن مولانا احمد خطابي مدني آهن. هبل ابن خطاب جي نسل مان جيڪو امير المؤمنين حضرت عمر بن الخطاب رضي الله تعالىٰ عنہ جو ياءُ هو. سندن جاءِ پيدائش احمد آباد گجرات ۽ آرام گاه برهانپور خانديس آهي. شيخ رحمت الله ابن شيخ عزيز الله مانڈوي رحہ جن جا مريد هئا. سندن چوٽون ڏاڏو حضرت احمد مدني رحہ جن جا حالات ماٺهو هيئن ٿا بيان ڪن تہ ابو مدين رحہ جن جي مريدن مان هئا. رسمي علمن ۾ ڪمال حاصل هئن. علم حديث جي اڪثر مشڪل معاملن ۾ صاحب حديث صلي الله عليہ وسلم جن کان حل ڪري ونندا هئا. هميشہ اڌ رات جو جڏهن روضۂ منور تي آستانہ بوسيءَ لاءِ حاضر ٿيندا هئا تہ سندن لاءِ حرم پاڪ جا دروازا کلي پوندا هئا. هڪ دفعي اوچتو سير ۽ سياحت جي آرزو پيدا ٿين تہ پنهنجي پٽ شيخ ملڪ کي ساڻ کنيائون. ڪجهہ سفر جا دوست بہ ساڻ هئن ۽ نڪري پيا. عراق- خراسان- ماوراءالنهر ۽ سنڌ جو سير ڪندا دهليءَ پهتا. هتي ساڻن وڏا وڏا ماٺهو محبت ڪرڻ لڳا، اهڙي طرح تقدير جو لکيو ظاهر ٿيو ۽ ملڪ جي واليءَ انتهائي عاجزي ۽ دلداريءَ سان شاديءَ جو انتظام ڪري سندن فرزند شيخ ملڪ کي پنهنجو نياڻو بنايو. ڪجهہ ڏينهن انهيءَ شهر ۾ فيض حاصل ڪندڙن جو هجوم وڌندو رهيو. بعد ۾ پنهنجي

www.maktabah.org

ساڻين جي عرض ڪرڻ تي پاڻ شيخ ملڪ کي هتي ڇڏي خود مدينہ منوره ڏي واپس وريا ۽ انهيءَ مقدس سر زمين جي خاڪ پاڪ ۾ وڃي آرامي ٿيا.

هاڻي حاجي معزالدين جا ڪجهہ حالات لکجن ٿا. شاه باجن جا والد بزرگوار حاجي معزالدين مخدوم جهانيان سيد جلال بخاري رحہ جن جا برگزيده خليفا هئا. هڪ سؤ چاليهہ سالن جي عمر هئن ست دفعا حرمين شريفين جي زيارت کان (زَادَهُمَا اللهُ شَرَفًا) مشرف ٿيا هئا. پيدائش جي جاءِ دهلي اٽن. چون ٿا تہ کين پنهنجي بزرگن جو وطن ۽ ديدار ڪرڻ جي تمنا ۽ قوم سان ملڻ جو ڏاڍو شوق هو. جنهن حجاز جي سفر تي آماده کين. چنانچہ سفر جو انتظام ڪري جيڪي ڳالهيون دل ۾ لکل هئن اُهي ظاهر ڪري ڏيکاريائون. سير سفر جي ذريعي خوشي ۽ فرحت حاصل ڪري پوءِ واپس پنهنجي وطن ۾ آيا. جڏهن گجرات ۾ پهتا تہ انهيءَ ملڪ جي منّيءَ سندن پيرن ۾ ڏهڻ جو ڪم ڪيو ورې ان سان گڏ عيالداري بہ ٿي ۽ هي ڪيڇ ۾ قاتل پيرن لاءِ زنجير بنجي پئي.

مطلب تہ سنہ ست سؤ نوي ۾ شاهہ باجن جو روح پاڪ عنصري مظهر جو چوغو پائي هن طلسم جي عالم ۾ سير لاءِ آيو. ۽ آهستي آهستي ٽورو ٽورو هوش وڏندو رهيو آخر ادراڪ ڪامل ٿيو. جڏهن سندن عمر چئن سالن جي ٿي تہ سندن والد بزرگوار شهيد ٿي ويا ۽ جڏهن پاڻ چوڏهن سالن جي عمر کي پهتا تہ عقل آيو ۽ ارادت جي هٿ شيخ رحمت الله رحہ جن جو دامن پڪڙيو. ايڪيهن سالن تائين شيخ جي گرامي صحبت مان فيض حاصل ڪندا رهيا ۽ ولايت جي درجي تي پهتا ۽ پوءِ اجازت حاصل ڪري حجاز جي سفر تي خشڪيءَ جي رستي نڪري پيا جڏهن خراسان پهتا تہ عالم مثال ۾ ڏٺائون تہ حضور خاتم النبيين ﷺ سندن پير کي ارشاد فرمائي رهيا آهن تہ پنهنجي مريد کي چؤ تہ حج جو جيڪو خيال ڪيئي اهو قبول ٿيو هاڻي واپس موٽي وڃ. ۽ برهانپور خانديس قيام ڪري اُتي طالبن جي رهنمائي ڪر. هن خواب جو تعبير بہ نفس الامر ۾ ائين ئي ٿي جو پير کي ڪو پٽ ڪونہ هو. لهذا پير پنهنجي پائيٽي شيخ احمد عطاءُ الله ابن شهر الله کي جانشين ڪري هڪ خاص خرقو مبارڪ سپرد ڪيائون ۽ فرمايائون تہ شيخ بهاءُ الدين باجن رحہ کي پهچائجان جيڪو خراسان کان موٽي ايندو. جڏهن پاڻ ايڪيهن سالن جي سفر کان پوءِ واپس گجرات آيا تہ حڪم جي تعميل ٿي. امانتي خرقو پاتائون ۽ هئي ڏينهن پير جي

www.maktabah.org

مزار تي آستانہ بوسيءَ لاءِ ويا. سُرَ سان ڳائڻ وارن کي فرمايائون تہ ڳايو ۽ گانا ٻڌي خوش ٿيا. خلافت جي مبارکباد غيب جي طرف کان سندن ڪنن ۾ آئي. اطمينان ڏينهون ڏينهن وڌندو ويو. ڪجھ سال شيخ احمد عطاءُ الله جي خدمت ۾ گذريا. پوءِ باطني اشاري موجب دکن روانو ٿيا. دولت آباد ۾ پهچي معرفت جي برهان سلطان برهان الدين غريب جي مرقد مبارک جو طواف ڪيائون ۽ بلند همٿيءَ جي درخواست ڪيائون. هتان بيدر شهر ۾ پهتا. بيدر ۾ شيخ منجلو رحہ هو جيکو منصور زمان مسعود بڪ جو خليفو هو. ان جي خدمت ۾ پاڻ چلي ڪشي ڪيائون. اهڙي تہ مقبوليت حاصل ٿي جو مسعود بڪي خرقو عنايت ٿين. پوءِ پاڻ گجرات ڏي موٽيا ۽ هتي وري اٽن سالن تائين حجري ۾ اڪيلائي ۽ رياضت ۾ نفس سان لڙائي لڙندا رهيا. ان کان پوءِ اصل فرمان جي تعميل عمل ۾ آئي جيکو برهانپوري ۾ رهڻ متعلق هو. ۽ هن وقت تي منحصر هو. خاناپور هڪ ڳوٺ سواد برهانپور ۾ آهي. انهيءَ ڳوٺ ۾ اچي هڪ مسجد ۾ ڪجھ عرصو گذاريائون. صوبي جي حاڪم کي خبر پئي تہ نهايت عاجزي ۽ انڪساريءَ سان کين شهر ۾ وٺي آيو سندن لاءِ گهر- خانقاهہ- جامعہ مسجد ۽ آرام گاهہ تعمير ڪرايائين. هن ڪتاب جو لکندڙ انهيءَ عمارت ۾ ڪجھ دفعا ويو آهي. عمارت جي صاحب جي مزار مبارک جو چڪر ڪٽيو آهي ۽ جمع جي نماز بہ پڙهي آهي. مطلب تہ شاہ باجن رحہ جن انهيءَ عمارت ۾ رهي باقي عمر باطن جي تعمير ۾ گذاري. هجري سنہ نَوَ سؤ ٻارهن هو. هڪ رات پاڻ شيخ فصيح الدين کي جيکو سندن دلي دوستن مان هو پنهنجي ڪوچ ڪرڻ جي خبر ڏنائون تہ صبح جو سوير ئي باجن جي غسل ۽ جنازي نماز لاءِ اچي ۽ اچڻ ۾ دير نہ ڪري. ۽ اهڙيءَ طرح پاڻ حڪم ايزديءَ مطابق صبح جي وقت ڪوچ فرمائي ويا ۽ وصيت تي بہ عمل ڪيو ويو. هڪ سؤ بہ سال عمر هئن.

مولانا نظام الدين حسين رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

پاڻ مولانا علاؤالدين محمد مڪتب دار جا پٽ آهن. جواني ۾ پوڙهن جهڙي معرفت ۽ ڪراڙپ ۾ جوانن جهڙي رياضت هئن. هوش سنياليڻ کان وٺي آخر وقت تائين ڏينهون ڏينهن معرفت ۽ خدا شناسيءَ جي نشي ۾ مست رهيا. چون ٿا تہ جهان ۾ گهمڻ جو شوق سندن دل ۾ گهڻو هو. هڪ دفعي روم جي

www.maktabah.org

رستي ۾ هڪ سيد وٽ مهمان ٿيا. ميزبان سيد جي نياڻي هميشہ بيماريءَ جي تڪليف ۾ رهندي هئي مگر انهيءَ رات تڪليف جي بجاءِ آرام ۾ رهي. صبح سان جيئن مهمان سفر لاءِ هليوا تہ روزانو وانگر تڪليف شروع ٿي وئي. گهر جي مالڪ مسافر کي هڪ بهانو ڪري واپس گهرايو. ۽ اهڙي طرح ٻہ ٽي دفعا موڪلائي ۽ وري واپسي ٿي. آخرڪار لڪل راز کليو ۽ معلوم ٿيو تہ هن نياڻيءَ جي صحت هن نوجوان جي قدمن جي برڪت ۾ آهي. لهذا بغير علاج جي ائين ئي انهيءَ نياڻيءَ جو هن سان عقد ڪري ڇڏيائين. مير علائي آبيزي انهيءَ ئي زال جي پيٽ مان ٿيو.

مولانا غياث الدين احمد رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

پاڻ سڄي عمر ظاهري اطاعت ۽ باطن جي صفائيءَ ۾ مصروف رهيا. مولانا محمد مڪتب دار جا فرزند ۽ مريد آهن. پنهنجي ڪلام ۾ پاڻ لکيو اٿن تہ مون مولانا جامي رحہ جن جي خدمت سان ڪجهہ معرفتون ۽ ڪجهہ الاهي حقيقتون حاصل ڪيون آهن. مولانا محمد روحي ساڻن محبت ڪندا هئا ۽ چاهيندا هئا تہ مان پنهنجي طرفان سندن نالي اجازت نامو لکان. مگر پاڻ شرمندگيءَ سان چيائون تہ مان پنهنجي والد بزرگوار جو خليفو آهيان ۽ مولانا محمد روحي جن جي خلافت نامي جي لائق پاڻ کي نہ سمجهندي عذر سان پيش آيا. مولانا نور الله رحہ فرمائيندا هئا تہ مڪتب دار جو فرزند شيخ روحي رحہ ڪان وڌيڪ چالاڪ ۽ اڳتي وڌندڙ آهن. بلڪ سلوڪ جي رستي ۾ سندن قدم پنهنجي پيءُ ڪان بہ وڌيڪ استحڪام سان وڌيل آهي.

مير علائي آبيزي رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

پاڻ مولانا نظام الدين حسين رحہ جن جا فرزند آهن جيڪو مڪتب دار جو پٽ هو. سندن دلپسند اقوال ۽ عجيب فعل رباني جلال ۽ جمال جو نسخو هئا. چون ٿا تہ جنهن زماني ۾ ترڪمانن جو غلبو ٿي ويو هو تہ قاضي محسن جي خدمت گذارن مان بہ باطن جا ڪارا شخص مير رحہ جو دروازو کولي اندر گهڙي آيا. انوقت مير رحہ گهر ۾ موجود نہ هو. مير رحہ جا پٽ ڇوڪرا خوف وچان پريشان ٿي ڀڄي ويا. هي ٻئي ظالم لٽ مار ڪرڻ لڳا ۽ جيڪي ڪجهہ

www.maktabah.org

مليو لٽي واپس هليا ويا. جڏهن گهر ڏٺي آيو ۽ ننڊن ٻارن کي گهٻرايل ڏٺائين تہ جنهن طرف هو ٻئي بدمعاش ويا هئا ان طرف جلال جي نظر کيائين. انهيءَ وقت جنهن دروازو کوليو هو ڪري پيو ۽ هٿ پڇي پيس ۽ ان جا کيترا ئي ننڊا ننڊا ٽڪرا ٿي پيا ۽ پيو شخص پاڳل ٿي اهڙو تہ خوار ٿيو جو وري هوش آيس ئي نہ قاضي محسن جڏهن هيءَ عجيب ڪرامت ڏني تہ سخت تعجب ۾ پيو. ۽ ان وقت عذر خواهي ڪرڻ شرمندگيءَ سان مير رحہ جي گهر ڏي ڊوڙيو. گهر وارا وري ماٺهن جو هجوم ڏسي ڏڪڻ لڳا. مير رحہ فرمايو تہ ڊجو نہ ۽ ڏکو ب نہ هي ماٺهو توهان جي دل جوئي ۽ عذر خواهيءَ لاءِ آيا آهن.

شيخ غياث الدين انڪورؒ جي ياد ۾

پاڻ ڪن روايتن مطابق هروي آهن. جذب ۽ سلوڪ ٻئي گڏوگڏ رکندا هئا. وقت جي بزرگن جي خدمت جي برڪت سان فيض جا آثار سندن حالتن ۾ ملن ٿا. مولانا نظام الدين حسين رحہ جي خدمت ۾ رازداريءَ جون ڳالهيون گرما گرميءَ سان ٿيندیون هيون. پاسي ۾ لڪل دشمن (نفس) تي جيڪا ڪين فتح حاصل ٿي هئي تہ اها مولانا جي ئي امداد سان ٿي هئي. طريقت جي آرزو رکندڙن لاءِ پاڻ اهڙي تہ نصيحت ۽ تلقين فرمائيندا هئا جيڪا بلڪل شيشي وانگر صاف- روشن ۽ مڪمل فائديمند هوندي هئي. مغاڪ جي مسجد ۾ پاڻ جڏهن مثنوي پڙهندا هئا تہ پنهنجي زبان سان عمدا عمدا ۽ دلچسپ نڪتا ۽ توجيهات ماٺهن جي سامهون بيان ڪندا هئا. جن کي ڪي ماٺهو لکي ب رکندا هئا. جڏهن جذب جو جوش مٿي کان ب مٿي نڪري ويندو هو تہ هڪ شخص جيڪو سندن مريد هو حافظ اشتر ان جو نالو هو ان جي ڪلهن تي سوار ٿي چڪر لڳائيندا هئا. سندن دعا جو نتيجو قبوليت سان گڏوگڏ ساڻ رهندو هو. سندن پٽ مريد عبدالله هو. ان کي سالڪ جذبي وارو يا مجذوب سلوڪ وارو چوڻ گهرجي. دارالسلام بلخ ۾ فيض جي تلقين ڪندا هئا ۽ ماٺهن کي ماٺهن جي عادتن ۽ خدائي اخلاق سان متصف ٿيڻ جي تعليم ڏيندا هئا. جڏهن جذبات کي جوش هوندو هو ان وقت العياذ بالله جيڪڏهن ڪوشخص گستاخيءَ جو خيال ب دل ۾ ڪندو هو تہ بنا دير جي اهڙي تہ رنج ۽ تڪليف ۾ گرفتار ٿي پوندو هو ڇڻ تہ ان تي جبل ڪري پيو هجي.

www.maktabah.org

مولانا محمود کمانگر بهدائيؒ جي ياد ۾

سندن لقب زين الدين آهي. مولانا نظام الدين حسين ابن مکتب دار جا فرزند آهن. پاڻ عالم- عامل- عارف- عاشق- بلند همٽ ۾ بلند فطرت وارا هئا. گهٽا سال خراسان ۾ گذاريائون. جڏهن بدعت جي اشاعت ۽ معاملات اسلام کان زائد ظاهر ٿيڻ لڳا ۽ ماڻهن ۾ برداشت جي طاقت نه رهي ته پاڻ ناخوش ٿي پيا. ۽ بي تاب ٿي قندار ڏي هليا آيا. چون ٿا ته جوانيءَ ۾ کين رسمي علوم حاصل کرڻ جو خيال ٿيو. هڪ ڏينهن مولانا نورالله جي خدمت ۾ سبق جي اجازت گهريائون. مولانا فرمايو ته اڄ تنهنجي اها آرزو آهي ته صدر- مفتي- قاضي- محتسب- مدرس- خطيب- امام يا متولي ٿيان ۽ انهيءَ گروه وارن جا افعال- رفتار- احڪام، ۽ آثار جهڙا به آهن کنهن کان ڳجها نه آهن. پوءِ بهتر آهي ته انهن مٿاهن منصبن جا اسباب فراهم نه ڪر. ۽ انهيءَ جماعت جي ڪارنامن مان عبرت حاصل ڪري خدا پاڪ جي ذڪر سان پنهنجي دل کي منور ڪر. مون عرض کيو ته نه بلڪ منهنجي اها آرزو آهي ته صرف نحو- منطق ۽ معانيءَ جي ذريعي قرآن پاڪ جا لطيف ۽ عجيب و غريب راز ۽ رمزون ۽ حديث نبوي عليه السلام جا عمدا عمدا نڪتا ۽ اشارا پنهنجي فطرت لاءِ معلوم ڪيان. ۽ پڇڻ وارن جي ادراڪ ۽ حال جي مطابق انهن جون معنائون جواب ۾ بيان ڪندو رهان. مولانا فرمايو ته تون جيترو به زياده پڙهندين توکي مبارڪ هجي. مقصدن جي ادراڪ ۾ تنهنجو درجو بلند رهندو. مون عرض کيو ته ڪنهن جي درس ۾ وڃي ڪتاب کوليان؟ فرمايائون ته مولانا غياث الدين احمد جي خدمت ۾. چون ٿا ته ٿوري ئي عرصي ۾ سڀني فنن جي سڀني ڪتابن ۾ دسترس پيدا ٿي وئن. پاڻ مقصد ۽ معنائن جي بيان ڪرڻ ۾ گويا وقت جي زبان بنجي ويا. سندن مجلس ۾ بزرگن جا فائديمند اقوال بيان ٿيندا هئا. جنهن ڪري سندن مجلس ڇا هئي هڪ عجيب نصيحت گاه هئي. ۽ جيڪو به شخص سندن حلقي ۾ داخل ٿي ويو اُهو مستفيض ٿي نڪتو. ما بعد جو فقرو سندن پسنديده اقوالن مان آهي. جنهن شخص جي مراد خدا کان سواءِ هوندي اُهو ڪڏهن به درويشن جي خدمت مان فائدو حاصل نه ڪري سگهندو.

www.maktabah.org

مولانا نوراللهؒ جي ياد ۾

پاڻ مولانا حسين واعظ رحہ جا فرزند ۽ مولانا سعدالدين ڪاشغري رح جن جا مريد آهن. سندن دل الله نورالسمٰوت والارض جي فروغ ڪان روشن ۽ **وان من شيءِ الا عندنا خزائنه** (۽ جيتريون شيون آهن اسان وٽ سيني جا خزانا پريل آهن) جي خزانن سان تونگر هئي. وهبي ۽ ڪسبي علمن ۾ ۽ الٰهي ۽ دنياوي مرتبن جي سجاڻ ۾ پاڻ يڪتا هئا. وڏي تعجب جي ڳالهہ اها آهي تہ جڏهن پاڻ جوانيءَ جي شروعات ۾ درس ۾ داخل ٿيا تہ نحو جو اجان هڪ رسالو بہ نہ پڙهيو هئائون تہ خدا طلبيءَ جو شوق پيدا ٿيس. جنهن ڪان پوءِ ڪتابي نقش جي حاصل ڪرڻ لاءِ دل ڪهي وئن. پاڻ لکيو اٿن تہ شيخ عبدالڪريم يمني منهنجي باري ۾ فرمائيندا هئا تہ تمام جلدي هن جوان جي علم ۽ تصوف جي شهرت سڄي جهان ۾ ٿيندي ۽ ڪُهٽا عاقل جلدئي هن نوجوان جي پسنديده تقرير مان معلومات حاصل ڪري خوشيون ملهائيندا. آخرڪار جيئن شيخ فرمايو هو تيئن ٿيو ۽ مونکي ائين ئي معلوم ٿيندو هو تہ منهنجي مٿي تي چئني پاسن ڪان علم جو مينهن پاٽيءَ وانگر وهي رهيو آهي ۽ مونکي اڌ قرآن پاڪ معنيٰ سان هڪ ئي رات ۾ ياد ٿي ويو هو. ان ڪان پوءِ علم ۽ حقائق شناسي جو استعداد هر گهڙيءَ ۾ ترقي ڪندو رهندو هو. اهو بلڪل سچ آهي تہ شيخ يمني رحہ جن جي دعا جيڪا نورالاهيءَ سان هم آغوش ٿي تہ انهيءَ ئي خير ۽ خوبيءَ سان معرفت الاهيءَ جو نتيجو ظاهر ٿيو.

شيخ مير جانؒ جي ياد ۾

پاڻ شيخ علي صوفي رحہ جن جا مريد آهن. پاڻ دارالسلام بخارا ۾ واعظ باعرفان ۽ عارف با مواعظ هئا جڏهن واعظ ۽ نصيحت شروع فرمائيندا هئا تہ وقت جي تقاضا جي مطابق اهڙيون تہ ڳالهيون بيان فرمائيندا هئا جيڪي دلپسند ۽ عقل ڪي وڻائيندڙ هونديون هيون. فنا ۽ آزاديءَ جو نشو- شيخي ۽ بزرگيءَ جو شان ضرورت ڪان وڌيڪ هوندو هئن. ناموريءَ جي خوشيءَ ڪان بيزار ٿي هي شعر ترنم سان پڙهندا هئا.

نام مشهورم کہ بيزارم ازان
درميانِ خلق آمد مير جان.

www.maktabah.org

شيخ جلال متو رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾ (1)

پاڻ شاھ شھباز رحہ جا خليفا آھن. ۽ آرامگاہ برھانپور ۾ آٿن. تصوف ۽ تحقيق- تمكين ۽ توحيد جي پاڻ تارازي ھئا. گھٽا طريقت جا سالكان سندن حذمت سان معرفت الاھي ۽ بيدار دلي۽ جي اعلي درجي كي پھچي ويا. انھن مان سراپا محبت درد ۽ مجسم سوز و گذار سيد ابراھيم بكري رحہ بہ ھئا. جن جي رفتار ۾ عرفاني جھلك نظر ايندي ھئي ۽ قولن مان حقيقت جھلكندي ھئي. سندن رھنمائي سان گھٹائي ماڻھو سلوك جي رستي تي اچي اصل مقصد كي پھچي ويا.

ٻيو شيخ زين الدين شيشہ گر رحہ ھو. عرفاني مقامات ۽ منزلن جي گلزار ۾ بھار ساڻن ھئي. استغراق ۽ توحيد جي كيفيت بي انتھا وڏيل ھئن. عالم علوي ۽ بھشت جي گھر كي اكين سان ڏسندا ھئا. صرف حقيقي جمال كي دل جو قبلو بنائي ڇڏيو ھئائون. جڏھن بہ كين حق جي ياد ۾ گرمي اچي ويندي ھئي تہ سندن زبان مبارك مان باھ جا شعلا نكرندا ھئا. ايتري قدر جو پاڙي وارن كي خيال ايندو ھو تہ شايد سندن گھر ۾ باھ لڳي وئي آھي ۽ گھبرائجي وسائڻ لاءِ ڊوڙندا ھئا. ليكن ھتي پھچڻ كان پوءِ باھ جو كو نالو نشان بہ نہ ملندو ھئن. ۽ اصل حقيقت جي بہ خبر نہ پوندي ھئن. انھي۽ سبب كري حيران رھجي ويندا ھئا.

ٽيون ميان پيارجي رحہ ھو. پاڻ حقيقي وصال جي مجلس جا محرم ۽ شھود و كشف جي درياہ جا تارا ھئا. سندن رئڙ ۾ اھو اثر ھو جو باغ ارم ۾ شگفتگي پيدا ٽيندي ھئي. سڃي عمر درود ۽ سلام موكلڻ ۾ گذاريائون. ۽ حضور اقدس سرور انبياء عليہ وعليھم السلام جن جو نوراني حليو مبارك پاڻ پنھنجي جسماني،اكين سان مشاھدو كيو ھئائون ۽ سلام و جواب سلام جي شرف سان بہ مشرف ٽيا ھئا.

چشم او روشن ز نور احمد- مختارباد

شيخ كبير رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

پاڻ شاھ شھباز رحہ جن جا خليفا ھئا. تحقيق- توحيد مشاھدي ۽ معائني ۾ كمال حاصل ھئن. عرفان ۽ وجدان جو فروغ سندن پيشاني۽ مان ظاھر ھو. مرشد جا سڀ اسرار ۽ حالات سندن علم ۾ ھئا. آرام گاہ برھانپور ۾ آٿن.

www.maktabah.org

شاھ ميان جي چشتي رحمۃ اللہ جي ياد ۾

پاڻ شيخ نجم الدين ابن شيخ بهاءُ الدين صديقيءَ جا فرزند آهن. ولادت ۽ آخري آرامگاه ٻئي منڌو (ماڌو) ۾ اٿن. پاڻ ننڍڙا ئي هئا تہ سندن والده سندن نڪاح ڪري ڇڏيو هو. جواني جي شروعات تائين پاڻ سالڪ رهيا. هڪ نياڻي ٻہ ڄائي مگر ڪير پياڪ ئي هئي تہ فوت ٿي وئي. ٻوءِ الاهي جذب جون ڪيفيتون پيدا ٿين ۽ شرعي تڪليفون دور ٿي ويون. جيڪي ڪجهہ سندن زبان مان نڪري ويندو هو يا سندن دل ۾ ايندو هو اُهو ايزدي مشيئت جي موافق ئي هوندو هو. هڪ ڏينهن جو ذڪر آهي هڪ ڏوڻئرو وڪڻڻ واري عورت سندن سامهون لنگهي. ڏوڻئري جو دلو سندن مٿي تي هو. ان کي سڏ ڪري چيائون تہ پنهنجي دلي کي اونڌو ڪري جيڪي ڪجهہ ان ۾ آهي اُهو ڪيرائي ڇڏ. هن ائين ئي ڪيو تہ هڪ مڻ نانگ ڏونئري مان نڪتو. سلطان غياث الدين ۽ ان جي پٽ نصيرالدين خلجيءَ جو زمانو هو. جو پاڻ عنصري جسم ۾ رهندي حاجتمندن کي ڪاميابيءَ جون خوش خبريون ٻڌائيندا هئا. سلطان محمود خرد جي عهد ۾ تيرهين ذوالحج ۽ هجري سنہ نو سؤ ارڙهن هو جو پاڻ جسماني گهر کان موڪلائي عالم رباني ڏي ڪوچ فرمايائون.

سندن هڪ ياءُ هو شيخ جمن نالو هئس. حال ۽ مقام جو صاحب هو. اعتبار ۽ مقبوليت ٻہ سڻي هئس. شيخ جمن جي قبر سندن ياءُ جي پرسان آهي. شيخ جمن کي هڪ پٽ هو ان جو نالو شيخ نورالله هو. پنهنجي ڏاڏي مڪرم ۽ والد بزرگوار جي جاءِ تي سجاده نشين هو. هجري سنہ نو سؤ ايڪيتاليهہ ۾ جسم جي جهان کان روحاني عالم ڏي ڪوچ فرمايائون. وارث سواءِ هڪ ڇٽن مهينن جي نياڻيءَ جي ڪير ٻہ نہ ٿيو. نياڻيءَ جو نالو خديجہ بي بي هو. ۽ هن مائي خديجہ بي بيءَ جو حقيقت حال تمام وڏو آهي. مختصر اهو تہ هجري سنہ هڪ هزار ٻن ۾ خديجہ بي بيءَ فرزند شيخ قطب الدين عالم فنا کان گلزار بقا ڏي ڪوچ ڪيو تہ هيءَ زماني جي رابعہ پنهنجي پيءُ ڏاڏي جي ياد ۾ شهر منڌو (مانڌو) سندن روضي مبارڪ تي هلي آئي ۽ روضي مبارڪ جي نگراني استطاعت مطابق ڪندي رهي. پاڻ انهيءِ ڏينهن کان اڄ جي تاريخ جيڪا

www.maktabah.org

هجري سنہ هڪ هزار ايڪيهه آهي پنهنجي اقامت ۽ عبادت جي برڪتن سان راقم جي گهر کي سعادت دارين سان مشرف ڪري رکيو آهي. ان ۾ شڪ نہ آهي تہ عارفات جي گروه ۾ هر طرح ثابت قدمي جوانمردي- ايثار ۽ قناعت جي مثل خديجہ بي بيءَ جي ڏهين صديءَ ۾ ڪير بہ ڪونهي.

شيخ ظهور حاجي حميد حصور گوالياري رحمۃ اللہ جي ياد ۾

پاڻ مولانا ظهير غزنوي رحہ جن جا فرزند آهن. سندن عنصري جسم جي سلطنت جيڪا جسماني ۽ روحاني حصن ۾ شامل آهي شهنشاهت عشق جو تخت گاه هو. ۽ سندن امڪاني بدن جيڪو ظاهري ۽ باطني جزن تي ٻڌل هو محمديہ صہ شريعت ۽ طريقت سان علىٰ صاحبها افضل الصلواة والسلام پُر رونق هئي. چون ٿا تہ سندن والد بزرگوار غزنين مان سوداگريءَ جي سلسلي ۾ هندوستان جي طرف ايندو ويندو رهندو هو. هجري سنہ اٺ سؤ پنجٽيهہ ۾ پاڻ علم الاهيءَ جي باطني شهر مان عالم وجود جي بيابان ۾ نزول فرمايائون. هڪ سال کان پوءِ هن ننڍڙي ٻار جا ڪرشما اهڙا تہ دل ربا ٿي ويا جو سندن والده کي بہ ساڻ وڃي آيا اتفاق جي ڳالهہ آهي جو ان صالحہ عورت جي زندگيءَ جا ڏينهن پورا ٿيا ۽ مجبوريءَ سبب کير نہ ملڻ ڪري ٻار جا چپ خشڪ ٿي ويا ۽ هن جو ناز سان کلڻ هاڻي رئڻ جي تلخيءَ ۾ تبديل ٿي ويو. والد سندن پرورش لاءِ جلدي هڪ کير پيارڻ واري دائي مقرر ڪئي. والد کين هر هنڌ ۽ هر حال ۾ ڪٽي گهمندو رهيو ۽ هن جي جدائي کنهن بہ ٻهاني سان برداشت نہ ڪري سگهندو هو. انهيءَ دوران هڪ رات قافلي وارن تي ڏاڙيلن حملو ڪيو ۽ مولانا ظهير کي تلوار سان زخمي ڪري شهيد ڪيائون ۽ اهڙي طرح هي ٻار يتيم ٿي پيو. ائين ئي سمجهڻ گهرجي تہ ماءُ جي وفات جو غم پيءُ جي شهيد ٿيڻ جي درد سان گڏ هو.

مطلب تہ جنهن ڳوٺ جي ويجهو قافلو لٽل هو. صبح ئي سان انهيءَ ڳوٺ جو مقدم انهيءَ حادثي واري جاءِ تي پهتو تہ جيئن قافلي جي سالار جي حقيقت معلوم ڪري ۽ لٽيلن جي تفتيش ۽ تحقيق ڪري. اُتي وڃي ڏنائين تہ هڪڙو ٻار زمين تي پيو آهي ۽ روئي رهيو آهي. انتهائي مهرباني سان هن کي ڪڇ ۾ کنيائين انهيءَ دوران هڪ گهاٽن وٽن جي کنهن ڪنڌ مان هڪ عورت

www.maktabah.org

نڪتي. ان کان پڇيائين ته تون ڪير آهين. هن جواب ڏنو ته مان هن ٻار جي دائي آهيان. مقدم کي جيڪو دل ۾ فڪر ٿيو هو ته هن ڪير پياڪ ٻار جي مان سنيال ڪيئن ڪندس ان کان هن کي نجات ملي ۽ خوشيءَ سان ٻار کي دائيءَ جي حوالي ڪيائين ۽ ٻنهين کي پنهنجي گهر وٽي آيو. والد وانگر پرورش ۽ گهٽو پيار ڪرڻ لڳو.

هاڻي غوثي تفصيل جي بجاءِ مختصر احوال ٿو لکي ته جڏهن انهيءَ ڪير پياڪ ٻار کي هوش اچڻ لڳو ته رسمي علم حاصل ڪرڻ شروع ڪيائين. مقدم جي دل ۾ ٻه سنڌن هي طريقو ويهي ويو ۽ علم حاصل ڪرڻ لاءِ ضروري سامان ذميداري ۽ اهتمام سان پهچايائين. جڏهن علم حاصل ڪرڻ سان سنڌن دل ۾ پوري فراست پيدا ٿي ۽ پاڻ پنهنجي گذريل ماجرا کان ٻه واقف ٿيا ته ان ڳوٺ کي ڇڏي اچي گواليار ۾ قيام ڪيائون ته جيئن جيڪي علم ۽ فن حاصل ڪيا اٿن اُهي ٻين تائين پهچائن. هي ڪم هلي رهيو هو ته سنڌن دل ۾ خداشناسيءَ جو ولولو ۽ طلب جو شعلو پيدا ٿيو. ڳولنديءَ ڳولنديءَ ڪين شاهه قاضن شطاريؒ جن جي خدمت ۾ رستو مليو ۽ پاڻ هتي بيعت ڪيائون. ٿوري عرصي ۾ ڪامل مرشد جي بامعرفت تلقين سان ڪين مراد حاصل ڪري بيحد خوشي حاصل ٿي. جڏهن پير بزرگوار رحلت فرمائي ته مخدوم زاده حقيقي شاهه ابوالفتح هديه سرمست جي خدمت ۾ رهي جيڪو فيض شاهه قاضن رحه جن جي خدمت ۾ رهجي ويو هو اُهو شاهه سرمست جي خدمت جي ڪري حاصل ڪيائون. جڏهن سنڌن عمر مان چاليهن سالن جو چلو پورو ٿيو ۽ هوڏانهن توفيق جي شراب جو دور ختر ٿيو ته پاڻ حجاز جي سفر جي اجازت گهريائون. شاهه ابوالفتح نامدار خانوادن جي خلافت جو خرقو عطا فرمائي مبارڪ سفر جي اجازت ڏني. هي واقعو شاهه ابوالفتح جي ذڪر ۾ ڪجهه تفصيل سان لکيل آهي. جڏهن رخصت ملين ۽ ارادو ٻه مضبوط ٿين ته پاڻ سفر جي چادر ڪلهن تي رکي هر طرف ۽ هر شهر جي بزرگن ۽ عارفن کان تصوف جي راهه ۾ معنوي سلوڪ ۽ منزل شناسيءَ جو توشو حاصل ڪيائون. هنن سيني ۾ سنڌن اعليٰ درجي جو ذخيرو اُهو آهي جيڪو اويسيه سلسلي ۾ شيخ علي شيرازي رحه جي خدمت مان مليو هئن. شيخ علي شيرازيءَ جو لقب علي ثاني رحه آهي ۽ شيخ عزيزالدين عبدالله مصري رحه جا خاص مريد آهن. جيڪي هڪ روايت مطابق

www.maktabah.org

زمان ابوالوقت خواجہ اویس قرني يمنيءَ جا بغير واسطي مريد آهن. مختلف قسمن جون اثرائتون دعائون ۽ صوفين جي طريقن جا شغل امام زمان جي نسبت محکوم جو حڪر رکنديون هيون. ۽ علي ثاني رحہ جن کي سلسلي جي طريقي مطابق ٿوري ٿوري ڪري عنايت ڪيون ويون هيون. هي سڀ علي ثاني رحہ جي حڪم جي برڪت سان حاجي حميد حصور کي بہ پهتيون.

پيو چشتيہ سلسلي ۾ شيخ محمد غياث چشتي رحہ جي خدمت مان سپردگي نامون ۽ اجازت جو خرقو حاصل ٿين. شيخ محمد غياث چشتي رحہ جن حضرت خواجہ معين الاسلام رحہ جن جا بزرگ خليفا آهن. ۽ خواجہ معين الدين الاسلام رحہ جن خواجہ شيخ حسام الدين مانڪپوري رحہ جا خليفا هئا.

هن سڄي گذارش جو مطلب اهو آهي تہ پاڻ حج ۽ عمري جا سڀ ارڪان ادا ڪري مدينہ منوره جي طواف جو عزم ڪيو ۽ اتي چاليهن سالن جو چلو نبي ڪريم ﷺ جن جي روضي اقدس تي بي انتهاً شوق سان ٻهارو ڏيندي پورو ڪيائون. جڏهن بدن جي عمارت ۾ پيريءَ جي سستي پيدا ٿي. هڪ ڏينهن ڪٺهري وٽ انتهائي ادب سان بيهي عرض ڪيائون تہ حاجي حميد حصور کي پيريءَ جي ناتوانيءَ اچي ورايو آهي ۽ ظاهري ڪو پٽ بہ ڪونهي پوءِ هي احميديہ ۽ احديہ اسرارن کي ڇا ڪري جيڪي هن وٽ محفوظ آهن ۽ جيڪي ڪجهہ مڪاشفي ۾ حضور صہ جن جي امت جي بزرگن جي پيرويءَ سان حاصل ٿيو آهي. اهي جملي اسرار ڪنهن جي سپرد ڪيان. جيئن حڪم ٿئي تيئن تعميل ڪيان. چون تا تہ خواب ۾ ٻن ننڍڙن ٻارن جون ۽ خيالي صورتون ڪين ڏيکاريون ويون ۽ ارشاد ٿيو تہ باڪمال سعادتمندن جون بہ مثالي ۽ خيالي صورتون جن ٻارن جون آهن اُهي تنهنجي خزاني جا خزانچي ازل کان نالي ٿيل آهن ۽ انهن جو ديدار هندستان ۾ توکي تلاش ڪرڻ سان ٿيندو. هن حڪم جي مضمون مان پاڻ اهو سمجهائون تہ واپس هندوستان ڏي وڃڻ جو حڪم مليو آهي جڏهن سمنڊ پار ڪري پنهنجي اصل گهر گوالیار ۾ واپس آيا تہ چند ڏينهن کان پوءِ جيڪي حليہ مبارک خواب ۾ ڏيکاريا ويا هئا اُهي شيخ بهول رحہ ۽ شيخ محمد جي صورتن ۾ بيداريءَ جي حالت ۾ سامهون آيا. اهو ڏسي خدا پاڪ جو گهڻو شڪر ادا ڪيائون. ان وقت شيخ محمد جي عمر ست سال کان مٿي هئي ۽ خدا شناسيءَ جي ڪوچي ۾ اڃان طفل هئا. پاڻ ٻنهين کي موثر

www.maktabah.org

نفس جي مدد سان پاڻ ڏي چڪي خدمت ۾ متوجه ڪيو. ۽ نامور سلسلن جي مشائخن جا ڪمالات ۽ حالات- انهن جا اطوار ۽ اسرار خاص ڪري شطاريه مشرب جي رُفتار- دعوت جو فن- انڪار جو طريقو ۽ اشغال ۽ تصورات جون سندون مطلب ته سڀ شيون بن سالن اندر تعليم ۽ تلقين فرمائي ڇڏيون. شيخ بهلول رحه ڪي ساڻ ونيءِ بهار جي صوبي جي طرف سير ڪرڻ هليا ويا ۽ شيخ محمد ڪي چنار جي ڪوهستان ۾ حجري ۾ رياضت جي اندر معرفت حاصل ڪرڻ لاءِ مشغول فرمايائون. پوءِ چند ڏينهن کان پوءِ شيخ بهول رحه جي سفارش شيخ محمد ڪي ڪري فيض حاصل ڪرڻ لاءِ ان ڏي موڪليائون. شيخ محمد پاءُ جي گهر ڪشائي پير جي خدمت ۾ سمجهي واپس ڪري ڇڏيائين ۽ انهيءَ سلسلي ۾ سندن خدمت ۾ هڪ درخواست لکيائين- انشاءَ الله هيءَ سڄي ماجرا ٻنهين بزرگن جي ذڪر ۾ تفصيل سان لکبي.

چون ٿا ته تيرهن سال ۽ ڪجهه مهينن کان پوءِ مريد ڪي مراد سان ڪامياب ڏنائين ۽ مريد جون مشتاق اکيون پنهنجي ديدار سان منور فرمايائين. مريد به رياضت جي ڏينهن ۾ هي ڪم ڪيو جو پنهنجي عملن ڪي پنجن طريقن سان ترتيب ڏئي هڪ ڪتاب تصنيف ڪيائين جنهن جو نالو "جواهر الخمسه" رکيائين. هي ڪتاب شريعت ۽ سلوڪ جي اطوار ۽ طريقت ۽ تصوف جي اسرارن تي مشتمل آهي ۽ سيني خداشناسن سالڪن لاءِ دستورالعمل جو حڪم ٿو رکي. جڏهن ڪتاب مريد مرشد جي خدمت ۾ پيش ڪيو جيڪو عرفان جي حالات تي مشتمل هو ۽ ان جو نتيجو به عرفان آهي ته پير خوش ٿي فرمايو ته اسرارن ۽ اعمالن جا جواهرات جيڪي منهنجي تصرف ۽ قدرت ۾ هئا اهي اڄڪي ئي تنهنجي حوالي ڪري ڇڪو آهيان ۽ مون پاڻ وٽ نالي کان سواءِ ڪجهه به نه رکيو آهي. هاڻي نالي کي به ڪتاب جي بدلي ۾ جيڪو معلم افعال آهي توتي تصدق ٿو ڪيان. ان کان پوءِ الله جلشانه جو شڪر بجا آڻي فرمايائون ته خدا جو احسان آهي جو هن سوڙهي گهٽيءَ (دنيا) ۾ اچڻ وقت جيڪو رنگ هو هتان وڃڻ مهل انهيءَ وقت جي هم رنگ آهيان. ان کان چند ڏينهن کان پوءِ فارغ البالي ۽ دل آسودگيءَ سان تاريخ ٻاويهين ذوالحج هجري سنه نو سؤ ٽيهه تي فرق جي تفرقي سراءِ (عالم دنيا) کان جمع الجمع جي جميعت آباد (عالم علوي) ڏي ڪوچ فرمايائون. سندن آرام گاه بهار ۽ سارن جي پاڪ زمين ۾ آهي جنهن جي زيارت ننڍا وڏا اڄ به ڪندا آهن.

www.maktabah.org

شيخ ابوالفتح هدية الله سرمست رحمة الله عليه جي ياد ۾

پاڻ شيخ قاضن شطاري رح جن جا فرزند آهن قدس الله سرهما- سندن ڪرامتون ظاهر ۽ مقامات مٿاهان هئا. زماني جي بزرگن جي محل تلقين ۾ دانش ۽ بينش جو ڏيو باريو هئائون. جوانيءَ جي شروعات ۾ پاڻ والد بزرگوار جي تلقين کان رهجي ويا. شيخ ظهور حاجي حصور سندن والد جو خليفو آهي. انهيءَ سندن رهنمائي ۾ همٽ ۽ عزم کان ڪم ونندي بنهين جهانن جي ڪمال کان مستفيض ڪيو. ۽ تصوف جون منزلون ۽ مقامات حل ڪرايا ايستائين جو پاڻ مسند تي رونق بخش ٿيا. آخرڪار جيڪو خلافت جو خرقو سندن والد بزرگوار کان حاجي حصور کي مليو هو اُهو حاجي حصور کان ڪين مليو ۽ چيائون ته هي خرقو توهان جي لاءِ شيخ قدس سرهُ جن منهنجي حوالي ڪيو هو. هاڻي توهان هن کي پايو ۽ طالبان خدا جي رهنمائي ڪيو. ان کان پوءِ چند ڏينهن حاجي حصور سندن خدمت ۾ ڪوشش ڪئي. خلافت جو خرقو ڪائنئن ورتو ۽ پنهنجي طرفان پاڻ کي شيخ ابوالفتح جي خلافت کي مشهور ڪيائون چون ٿا ته هجري سن نو سؤ چاليتاليهه ۾ جنت آشياني نصيرالدين همايون شاهه جڏهن بنگال جو صوبو فتح ڪيو ته شاه سندن خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ جڏهن دارالسلطنت آگري ڏي واپس اچڻ لڳو ته نهايت ادب سان کين پاڻ سان گڏ آندائين. رستي ۾ شاهه کي دشمنن جي نظر لڳي ۽ لشڪر ۾ پراگندگي ۽ تشويش پيدا ٿي پئي. مجبوراً شيخ ابوالفتح حاجي پور ۾ قيام فرمايو ۽ آخر وقت تائين اتي رهيا. جڏهن زندگيءَ جو وقت پورو ٿيو ته اتي ئي سندن آرام گاهه ٻه بنيو. سندن پٽ شيخ رڪن الدين هو شڪل و صورت ۽ سيرت- علم ۽ عمل- حال ۽ قال- ۾ والد بزرگوار جي مثل هو وليءَ جي جاءِ تي سجاده نشين ٿيو. شيخ ڪمال الدين سليمان قريشي جيڪي راقم جا معلم آهن. شيخ رڪن الدين جا وڏا خليفا آهن.

www.maktabah.org

مولانا شمس الدين محمد زيرك رحمة الله عليه جي ياد ۾

شيراز جي وڏن عالمن ۾ سندن شمار آهي. عبارت آرائي ۽ استعارات پيدا ڪرڻ ۾ ڪمال جو درجو حاصل هئن. سلطان محمود ڪلان جي عهد ۾ پاڻ وطن ترڪ ڪري پنهنجي مبارڪ قدمن سان گجرات جي صوبي کي رونق بخشي هئائون ۽ سندن التفات سان سلطان محمود العاقبته گهڻو فائدو حاصل ڪيو "ماثر محمود شاهي" سندن ئي تصنيف آهي. تشبيهه- توجيهه- تمثيل ۽ استعاره جي ذريعي حڪايت لکڻ ۾ شور انگيز شيريني عبارت ۾ گهڻي پيدا ڪئي اٿن. هن ڪتاب جا واقعات پڙهڻ سان تاريخ دانن جي دل خوش ۽ عبرت- تجربو- حيرت ۽ آگاهيءَ سان مالا مال ٿي ٿئي.

شيخ بخشو رحمة الله عليه جي ياد ۾

پاڻ خدا دوست آهن. فرق من الله (ولادت) ۽ وصل الي الله (بعد وفات) سندن گهر دسور (مند سور) ۾ هو. ڪجيءَ جي وڻ مان ڪير نڪرندو آهي جنهن کي هندي زبان ۾ تاڙي چئبو آهي. گهڻا ماڻهو نشي ۽ ڪيف لاءِ پئندا آهن. جيئن ته سندن قدم شريعت جي رستي تي استوار هو ان ڪري پاڻ هڪ ڏينهن جاگيردار جي مدد سان تاڙيءَ جي مٽن کي ٽوڙي پيئڻ وارن کي روڪيو. انهيءَ دشمنيءَ سبب هي ماڻهو هڪ رات تيار ٿيا ته شيخ کي هستيءَ جي عالم کان نيستيءَ جي عالم ڏي روانو ڪري نابود ڪري ڇڏجي. جڏهن گڏجي سندن حجري وٽ پهتا ته فوراً انڌا ٿي پيا هيءَ ڪرامت ڏسي لاچار ٿي سڀ ماڻهو معذرت ڪرڻ لاءِ روئندا پٽيندا سندن آستاني تي پهتا ۽ مٿان زمين تي رکي ڇڏيائون. پاڻ مهرباني ۽ سان انڌن ڏي نگاه ڪيائون ته هو ٻيهر اکين وارا ٿي پيا. قصو ڪوتاه هجري سنه نَوَ سؤ سورهن ۾ پاڻ نيستيءَ جي گهر مان ڪوچ فرمايائون. ٿي پٽ ڇڏيائون جن جا نالا هي هئا. شيخ بڏن- شيخ حسن ۽ شيخ معين الدين. انهن ۾ پهريون صاحبزادو علمن سان آراسته ۽ سٽن افعالن وارو باطن ۾ فارغ ۽ ظاهر ۾ پاڪيزه هو.

www.maktabah.org

شيخ عطن رحمة الله عليه جي ياد ۾

پاڻ ترڪي نسل جا هئا. سندن رسمي ۽ لدني علم ڪمال درجي تي پهتل هئا. سلطان سڪندر لوڌيءَ جو زمانو هو جڏهن پاڻ ترڪستان کان هندستان آيا هئا. ۽ ناگور کي پنهنجو وطن ۽ ابدي آرامگاه قرار ڏنائون. هڪ سؤ ويهه سال زندگي ۽ زنده دليءَ سان گذاريائون. گهٽن ماڻهن سندن خدمت سان معرفت جو نور حاصل ڪيو خاص ڪري حقائق آگاه شيخ مبارڪ ابن جعفر رحه جن سندن اثرائتي ۽ فيض بخشيندڙ ساهه مان تلقين حاصل ڪئي. ۽ هي حال ڪجهه ٿورو شيخ مبارڪ جي مبارڪ ياداشت ۾ به انشا الله لکيو ويندو.

شيخ عبدالله بيابانيؒ جي ياد ۾

پاڻ شيخ سماءُ الدين دهلوي رحه جن جا فرزند آهن. علم ۽ معرفت ۾ ڪمال رکندا هئا. آبادي‌ءَ کان پوءِ اڪثر بيابانن ۾ بسر ڪندا هئا. جڏهن بڪ جي باهه پڙڪندي هئي. تہ پاڻهين پيدا ٿيندڙ گاهه کائي ڇڏيندا هئا. چارئي موسمون آسمان جي هيٺان گذاريندا هئا. قرآن پاڪ حفظ ٿيل هئن. هر روز هڪ ختم پورو ڪندا هئا. هر روز صبح جي وقت بيابان جا پکي ۽ جانور سندن ديدار لاءِ اچي چئني طرفن کان گڏ ٿيندا هئا. جڏهن پاڻ وڃڻ جو اشارو ڪندا هئا تہ سڀ پنهنجو پنهنجو رستو وٺندا هئا. فرمان روايان خلجيءَ جو زمان هو تہ مانڊو ۾ آيا. قلعي کان هيٺ وارو جهنگل کين سنو لڳو. هڪ عرصو اُتي ئي گذاريائون. ماڻهن سان گهٽ ملندا هئا. جڏهن واپسيءَ جو فرمان پهتن تہ نهايت ڪشاده پيشانيءَ سان لبيڪ چئي روانہ ٿيا. آرامگاه چتري ڳوٺ ۾ اٽن، مانڊوءَ جي قلعي کان ٽن ڪوهن جي فاصلي تي. کين ڪو اولاد ڪونہ هو. البتہ سوٽن مان هڪ ضعيف العمر شخص هو جنهن جو نالو شيخ حسين هو. گلزار الابرار جي لکندڙ سان سندس سڌا تعلقات هئا. شيخ جمال کنبو رحه مصنف سير العارفين جا شعر جيڪي شيخ سماءالدين جي مدح ۾ آهن. اُهي شيخ حسين کي ياد هئا. موقعي ۽ محل کي ڏسي پڙهندا هئا. هجري سن هڪ هزار ستن ۾ ڪوچ فرمايائون. هڪ نابينا پٽ ڇڏيائون جنهن جو نالو گهوڙن آهي. الله ان کي باطني نور عطا فرمائي.

www.maktabah.org

شيخ چندن قريشي رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

سندن آخري آرامگاه آگري ۾ آهي. ديني علوم- پرهيزگاري- بلند همتي- ايثار- توڪل- شان بزرگي- ۽ حال اهي سڀ پسنديده صفتون ڪين حاصل هيون. پاڻ زماني جا افضل شيخ ابوالفضل مبارڪ ابن خضر رحہ جن جا مادري ڏاڏا آهن. هڪ روايت موجب شيخ سماءُ الدين دهلويءَ رحہ جن جا مريد آهن جيڪو شيخ جمال دهلوي رحہ جن جو پير هو. پاڻ فرمائيندا هئا تہ مرد جي لاءِ الله تعاليٰ جي عنايت سان چار شيون ڪافي آهن. علم ۽ عمل- عمر ۽ عافيت ۽ اهي چارئي شيون انساني خمير ۾ داخل آهن. انهن جي حاصل ڪرڻ لاءِ دعا جي ذريعي خواهش ڪرڻ گهرجي تہ پوءِ عبديت جو مرتبو ڪمال تي پهچندو.

شيخ ابوبڪر قريشي رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

پاڻ سلطان سڪندر لوڌيءَ جي زماني ۾ اصلي وطن ڪان اچي دارالسلطنت آگري ۾ اقامت اختيار ڪئي هئي. رسمي علمن ۾ ڪين ڪمال حاصل هو. پنهنجي وقت جا پرهيزگار هئا. "وصايائي امام محمد صلی اللہ علیہ وسلم رحمت الله" تي ۽ "اصول بزودي" تي هڪ شرح لکي اٿن. جيڪا مشڪلن کي حل ڪرڻ واري ۽ نڪتہ آرا آهي. چون ٿا تہ هڪ رات عالم مثال ۾ خاتم النبوت صلی اللہ علیہ وسلم جن جي زيارت نصيب ٿين. حضور پاڪ صلی اللہ علیہ وسلم جن حڪم ڪين تہ وڃ اُنهيءَ زمين تي جنهن ۾ لڻ ڪُتل آهي ان ۾ وڃي هڪ ڪوهہ ڪوٽاءِ. صبح ئي سان وڃي ڏنائون تہ هڪ ڪڏو ڏنائون جيڪو لڻ جي نوڪ جي مقدار جو هو پاڻ حڪم جي تعميل نهايت ڪوشش سان ڪيائون. هاڻي ان جي جاءِ تي هڪ ڪوهہ آهي جيڪو هميشہ مني پاڻيءَ سان پريل رهندو آهي. آخرين سفر ڪانپوءِ جوڳي پور ۾ دفن ڪيا ويا جيڪو آگري جي ويجهو آهي.

شيخ جلال محمد قادري رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

سندن پيدائش دهليءَ جي آهي. ظاهري علم حاصل ڪرڻ لاءِ گجرات ڏي هليا ويا. سڀ فن ۽ درسي علم حاصل ڪيائون. ان کان پوءِ خداشناسيءَ جو ولولو دل ۾ جوش مارڻ لڳو رهنما ۽ مرشد جي ڳولا ڪيائون. انهن ڏينهن ۾ شيخ بهاءالدين انصاري ملتاني رحہ جن شهر مانڊو ۾ هئا. انهن جي فيض

www.maktabah.org

بخشيءَ جي شهرت ٻڌائون. ڪَنَ ڪڙا ٿين. لاچار گجرات کان مانڊو ۾ اچي بهائيه مريدن جي زمري ۾ داخل ٿيا. ڪجهه سال شيخ انصاري رحه جن جي خدمت ۾ رهي فيض حاصل ڪيائون. جڏهن سندن پير مالوه جي حاڪم کان رنج ٿيو ته پاڻ به پنهنجي پير سان گڏ دولت آباد دکن جو عزم ڪيائون. هتي نابڪار نفس جي لڙائيءَ ۾ ڪمال حاصل ڪري ڪاميابي حاصل ڪيائون. ان کان پوءِ ماٺهن جي هدايت ڪرڻ لاءِ برهانپور ۾ رهڻ جي اجازت گهريائون. اجازت ملين. جڏهن حجاز جو سفر ڪيائون ته دل ۾ پکو پهه ڪيائون ته جنهن شهر ۾ رهڻ جو حڪم ٿيو آهي ان ۾ ئي قيام واسطي بسترو لڳائيندس. اتفاق سان رستي ۾ اسهالن جي بيماري ٿي پين جنهن کين ساڻين سان سفر ڪرڻ نه ڏنو. بغير علاج جي قافلي کان به الڳ ٿي آبادي‌ءَ کان به پري جهنگل بيابان ۾ رهجي ويا. ايڪري ۾ ڏنائون ته هڪ اُٺ سوار هڪ رستي کان اچي پهتو ٿ بيمار جو مقصد پڇڻ لڳو. ڪيفيت عرض ڪيائون. پوءِ پاڻ اُٺ سوار جي چوڻ تي اکيون بند ڪيون ته هُنَ پڪڙي کين اُٺ تي سوار ڪيو ٿ جلد ئي لاهي ڇڏيائين. جڏهن اک کوليائون ته پاڻ کي منيٰ جي بازار ۾ ڏنائون. ڏاڍو خوش ٿيا ٿ عاجزي ٿ انڪساري ٿ نياز جو اظهار ڪيائون. ٽورن ڏينهن کان پوءِ جيڪي جيڪي ماٺهو گڏ هئن اُهي به اچي پهتا ٿ سندن پهچڻ جي حقيقت ٻڌي ڏاڍو حيران ٿيا. اهڙيءَ طرح حج ٿ عمري جا ارڪان ادا ڪري هندستان ڏي واپس موٽيا. ٿ برهانپور ۾ اچي گهر به بنايائون ٿ خانقاهه به تعمير ڪيائون. گهڻن ئي ماٺهن کي هدايت جي ڪري معرفت الاهيءَ تائين پهچايائون.

چون ٿا ته هڪ رات پير خواب ۾ ٻڌاين ته شيخ محي الدين عبدالقادر جيلاني قدس سرهُ جن جو جيڪو خرقو مبارڪ مون تائين پهتو هو هاڻي تو وٽ امانت آهي. انهيءَ خرقي کي بيدر ۾رفلاڻي ڏينهن شيخ محمد ملتاني رحه کي پهچاءِ جيڪو اسان جو خاص خليفو آهي. جيئن ته ٽن ڏينهن ٿ راتين ۾ ٽي سؤ ڪوهه جي مسافت ڪرڻ جي گنجائش نه هئن لهذا پيرن جي بجاءِ همٽ جي ٻانهن کي پرواز ڪرايائون ٿ **غدوها شهر ورواحها شهر**. (ان جي صبح جي منزل هڪ مهيني جو رستو هئي ٿ اهڙيءَ طرح اُن جي شام جي منزل مهيني جو رستو هئي) جي طاقت ظاهر ٿي. پالکيءَ واري کلهن تي پالکي ته رکي

www.maktabah.org

زمين تي پير نہ پيا لڳنس. سليماني تخت وانگر هوا ۾ نهايت تيز رفتاريءَ سان هلي رهي هئي. مقرر وقت کان اڳ جتي پهچڻو هو وڃي پهتا ۽ ٿوري ئي وقت ۾ برهانپور ۾ موٽي آيا.

شاهه شهباز جي خليفي شيخ جلال متوءَ کي هڪ رات ڏسڻ ۾ آيو ته آسمان کان زمين تي جوق در جوق فرشتا اچي رهيا آهن. معلوم ڪيائون ته ڪهڙي ڪر لاءِ معمور ٿيا آهيو. فرمايائون ته شيخ جلال جي مقدس روح جي استقبال لاءِ موڪليا ويا آهيون. شيخ جلال مَتوءَ پاڻ ڏي اشارو سمجهي صبح ئي سان آخري سفر لاءِ تياري شروع ڪئي ته ايتري ۾ هڪ دوست آيو ۽ بيان ڪيائين ته اڄ رات عالم قدس جي باشندن مونکي شيخ جلال محمد قادري رحہ جن جي رحلت جو اطلاع ڏنو آهي. اڄان اها گفتگو هلي رهي هئي ته هڪ شخص مجلس ۾ آيو ۽ شيخ جلال محمد قادري رحہ جن جي وصال جي خبر بيان ڪيائين. تاريخ ٽيويهين ربيع الاول ۽ هجري سنہ نو سؤ اناويهہ هو. سندن قبر برهانپور جي بازار ۾ مقدر هئي ۽ اُتي ناهي وئي.

شيخ احمد نارنولي رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

پاڻ شاگرد ۽ وري مريد ۽ شيخ ناگوري رحہ جن جا آهن ۽ فرزند قاضي مجدالدين جا آهن جيڪو قاضي شمس الدين جو پوٽو هو. نسل ۾ امام محمد شيباني رحہ سان ملن ٿا. جيڪو امام اعظم ابي حنيفہ رحمتہ اللہ عليہ جو دوست هو. چون ٿا ته شيخ احمد پاڻ ۾ ست پائر هئا. جيڪي سڀ عالم ۽ پرهيزگار هئا. ليڪن علم- عمل- عمر ۽ عبادت جي لحاظ کان پاڻ سيني ۾ وڌيڪ بزرگ هئا. سورهن ورهن جي سندن عمر هئي ته پاڻ زماني جي سيني عالمن تي غالب هئا. ۽ وري دولت مندن جي محفل ۾ به بالاڻشين هئا. ارڙهين سال ۾ رسمي طور بيعت ڪري مجلسن ۾ وهڻ ۽ بحث مباحثا ڇڏي ڏنائون. ۽ گوشي نشينيءَ جي خيال سان اجمير شريف اچي پهتا. هر روز اڌ رات جو خواجہ معين الاولياء رحہ جن جي روضي مبارڪ تي ويندا هئا. يوسفي اعجاز جا دروازا کلي ويندا هئا. ان وقت کان وٺي چاشت جي نماز تائين سواءِ ورد- دعا- نماز نفل ۽ فرض نماز جي ڪوبہ ٻيو ڪم نہ ڪندا هئا. ۽ نہ وري ڪو حرف زبان مان

www.maktabah.org

ڪيندا هئا. ان کان پوءِ سمهڻ جي وقت تائين درس- قيلولہ- فرض نماز ۽ مستحب- دعاخواني- وعظ گوئي ۽ تفسير ۾ مشغول رهي هڪ پلڪ جي فرصت به پاڻ تي جائز نہ سمجهندا هئا.

مطلب تہ اهڙي طرح ستر سال اُنهيءَ جاءِ تي گذاريائون هجري سنہ نو سؤ ٻاويهن ۾ جڏهن سندن عمر نوي سال ٿي تہ خواجہ معين الاولياء رحہ جن جي طرف کان اطلاع مليو تہ هن شهر ۾ هڪ عظيم آفت اچڻ واري آهي. لهذا توهان پنهنجي مريدن جي گروه کي ساڻ ونڊي رانا سانڪا جي حادثي کان ست ڏينهن اڳ نارنول هليا وجو. ٿن سالن کان پوءِ الله دين مجذوب رستي ۾ ملين ۽ چيائين تہ احمد ڊوڙپاءِ جلدئي طلب جو پيغام ٿو اچي. لاچار پاڻ سرگردان ۽ پريشان ناگور پهتا ٻئي سال پنجويهين صفر هجري سنہ نو سؤ ستاويهن ۾ عالم علويءَ ڏي ڪوچ فرمايائون.

غوث الاولياءَ جي تصنيفات ۾ صاحب ممدوح لکن ٿا تہ جنهن زماني ۾ ڪوهستان چنار ۾ رهي نفس سان لڙائي ڪري رهيو هئس تہ ان زماني جو ذڪر آهي تہ مون خواب ۾ ڏٺو تہ شيخ شرف احمد- يحيٰ منيري- بهار ۽ بنگال جي مشائخن سان گروه جي صورت ۾ گنگا درياه جي ڪناري تي بينل آهن ۽ هن درويش کي به سڏن پيا. جڏهن خواب کان بيدار ٿيس تہ خدمت ۾ حاضر ٿيس. حڪم ڪيائون تہ ناگور تائين تون اسان سان گڏ هل. مون بهانو ڪيو تہ قبول نہ ٿيو. فرمايائون تہ اڄ قطب زمان شيخ احمد مجد خليفو شيخ حسين ناگوري رحہ جو عالم علويءَ ڏي ڪوچ ڪري ويو آهي ۽ حضرت خاتم النبيين ﷺ جنازي نماز جي واسطي تشريف فرما ٿيا آهن. مشائخن جي پهچڻ جو انتظار ٿي رهيو آهي. هي بڏي انڪار جي گنجائش نہ رهي. شرف الاوليا منهنجو هٿ پڪڙيو ۽ "هو" چيو تہ اسين فوراً دهليءَ پهچي وياسين ان صوبي جي مشائخ اُتي انتظار ۾ هئا. سيني گڏجي هُو چيو تہ پاڻ کي ناگور جي حدن ۾ ڏٺوسين. اوچتو برتلي حوض جي ڪناري هڪ تابوت نظر آيو جنهن جي ويجهو حضرت سردار انبياءَ عليہ السلام جن وينا هئا ۽ مشرق و مغرب جا بزرگان گروهن جي شڪل ۾ بينا هئا. هن درويش کي پهرين صف ۾ سڏيائون ۽ شيخ فريدالدين عطار رحہ ڏي اشارو ٿيو تہ پنهنجي فرزند کي چئو تہ امام بنجي. ڪمال ادب ۽ ڊپ کان بدن ۾ ڏڪڻي پيدا ٿي. عرض ڪيو ويو تہ هي ڊڄي ٿو ۽ هن کان

www.maktabah.org